ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

69 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (95) خميس 15 آڪٽوبر 2026 ع 03 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (61)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران وٽ جديد هٿيار اچي ويا، "اڳرائي جي ڀُل به نه ڪجو"، پاسدارن انقلاب جو آمريڪا ۽ اسرائيل کي چتاءُ

"انتظار ڪريو ته اسان ايران سان ڇا ٿا ڪريون" آمريڪي صدر پاران تهران خلاف طاقتور فوجي ڪارروائي جي ڌمڪي

دنيا ڏسندي ته آمريڪا ايران خلاف ڇا ٿو ڪري، واشنگٽن جي بنيادي ترجيح ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪڻ آهي، ان معاملي تي آمريڪا پنهنجو دٻاءُ نه گهٽائيندو: صدر ٽرمپ

ايران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف پنهنجي فوجي صلاحيتن ۾ واڌ ڪندي انتهائي جديد هٿيار حاصل ڪري ورتا، 40 ڏينهن واري جنگ دوران ايران گهڻو پراڻا هٿيار استعمال ڪيا: ترجمان پاسدارن انقلاب

ايران کنهن به نئين اڳرائيءَ جو اڳ کان وڌيڪ طاقت سان جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي ۽ هن ڀيري آمريڪا لاءِ ان جا نتيجا وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هوندا: ايراني اختيارين جو ٽرمپ جي ڌمڪي تي ردعمل

واشنگٽن (مر ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران خلاف وڌيڪ قدم کڻڻ جو اشارو ڏيندي چيو آهي ته دنيا ڏسندي ته آمريڪا ايران خلاف ڇا ٿو ڪري. هن چيو ته واشنگٽن جي بنيادي ترجيح ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ کان روڪڻ آهي. اناڊولو نيوز ايجنسي موجب، ڊونلڊ ٽرمپ ايران بابت اهي سخت بيان واسلا الاسڪا ۾ هڪ چونڊ مهم جي جلسي کي خطاب ڪندي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري کي فرانس ۽ سعودي عرب جي نامزد سفيرن پاران سفارتي سندون پيش

زان ٽوئل پواغيبي ۽ سعودي سفير ڊاڪٽر راجح ظامي البقمي پنهنجون سفارتي سندون پيش ڪيون

صدر آصف زرداري پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ويجهي اسٽريٽجڪ حصيداري تي زور ڀريو

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري کي ايوان صدر ۾ فرانس جي نامزد سفير زان ٽوئل پواغيبي ۽ سعودي عرب جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پنهنجو گهر، ايس ايم ايز ۽ زرعي شعبي لاءِ قرضن جي فراهمي ملڪي معيشت لاءِ لازمي آهي: وزيراعظم

وزيراعظم قومي تعمير ۽ ترقي جي لاءِ انهن ترجيحي شعبن کي قرضن جي فراهمي ۾ وڏي چڙهي حصو وٺندڙ بئنڪن جي حوصلا افزائي ڪئي

جن بئنڪن جي ان حوالي سان ڪارڪردگي هيستائين غيرتسلي بخش رهي آهي اهي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائين

وزيراعظم شهباز شريف غيرفعال پاسڪو گودامن ۽ سائلوز کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلائڻ جي پڻ هدايت ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف قومي تعمير ۽ ترقي جي لاءِ ترجيحي شعبن کي قرض فراهم ڪندڙ بئنڪن جي حوصلا افزائي ڪندي چيو آهي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان رانا مشهود جي ملاقات، وزيراعظم يوٿ پروگرام جي جاري منصوبن بابت بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران مسيحي برادري جي روحاني پيشوا پوپ ليو جي صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري کي ايوان صدر ۾ سعودي عرب جو نامزد سفير ڊاڪٽر راجح ظامي البقمي ۽ فرانس جو نامزد سفير مسٽر جين ٽوئل پوڙر سندون پيش ڪندي

وزيراعظم پاران مڪ امن معاهدو خطي ۾ امن، اتحاد ۽ استحڪام لاءِ تاريخي سنگ ميل قرار

سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ سلامتي جي تحفظ لاءِ پاڪستان جي پختي عزم کي ورجايو آهي: وزيراعظم

وزيراعظم اتحاد جي سيڪريٽري جنرل جو عهدو سنڀالڻ تي ليفٽيننٽ جنرل (ر) نعمان محمود جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف مڪ امن معاهدي کي خطي ۾ امن اتحاد ۽ استحڪام جي لاءِ تاريخي سنگ ميل قرار ڏيندي سعودي عرب جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ سلامتي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صدر پاران بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مڪي شريف ۾ هيروئن اسمگل ڪرڻ جي ڏوهه ۾ پاڪستاني کي موت جي سزا

جاچ ڪانءِ جوابدار خلاف ڪيس لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو ويو: سيڪيورٽي اختيارين

سپريم ڪورٽ جي منظوري ۽ شاهي فرمان جاري ٿيڻ کانپوءِ عمل ڪيو ويو

مڪو شريف (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي عرب جي شهر مڪي ۾ هيروئن سمگلنگ جي ڏوهه ۾ هڪ پاڪستاني شهري کي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڀارت جي گنگا درياهه ۾ ٻيڙي ڪلٽي، 14 ڄڻا ٻڏي فوت

حادثو بهار جي ضلعي ويشالي جي هڪ ڳوٺ ويجهو گنگا درياهه ۾ پيش آيو

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي رياست بهار جي گنگا درياهه ۾ ٻيڙي ڪلٽي ٿيڻ سبب 14 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا آهن جن ۾

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3000 روپين جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ چيني صوبي هوبئي ۾ زراعت، ٽيڪنالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

وڏي وزير مراد علي شاهه هوبئي جي گورنر لي ديان شون ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ گوان شياو تائو سان ملاقات ڪئي

سنڌ ۾ جديد زرعي ٽيڪنالاجي، هائبرڊ چانورن، وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ٻجن ۽ زرعي مشينريءَ بابت سهڪار تي اتفاق

نوجوانن لاءِ جديد فني تربيت جا گڏيل منصوبا شروع ڪرڻ، يونيورسٽين وچ ۾ تعليمي ۽ تحقيقي رابطا وڌايا ويندا

Welcome Remarks by XIA Lixin
Party Secretary

ووهان، چين: سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سينٽرل چائنا نارمل يونيورسٽي جي دوري دوران سي اين پي جي صدر پروفيسر پينگ شوانگجي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندي

ڪراچي / ووهان (بيورو رپورٽ) سفارتي لاڳاپن جي 75 سالن جي موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع ڏينهن چين جي صوبي هوبئي جي اعليٰ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل ۽ سون جي اگهن ۾ اضافو، زرعي جنسن جي اگهن ۾ گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽن ۾ ڪچي تيل ۽ سون جي قيمتن ۾ اضافو جڏهن ته زرعي جنسن جي قيمتن ۾

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

هلندڙ مالي سال دوران معاشي اوسر واري شرح 4 سيڪڙو کان وڌيڪ رهڻ جي اميد آهي: ناڻي وزير

ناڻي واري وزير عالمي سيڙپڪارن کي پاڪستان جي معاشي منظرنامي ۽ سڌارن جي حوالي سان ترجيحن بابت آگاهه ڪيو

سڌارن جو عمل جاري آهي، ٻين ملڪن سان حصيداري ۾ امداد بدران واپار ۽ سيڙپڪاري کي ترجيح ڏني پئي وڃي

ناڻي واري وزير سڌارن جو عمل جاري رکڻ ۽ پاڪستان جي خودمختيار ڪريڊٽ ريٽنگ کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي حڪومتي عزم جو ورجاءُ ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول بابت وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب سڌارن جو عمل جاري رکڻ جي حوالي سان پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته ٻين ملڪن سان حصيداري ۾ امداد بدران واپار ۽ سيڙپڪاري کي ترجيح ڏني پئي وڃي، هلندڙ مالي سال دوران معاشي اوسر واري شرح 4 سيڪڙو يا ان کان به

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي وڏي وزير پاران بلوچستان ۾ آپريشن دوران 5 دهشتگرد مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلوچستان جي ضلعي واشڪ ۾ ڪامياب انٽيليجنس بنيادن تي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پريس ڪلب ۾ ناميارو اديب، محقق ۽ صحافي مدد علي سنڌيءَ جي سالگرهه تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ ناميارو اديب، محقق ۽ صحافي مدد علي سنڌيءَ جي سالگرهه ملهائي وئي

پريس ڪلب ۾ ٿيل تقريب ۾ اديبن، شاعرن، صحافين ۽ فلمڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مدد علي سنڌيءَ پنهنجي خدمتن وسيلي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ناميارو اديب، محقق ۽ صحافي مدد علي سنڌيءَ جي سالگرهه ڪراچي پريس ڪلب ۾ ملهائي وئي جنهن ۾ اديبن، شاعرن، صحافين ۽ فلمڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ ٻن مختلف واقعن ۾ بزرگ شهري سميت ٻه ڄڻا فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچيءَ ۾ مختلف واقعن ۾ بزرگ شهري سميت ٻه ماڻهو فوت ٿي ويا. تفصيلن موجب ڪينٽ اسٽيشن ويجهو ٽرين جي ڌڪ لڳڻ سبب هڪ بزرگ فوت ٿي ويو، سندس لاش جناح

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ سيڪيورٽي چئلينجز کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام رهي آهي: عطاءُ الله تارڙ

سهيل آفريدي دهشتگردي جي خلاف ڪارروائي جي حوالي سان ڪا خاطري ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو

ديره اسماعيل خان، هنگو ۽ ڪوهاٽ ۾ ماڻهو ماريا پيا وڃن، حملا ٿي رهيا آهن ۽ دهشتگرد آزاداڻي ڇرپر ڪن پيا

سهيل آفريدي ڏرڻا هڻي رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي ته هو دهشتگردن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو واعدو نه ٿو ڪري سگهي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته خيبرپختونخواهه ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي صوبائي قيادت صوبي کي درپيش سيڪيورٽي چئلينجز کي منهن

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ ڦُر دوران مزاحمت تي هٿياربندن جي فائرنگ، نوجوان شهري قتل

شاهه لطيف ٽائون منگل بازار ويجهو موٽر سائيڪل سوار ٻن ڦورن موبائل فون ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي جوابدارن گوليون هڻي محمد ذوصيف کي زخمي ڪيو جيڪو اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي شاهه لطيف ٿاڻي جي حد شاهه لطيف ٽائون جي سيڪٽر 17-A ۾ "منگل بازار" ويجهو ڦُر جي ڪوشش دوران مزاحمت ڪرڻ تي هڪ شخص کي گوليون هڻي ڪيس قتل ڪيو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايڊيشنل آءِ جي پاران پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن وچ ۾ تڪرار جي رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان اتر ناظم آباد ۾ ضلعي سينٽرل پوليس ۽ ايس آءِ يو صدر جي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ اجلاس

چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ ڪالهه سيوهڻ ۾ اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو

مختلف کاتن جي عملدارن چيف سيڪريٽري کي سيوهڻ ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

جهاز چوڪ کان ڏمال چوڪ ۽ درگاهه روڊ کان ڪاليج روڊ تائين روڊن جي تعمير جو ڪم تيز ڪيو وڃي: آصف حيدر شاهه

چيف سيڪريٽري سنڌ جي حيثيت ۾ ڪمن جي نگراني ڪرڻ منهنجي ذميواري آهي ان ڪري سنڌ جي مختلف شهرن جو دورو ڪندو رهندو آهيان

سيوهڻ (رپورٽ: اعجاز سولنگي) سيوهڻ ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت سنڌ جي چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه جي صدارت هيٺ ڪالهه سيوهڻ ۾ هڪ اهم اجلاس منعقد ڪيو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري سروسز سيڪريٽري اوقاف، ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي، ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو، اڳوڻو ايم اين اي سردار سڪندر راهيوڄو، اڳوڻو ايم پي اي سيد آصف علي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

LIAQUAT UNIVER
& HEALTH SCIEN
INSTITUTE O
SYED ASIF H
CHIEF SECRETA
PROF. DR. IKRA

ڄامشورو: چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف علي شاهه، وي سي لمس پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام دين اجڻ نئين فارميسي بلڊنگ ۽ سروس اسپتال جو افتتاح ڪندي

ڪراچي ۾ ايڇ آءِ وي متاثر ٻارن جي خاندانن لاءِ مالي امداد جي منظوري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري وزير ۽ سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن (سيسي) جي گورننگ باڊي جي چيئرمين سعيد غني چيو آهي ته

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ کي ڳالهين جي دعوت ڏيان ٿو، صوبي ۾ حالتون بهتر ٿيون ته وزيراعظم کي ايمرجنسي ختم ڪرڻ جو چوندس: بلاول

پي ٽي آءِ پاڻ پنهنجي صوبائي حڪومت تي خودڪش حملو ڪيو آهي، اهي قدم دل تي پٿر رکي کنيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته صوبائي حڪومت دهشتگردي خلاف ڪي به قدم نه کڻي رهي هئي

هاڻي به وزيراعظم کي درخواست ڪريان ٿو ته ڳالهين جو عمل ٻيهر شروع ڪيو وڃي، دهشتگردن جو مقابلو ڪرڻ ۾ اسان پوئتي نه هٽنداسين، هي اسان جو ئي نه پر مخالف ڌر جو به ملڪ آهي

آئين صدر مملڪت کي انهن حالتن ۾ انهن قدمن جي اجازت ڏئي ٿو، حڪومت انهن قدمن کڻڻ کان اڳ هر ڪوشش ڪئي ته اهڙا قدم نه کڻي، پي ٽي آءِ جي حڪومت پاڻ سياسي آپگهات ڪيو آهي

اهي هاڻي وفاقي حڪومت ۽ صدر تي الزام لڳائي سگهن ٿا پر ڪين معلوم آهي ته ذميوار ڪير آهي، صدر سمري تي دستخط نه ڪري ها ته ڪين ان جو سبب به ٻڌائڻ گهرجي ها ته اسان اهي قدم ڇو نه کڻون

اها ڳالهه اسان جي سامهون آئي ته اسان فيصلو ڪيو ته ايمرجنسي لڳائڻ کان اڳ پي ٽي آءِ کي پورو موقعو ڏيڻ گهرجي، اسان اهي قدم کڻڻ نه پيا چاهيون، رات دير تائين پي ٽي آءِ اڳواڻن سان ڳالهيون ٿينديون رهيون

اسان ڏکيا آئيني فيصلا ان لاءِ ڪيا ڇاڪاڻ ته افغانستان سان جنگ جي صورتحال آهي ۽ ڪي پي ڪي جو وزيراعليٰ علم جلسن ۾ ٻيهي ماڻهن کان حلف ورتو ته دهشتگردي جو مقابلو نه ڪنداسين

هميشه لاءِ ايمرجنسي جاري نٿي رکي سگهجي، اسان خيبر کان خضدار تائين دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ چاهيون ٿا ته پوري ملڪ جي عوام کي گڏجي ڪرڻو پوندو اها رڳو پوليس ۽ فوج جي ذميواري ناهي: قومي اسيمبلي ۾ خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پي ٽي آءِ پاڻ پنهنجي صوبائي حڪومت تي خودڪش حملو ڪيو آهي، اهي قدم دل تي پٿر رکي کنيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته صوبائي حڪومت دهشتگردي خلاف ڪي به قدم نه کڻي رهي هئي، هاڻي به وزيراعظم کي درخواست ڪريان ٿو ته ڳالهين جو عمل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس ٿي رهيو آهي

ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪارروايون قومي حمايت ۽ پوري قوت سان جاري رهنديون: شهباز شريف

سيڪيورٽي فورسز پاران جاري ڪامياب ڪارروائيون دهشتگردن خلاف اسان جي پختي قومي عزم جون عڪاس آهن

سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا آفيسر ۽ جوان قومي سلامتي لاءِ وڏيون قيمتي قربانيون ڏئي رهيا آهن

وزيراعظم پاران بلوچستان ۾ فتنه الهندوستان جي خلاف سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن رد الفتنه 3 تحت ڪامياب ڪارروائي جي واکاڻ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف بلوچستان ۾ فتنه الهندوستان جي خلاف سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن رد الفتنه 3 تحت ڪامياب ڪارروائي کي ساراهيندي چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

حڪومت خصوصي ماڻهن جي حقن جو تحفظ چاهي ٿي: وزيراعظم

ڏسڻ کان محروم خصوصي ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ پهرين ترجيح آهي

پاڪستان کي باصلاحيت ماڻهن جي ڪاميابين ۽ نمايان سنگ ميل تي فخر آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته سفيد لٺ جي تحفظ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ پاران ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جو وارو فيصلو پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج

عدالت کي درخواست ڪئي وئي آهي ته معاملي جي ٻڌڻي جلد ڪئي وڃي: پي ٽي آءِ چيئرمين بئرسٽر گوهر

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) خيبرپختونخوا

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

لداخ جي 28 هنڌن ۽ جاگرافيائي خطن کي نوان نالا ڏيڻ جا ڀارتي قدم غيرقانوني ۽ قبولڻ جوڳا ناهن: چين

سال 2019 ۾ قائم ڪيل ڀارتي مرڪز جي انتظام هيٺ لداخ کي تسليم نٿا ڪريون: چين جو ٻيهر اعتراض

ڀارتي گهرو وزارت 2 آڪٽوبر تي جن هنڌن جا نالا سرڪاري طور داخل ڪيا آهن انهن ۾ گوگرا اروهات سپرنگز جا علائقا به شامل آهن

بيجنگ (اي پي پي) چين هڪ ڀيرو ٻيهر لداخ بابت ڀارتي قدمن تي اعتراض ورجائيندي چيو آهي ته سال 2019 ع ۾ قائم ڪيل ڀارتي مرڪز جي انتظام هيٺ لداخ کي تسليم نٿو ڪري، پرڏيهي ميڊيا مطابق

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم ڊويزن ۽ صوبن پاران تيل ۽ قدرتي گئس تي صوبن ۽ وفاق جي برابر مالڪي بابت سينيٽ ڪميٽي کي بريفنگ

آئين تحت ڪنهن به صوبي جي حدن اندر يا ان سان لاڳاپيل سامونڊي حدن ۾ موجود معدني تيل ۽ قدرتي گئس وفاق ۽ صوبن جي گڏيل ۽ برابر ملڪيت آهي: پيٽروليم ڊويزن

تيل ۽ گئس جي کوهن جي مقام تي لاڳو وفاقي ايڪسائيز ڊيوٽي جي آمدني ۽ وفاقي حڪومت پاران وصول ڪيل رائلٽي سميت لاڳاپيل مالي حق شامل آهن

صوبن جي مالي حقن، وفاقي سرڪاري ڪمپنين جي ملڪيت ۽ انتظامي اختيارن سان لاڳاپيل معاملن کي گڏيل مفادن واري ڪائونسل (سي سي آءِ) آڏو پيش ڪيو وڃي

اسلام آباد(اي پي) وفاقي حڪومت آئين جي آرٽيڪل 172 جي شق 3 تحت صوبن ۾ موجود معدني تيل ۽ قدرتي گئس تي لاڳاپيل صوبن ۽ وفاق جي گڏيل ۽ برابر مالڪي کي واضح طور تسليم ڪندي چيو آهي ته سرڪاري تيل ۽ گئس ڪمپنين جي منافعي، اثاثن شيئرن ۽ انتظام ۾ صوبن جي شرڪت لاءِ مناسب آئيني قانوني يا معاهدي تحت طئي ٿيل

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: توانائي واري وزارت جي پيٽروليم ڊويزن جا اڳواڻ سينيٽ جي فنڪشنل ڪميٽي کي بريفنگ ڏئي رهيا آهن

پارٽي جي تنظيمي ڍانچي کي وڌيڪ فعال بڻائڻ سان گڏ عوام سان رابطن کي مضبوط ڪيو وڃي: نثار کهڙو

ماڻهن جي بنيادي مسئلن کي اوليت جي بنياد تي اجاگر ڪري انهن جي حل لاءِ ڪوششون ڪيون وڃن

رهيل ترقياتي منصوبن جي تڪميل لاءِ ڪم جلد مڪمل ڪرايو جيئن منصوبن جا ثمر عوام تائين پهچي سگهن

ڪراچي ۾ ملاقات ڪندڙ پيپلز پارٽي ضلعي مٽياري جي اڳواڻن تنظيمي معاملن ۽ جاري توڙي رهيل ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

مٽياري (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو سان پيپلز پارٽي ضلعي مٽياري جي اڳواڻن ڪراچي ۾ ملاقات ڪري ضلعي اندر پارٽي جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جو اجلاس نثار کهڙي جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

پاڪستان ۽ عمان پاران گڏيل ويجهي ڀائراڻي لاڳاپن ۽ ٻطرفي تعاون کي سگهه ڏيڻ تي اتفاق

واپار، سيڙپڪاري، سامونڊي معاملن ۽ لاجسٽڪس جي شعبن ۾ رابطن، زراعت جي شعبن ۾ تعاون وڌايو ويندو

انساني وسيلن جي ترقي، تعليم، انفارميشن ٽيڪنالاجي، ميڊيا ۽ موسمياتي تبديلي سميت ٻين شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي پڻ اتفاق

پاڪستان ۽ عمان جي وچ ۾ ٻطرفي واپار، اقتصادي سرگرمين ۽ سيڙپڪاري کي فروغ ڏيڻ جا وسيع موقعا موجود آهن: اسحاق ڊار

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ عمان گڏيل ويجهي ڀائراڻي لاڳاپن ۽ ٻطرفي تعاون کي سگهه ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڀارت 6 - جي لاءِ تياري ڪرڻ لڳو، والاريل جمون ڪشمير ۾ موبائيل رابطا ختم

ڪشميري شهري بنيادي موبائل رابطي لاءِ مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن: ڪشميري ميڊيا

سرينگر (اي پي پي)ڀارت هڪ طرف جديد ٽيڪنالاجي جي ميدان ۾ تيزي سان ترقي جي دعويٰ ڪري رهيو آهي ۽ 6- جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

بشريٰ بي بي جي سزا جي معطلي وارين درخواستن تي فيصلو محفوظ

وفاقي آئيني عدالت بشريٰ بي بي جي معطلي واري سزائن جي درخواستن تي ٻڌڻي مڪمل ڪئي

سزا ٻڌائڻ کان پوءِ بشريٰ بي بي جي ضمانت جو قانوني جواز پيدا ٿي چڪو آهي: وڪيل سلمان صفدر

اسلام آباد (اي پي پي)وفاقي آئيني عدالت بشريٰ بي بي جي معطلي واري سزائن جي درخواستن تي ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ووهان، چين: گورنر هائوس ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو استقبال ڪندي

ناڻي وزير سان آمريڪي سفير جي ملاقات، ٻه طرفي معاشي سهڪار تي ڳالهيون

بئنڪاڪ ۾ عالمي بينڪ گروپ ۽ آءِ ايم ايف جي سالياني اجلاس جي موقعي تي ملاقات ٿي

ڏنگ جهازن جي خريداري ۽ مالي مدد، هوا بازي بابت منظورين جي معاملن تي پڻ ڳالهايو ويو

بنڪاڪ (اي پي پي) ناڻي بابت وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب سان هتي آمريڪي پرڏيهي کاتي جي سفير ملاقات ڪئي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حوثي مليشيا کي مملڪت تي بار بار حملن جا نتيجا ڀوڳڻا پوندا: سعودي ڪابينا

ڪابينا جو اجلاس رياض ۾ ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان جي صدارت هيٺ ٿيو

سعودي عرب آبنائي باب المندب ۾ آزاداڻي بحري آمد و رفت کي درپيش خطرا نه قبوليندو: سعودي اختيارين

رياض (اي پي پي) سعودي ڪابينا چيو آهي ته دهشت گرد حوثي مليشيا کي پنهنجن ڏوهن، مملڪت جي ايئر پورٽس،

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال چين جي سنڪيانگ جي هڪ ڪاروباري وفد سان ملاقات ڪندي

سنڌ ۽ چين جي يونيورسٽين وچ ۾ استادن جي تربيت، شاگردن جي مٽاسٽا ۽ گڏيل تحقيق جو فيصلو

سنڌ جي اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ چيني ٻوليءَ جي تعليم، ڊجيٽل سکيا ۽ تدريسي جدت کي هٿي ڏيڻ تي زور

نوجوانن وچ ۾ تعليمي رابطا، اسڪالرشپس، استادن جي مٽاسٽا ۽ تحقيقي فيلوشپس وڌائڻ جي تجويز

موسمياتي تبديلي، پاڻيءَ جي انتظام ۽ مصنوعي ذهانت سميت اهم شعبن ۾ گڏيل تحقيق تي اتفاق

ڪراچي/ ووهان چين (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ صوبي ۽ چين وچ ۾ تعليمي ۽ تدريسي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

واشڪ ۾ آپريشن، 5 دهشتگرد مارجي ويا، 4 زخمي، وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ گولا بارود هٿ

سيڪيورٽي فورسز جديد هٿيارن ذريعي دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو

مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو: سيڪيورٽي عملدار

بلوچستان مان دهشتگردي ۽ شرپسند ڌرين جي مڪمل خاتمي تائين ان نوعيت جون ٽارگيٽڊ ڪارروائيون بنا وقفي جاري رکيون وينديون

راولپنڊي (اي پي پي) بلوچستان جي ضلعي واشڪ جي علائقي پلامنڊ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي انٽيليجنس بيسڊ ڪامياب آپريشن دوران 5 دهشتگرد مارجي ويا ۽ 4

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پوليس هٿان 25 جوابدار گرفتار، پرڏيهي مهمانن کي ڦريندڙ گروهه سوگهو

مختلف علائقن مان ڦر ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جي شڪ ۾ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

پوليس يا سي آءِ اي اهلڪار بڻجي پرڏيهي مهمانن کي ڦريندڙ کان پڇا ڳاڇا جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

standard chartered

بئنڪاڪ: وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب اسٽينڊرڊ چارٽرڊ بينڪ جي خود مختيار انويسٽر ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ ڪرائم رپورٽرز ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر ڪاشف هاشمي تي تشدد جو آءِ جي سنڌ نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ناظم آباد ٿاڻي جي حدن ۾ ڪرائم رپورٽرز ايسوسيئيشن جي اڳوڻي صدر ۽ سينيئر صحافي ڪاشف هاشمي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت نوجوانن جي ذهني صحت ۽ ڀلائيءَ کي اهميت ڏئي ٿي: منور مهيسر

نوجوانن جي ذهني صحت لاءِ تعليمي ادارن ۾ آگاهي ۽ ڪائونسلنگ جون سهولتون بهتر بڻايون وينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) حڪومت سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن واري کاتي ۽ سائيٽ يونيورسٽي (MAJU) جي سهڪار سان

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا، مبينا ڦورو مارجي ويو، ٻه زخمي گرفتار

شهيد ملت روڊ تي پوليس ۽ جوابدارن ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ياسر عرف شولا مارجي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سائيٽ ۾ غير حاضر ۽ دير سان پهچندڙ ملازمن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: ڄام اڪرام ڌاريجو

صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير سائيٽ جو اوچتو دورو ڪري مختلف شعبن ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو معائنو

ملازمن جا حاضري رجسٽر چيڪ، نظم ضبط ۽ وقت جي پابنديءَ تي ڪوبه ڏاهه نه ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير ڄام اڪرام الله ڌاريجو سائيٽ جو اوچتو دورو ڪيو ۽ مختلف شعبن جو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

رحمان بابا ايڪسپريس سانحو: حادثو فني خرابي سبب پيش آيو: شروعاتي رپورٽ

ٽرين جو سائيڊ هينگر اوچتو ٽٽي پيو هو، جيڪو ريلوي ٽريڪ جي ٽرن آئوٽ ڪراسنگ ۾ ڦاسي پيو

ڪراسنگ ۾ هينگر ڦاسڻ سبب پهرين بوگي پٽڙي تان لٿي ۽ پوءِ تيز رفتاري سبب 15 بوگيون پٽڙي تان لهي ويون

فني ٽيم واقعي واري هنڌ جو تفصيلي معائنو ڪرڻ کان پوءِ اتان ٽٽل سائيڊ هينگر هٿ ڪري قبضي ۾ ورتو: ريلوي اختيارين

اسلام آباد/ ملتان (اي پي پي) پاڪستان ريلوي جي فني ٽيم ملتان ويجهو رحمان بابا ايڪسپريس جي حادثي جي شروعاتي جاچ رپورٽ وفاقي وزير محمد حنيف عباسي کي پيش ڪري ڇڏي آهي. شروعاتي جاچ رپورٽ موجب ٽرين سان حادثو فني ۽ مڪينيڪل خرابي سبب پيش

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ چين سان زرعي تحقيق ۽ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جو صوبي هوبي ۾ هوازونگ زرعي يونيورسٽيءَ جو دورو ڪيو

ٻنهي صوبن جي زراعت کاتن وچ ۾ جديد ٽيڪنالاجي، تحقيق ۽ گڏيل سهڪار بابت ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي زراعت واري وزير سردار محمد بخش خان مهر زراعت واري سيڪريٽري محمد زمان ناريجو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچيءَ ۾ پوليس ۽ ايس آءِ يو اهلڪارن ۾ جهيڙو، ڊي ايس پي زخمي، ايس ايڇ او ۽ ٻيا آفيسر گرفتار

نارٿ ناظم آباد ۾ جوابدارن جي تحويل ۾ وٺڻ واري معاملي تان جهيڙي ۾ ڊي ايس پي شادمان زخمي ٿي پيو

ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس، ايس آءِ يو جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي موبائيل سميت ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيو

حراست ۾ ورتل آفيسرن ۾ ايس آءِ يو ايڊمن آفيسر ارشد جنجوعا، ايس ايڇ او ممتاز مهر ۽ پوليس آفيسر نورالله ۽ ذوالفقار شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ناظم آباد ۾ نوجوان جي مبينا طور تي ٿوري وقت لاءِ اغوا جي معاملي تي ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس ۽ ايس آءِ يو (SIU) صدر جي عملي وچ ۾ تڪرار شدت اختيار ڪري ويو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ايڊووڪيٽ عامر احمد ڪيهر ۽ ايڊووڪيٽ بشير احمد ميمڻ سان نور محمد ڪوڪر ۽ سرڪاري وڪيلن جو ورتل گروپ فوٽو

بقايا 1 روزاني عبرت

نامزد سفير ڊاڪٽر راجح طامي البقمي پنهنجون سفارتي سندون پيش ڪيون اربع ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر ٻنهي سفيرن کي انهن جي مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ انهن جي سفارتي فرضن ۾ ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن اعتماد جو اظهار ڪيو ته هو پاڪستان جي پنهنجي پنهنجي ملڪن سان لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا. فرانس جي نامزد سفير ژان نوئل پواغيي سان ملاقات دوران صدر باقاعده ڳالهه ٻولهه ۽ وسيع تر تعاون جي ذريعي فرانس سان پاڪستان جي پراڻي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 2 روزاني عبرت

بيهر شروع ڪيو وڃي، پي ٽي آءِ پنهنجي طرز عمل سان ثابت ڪري ته اها صوبي جون حالتون بهتر بڻائيندي ته وزيراعظم کي مان پاڻ چوندس ته اتي ايمرجنسي ختم ڪئي وڃي. دهشتگردن جو مقابلو ڪرڻ ۾ اسان پوئتي نه هٽنداسين، هي اسان جو ٿي نه پر مخالف ڌر جو به ملڪ آهي، اربع ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ خيبر پختونخوا صوبي ۾ ايمرجنسي لڳائڻ جي حوالي سان ٺهراءَ جي حق ۾ ڳالهائيندي هن چيو ته آئين ۾ ان قدم جي اجازت آهي، پر مان ان معاملي تي ڏکويل دل سان ڳالهائي رهيو آهيان، هن آئين جو آرٽيڪل 232 پڙهي ٻڌايو ۽ چيو ته آئين صدر مملڪت کي انهن حالتن ۾ انهن قدمن جي اجازت ڏئي ٿو حڪومت انهن قدمن کڻڻ کان اڳ هر ڪوشش ڪئي ته اهڙا قدم نه کڻي، مخالف ڌر جي ذميواراڻي قيادت چاهي ٿي ته خيبر پختونخوا ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومت پاڻ هڪ سياسي آپگهات ڪيو آهي، اهي هاڻي وفاقي حڪومت ۽ صدر تي الزام لڳائي سگهن ٿا پر ڪين معلوم آهي ته انهن حالتن جو اصل ذميوار ڪير آهي، صدر پاڪستان جيڪڏهن ان سمري تي دستخط نه ڪري ها ته ڪين ان جو سبب به ٻڌائڻ گهرجي ها ته اسان اهي قدم ڇو نه کڻون. هن چيو ته جڏهن اها ڳالهه اسان جي سامهون آئي ته اسان فيصلو ڪيو ته ايمرجنسي لڳائڻ کان اڳ پي ٽي آءِ کي پورو موقعو ڏيڻ گهرجي، اسان اهي قدم کڻڻ نه پيا چاهيون، رات دير تائين پي ٽي آءِ اڳواڻن سان ڳالهيون ٿينديون رهيون ۽ اهي خبرون هيون ته ڳالهيون ڪامياب ٿي رهيون آهن. هن چيو ته قومي ۽ صوبائي سطح تي دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ ڳالهين تي مخالف ڌر راضي ٿي چڪي هئي. هن چيو ته هر سياسي پارٽي لاءِ سياسي گنجائش محدود هوندي آهي ان جا ذميوار اسان سڀ آهيون پر هي به ان کان انڪار نٿا ڪري سگهون اسان ڏکيا آئيني فيصلا ان لاءِ ڪيا ڇاڪاڻ ته افغانستان سان جنگ جي صورتحال آهي ۽ ڪي پي ڪي جو وزيراعليٰ عام جلسن ۾ بيهي ماڻهن کان حلف ورتو ته دهشتگردي جو مقابلو نه ڪنداسين، اها سياسي خودڪشي هئي، سياسي مفاهمت لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي وڃي، ان جا 100 سيڪڙو نتيجا نه به نڪرن تڏهن به ڪجهه نه ڪجهه بهتري ضرور ايندي. هن چيو ته صدر آصف علي زرداري 1973ع جو آئين بحال ڪيو ۽ 18هين ترميم منظور ڪرائي.

بقايا 3 روزاني عبرت

جون ڪامياب ڪارروايون دهشتگردن خلاف اسان جي پختي قومي عزم جون عڪاس آهن اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته سيڪيورٽي فورسز ضلع واشڪ جي علائقي پلانٽڪ ۾ انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن ۾ 5 دهشتگردن کي جهنم رسيد ڪيو جيڪو تحسين لائق آهي وزيراعظم چيو ته آپريشن ۾ دهشتگردن جي قبضي مان جديد هٿيار ۽ گولا بارود به هٿ ڪيو ويو آهي جيڪو درپيش چئلينج جي سنگيني کي ظاهر ڪري ٿو وزيراعظم چيو ته سيڪيورٽي فورسز پاران جاري ڪامياب ڪارروايون دهشتگردن خلاف اسان جي پختي قومي عزم جون عڪاس آهن

بقايا 4 روزاني عبرت

۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ واري فيصلي کي پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ جي چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪري جمهوري حڪومت ختم ڪئي وئي آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته عدالت صوبي ۾ جمهوري حڪومت بحال ڪندي بيرسٽر گوهر موجب، عدالت کي درخواست ڪئي وئي آهي ته معاملي جي ٻڌڻي جلد ڪئي وڃي هن چيو ته پي ٽي آءِ پنهنجي آئيني ۽ قانوني جدوجهد جاري رکندي

بقايا 5 روزاني عبرت

طريقيڪار ضروري آهي 13 آڪٽوبر 2026ع تي سينيٽ جي اختيارن جي منتقلي بابت فنڪشنل ڪميٽي کي توانائي واري وزارت جي پيٽروليم ڊويزن پاران ڏنل بريفنگ ۾ آئين جي آرٽيڪل 172(3) جي آئيني ۽ ڪارپوريٽ اثرن، صوبن جي مالي حقن ۽ قدرتي وسيلن تي گڏيل مالڪي بابت وفاقي حڪومت جو موقف پيش ڪيو ويو بريفنگ موجب، آئين جي آرٽيڪل 172(3) تحت ڪنهن به صوبي جي حدن اندر يا ان سان لاڳاپيل سامونڊي حدن ۾ موجود معدني تيل ۽ قدرتي گئس وفاقي حڪومت ۽ لاڳاپيل صوبي جي گڏيل ۽ برابر ملڪيت آهن جڏهن ته اها مالڪي اڳ ۾ موجود معاهدن ۽ ذميوارين سان مشروط آهي پيٽروليم ڊويزن موجب آئين جو آرٽيڪل 161 صوبن جي مالي حقن کي الڳ طور تحفظ فراهم ڪري ٿو جن ۾ تيل ۽ گئس جي کوهن جي مقام تي لاڳو وفاقي ايڪسائيز ڊيوٽي جي خالص آمدني ۽ وفاقي حڪومت پاران وصول ڪيل رائلٽي سميت لاڳاپيل مالي حق شامل آهن وفاقي حڪومت جو موقف آهي ته اهي آئيني حق اڳ وانگر برقرار رهندا ۽ آرٽيڪل 172(3) جي تشريح سان انهن تي ڪو به اثر نه پوندو

بقايا 6 روزاني عبرت

پوري قوم پاران ڏسڻ کان محروم خصوصي ماڻهن جي همت، حوصلي انهن جي ڀرپور لڳاءُ ۽ زندگي جي لاءِ جذبي ۽ ولولي کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو حڪومت قومي عزم ۽ شموليت، برابري ۽ وقار جي عالمي اصولن جي روشني ۾ خصوصي ماڻهن جي حقن جي تحفظ ۽ انهن کي برابر موقعن جي فراهمي جي لاءِ مضبوط ارادو رکي ٿي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن سفيد لٺ جي تحفظ جي عالمي ڏينهن جيڪو 15 آڪٽوبر تي ملهايو وڃي ٿو جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو وزيراعظم چيو ته ڏسڻ کان محروم خصوصي ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ ۽ معاشري ۾ انهن جي شموليت يقيني بڻائڻ جي لاءِ انهن جي گهرڀاتين معاشرتي مدد ۽ لاڳاپيل خصوصي ادارن جي لڳاءُ خلوص ۽ خدمتون ساراهه جوڳيون آهن وزيراعظم چيو ته سفيد ڇڙي جي تحفظ جو عالمي ڏينهن حقيقت ۾ سڄي دنيا ۾ ڏسڻ کان محروم لکين ماڻهن جي خودمختياري، چرپر جي آزادي، خوداعتمادي ۽ وقار کي اجاگر ڪرڻ جو ڏينهن آهي وزيراعظم چيو ته سفيد لٺ هڪ اهڙو مددگار ذريعو آهي جيڪو ڏسڻ کان محروم ماڻهن کي روزاني جي زندگي ۾ خودمختياري سان حصو وٺڻ ۽ زندگي جي مختلف شعبن ۾ وڌيڪ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿو وزيراعظم چيو ته زندگي جي هر شعبي ۾ ڏسڻ کان محروم خصوصي ماڻهن جي شرڪت ۽ انهن جون ڪاميابيون ڀرپور ساراهه جون مستحق آهن وزيراعظم چيو ته پاڪستان کي انهن سمورن باصلاحيت ماڻهن جي ڪاميابين ۽ نمايان سنگ ميل تي فخر آهي خاص طور تي صائم سليم جون خدمتون فخر جوڳيون آهن

بقايا 7 روزاني عبرت

بيجنگ ۾ پريس بريفنگ دوران چين جي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ڀارت جي ان تازي فيصلي تي به تنقيد ڪئي جنهن تحت لداخ جي 28 هنڌن ۽ جاگرافيائي خطن کي باضابطا طور نوان نالا ڏنا ويا آهن چين جي ترجمان اهو بيان هڪ سوال جي جواب ۾ ڏئي رهيو هو جنهن ۾ ڀارتي پرڏيهي وزير پاران انهن هنڌن کي سرڪاري نقشن ۾ شامل ڪرڻ جو حوالو ڏنو ويو هو چين جي دعويٰ آهي ته انهن ۾ ڪجهه اهڙا علائقا به شامل آهن

بقايا 8 روزاني عبرت

تنظيمي معاملن، تنظيم سازي جي اڳڀرائي ۽ جاري توڙي رهيل ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ملاقات ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي مٽياري جي صدر پير امير علي شاهه هاشمي، جنرل سيڪريٽري فضيل حبيب شاهه، سينيئر اڳواڻ سيد جاني شاهه حسيني ۽ نائب صدر سيد غلام مصطفيٰ شاهه شرڪت ڪئي ان موقعي تي ضلعي ۾ پارٽي جي تنظيمي صورتحال، عوامي مسئلن ۽ ترقياتي ڪمن جي اڳڀرائي سميت مختلف اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران ضلعي قيادت پاران مٽياري ۾ پارٽي جي تنظيمي سرگرمين، تعلقي ۽ ٽائون سطح تي تنظيم سازي جي عمل ۽ عوام سان رابطن بابت آگاهي ڏني وئي

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪندي واپار سيڙپڪاري، سامونڊي معاملن ۽ لاجسٽڪس جي شعبن ۾ رابطن زراعت، صنعت، توانائي، افرادي قوت، انساني وسيلن جي ترقي، تعليم انفارميشن ٽيڪنالاجي، ميڊيا ۽ موسمياتي تبديلي سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي. پرڏيهي وزارت پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ عمان جي پرڏيهي وزير سيد بدر بن حمد بن البوسعيدي اربع ڏينهن اسلام آباد ۾ پاڪستان — عمان گڏيل وزارتي ڪميشن جي اٺين اجلاس جي گڏيل صدارت ڪئي ٻنهي ڌرين پنهنجي ويجهي ڀائرائي لاڳاپن ۽ ٻطرفي تعاون کي سگهه ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو خاص طور تي واپار ۽ سيڙپڪاري، سامونڊي معاملن ۽ لاجسٽڪس جي شعبن ۾ رابطن زراعت، صنعت، توانائي افرادي قوت جي چرپر، انساني وسيلن جي ترقي تعليم انفارميشن ٽيڪنالاجي، ميڊيا ۽ موسمياتي تبديلي سميت ٻين شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو

بقايا 10 روزاني عبرت

ٽيڪنالاجي طرف وڌي رهيو آهي ۽ ٻئي طرف والاريل جموں ڪشمير جي مختلف علائقن ۾ ماڻهو اڄ به بنيادي موبائل رابطي لاءِ مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڪشمير جي ڏاکڻي ضلعي پلوامه جي علائقي سنگروني به ناقص موبائل نيٽ ورڪ سبب شديد مشڪلات جو شڪار آهي علائقي ۾ اعتماد جوڳي موبائل سروس دستياب نه هجڻ سبب مقامي رهواسين کي فون ڪال ڪرڻ ۽ انٽرنيٽ استعمال ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪلو ميٽر پنڌ سفر ڪرڻو پوندو آهي جديد ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽلائزيشن جي هن دور ۾ بنيادي مواصلاتي سهولتن جي غير موجودگي مقامي آبادي کي پريشاني ۾ مبتلا ڪري رکيو آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

جنهن دوران ٻه طرفي معاشي سهڪار جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون ٿائيلينڊ جي شهر بينڪاڪ ۾ عالمي بينڪ گروپ ۽ آءِ ايم ايف جي سالياني اجلاس جي موقعي تي ٿيل ملاقات ۾ واپاري فريم ورڪ معاهدي تي اڳڀرائي ۽ آمريڪا مان آمدني واپار ۾ اضافي ذريعي توانائي ۾ واڌ وارن امڪانن جو جائزو ورتو ويو وفاقي وزير ٻارڻ جي لڳاتار فراهمي ۽ معاشي طور تي ڪمزور طبقي کي رليف فراهم ڪرڻ وارن قدمن تي پڻ روشني وڌي

بقايا 12 روزاني عبرت

فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بئنچ اربع تي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران بشريٰ بي بي جي وڪيل سلمان صفدر روسٽرم تي آيو جڏهن ته سلمان اڪرم راجه به ان سان گڏ عدالتي ڪمري ۾ موجود هو ٻڌڻي دوران وڪيل سلمان صفدر موقف اختيار ڪيو ته عدالتن هميشه عورتن جي معاملي ۾ نرم رويو رکيو آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

مڪه مدينه ۽ زائرين حرمين الشريفين سميت شهري ٺڪاڻن کي بار بار نشانو بڻائڻ وارن حملن جا نتيجا ڀوڳڻا پوندا. پرڏيهي ميڊيا موجب ڪابينا حملن ۾ ٿيل فوتگين تي ڪٽنبن سان تعزيت ۽ زخمين جي جلد صحتيابي جي خواهش جو به اظهار ڪيو آهي . ڪابينا جو اجلاس رياض ۾ ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان جي صدارت هيٺ گادي واري هنڌ ٿيو

بقايا 14 روزاني عبرت

سهڪار جي نئين دور جي شروعات تي زور ڏيندي استادن جي تربيت، تعليمي ٽيڪنالاجي، شاگردن جي مٽاسٽا، چيني ٻوليءَ جي تعليم ۽ گڏيل تحقيق جي شعبن ۾ مضبوط پائيداري قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي ووهان جي مشهور سينٽرل چائنا نارمل يونيورسٽي (سي سي اين يو) ۾ پاڪستاني ۽ چيني يونيورسٽين جي اڳواڻن، استادن ۽ شاگردن جي هڪ تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته تعليم ۽ نوجوانن وچ ۾ رابطن جو فروغ پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپن جي ايندڙ مرحلي جو بنياد بڻجندو خاص طور تي اهڙي وقت ۾ جڏهن ٻئي ملڪ سفارتي لاڳاپن جي قيام جا 75 سال مکمل ڪري رهيا آهن تقريب ۾ سي سي اين يو جو صدر پروفيسر پينگ شوانگ جي يونيورسٽي جي پارٽي ڪميٽي جو سيڪريٽري مسٽر شيا لي شن سينيئر تعليمي ماهر محقق ۽ شاگرد شريڪ ٿيا. تعليمي ميدان ۾ نمايان مقام سال 1903ع ۾ قائم ٿيل سي سي اين يو جي تاريخي حيثيت کي ساراهيندي مراد علي شاهه استادن جي تعليم ۽ تدريسي جدت جي ميدان ۾ اداري جي ڊگهي عالمي خدمتن کي ساراهيو وڏي وزير چيو ته هڪ اهڙي يونيورسٽيءَ ۾ موجود هجڻ اعزاز آهي، جيڪا هڪ صديءَ کان وڌيڪ عرصي کان استادن جي تعليم ۽ تربيت ڪري رهي آهي جڏهن هڪ استاد کي تعليم ڏني وڃي ٿي ته اصل ۾ ڪيترين ئي نسلن کي تعليم ڏني وڃي ٿي سي سي اين يو جهڙا ادارا علم، جدت ۽ انساني ترقيءَ ذريعي قومن جو مستقبل جوڙين ٿا. مختلف تهذيبن جو حوالو ڏيندي هن چيو ته جيئن يانگزي درياهه چين جي تاريخ جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. تيئن سنڌو درياهه سنڌ جي ورثي تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. هن سنڌ جي شاهوڪار تهذيبي تاريخ جو ذڪر ڪندي موهن جو دڙو، مڪليءَ جي تاريخي قبرستان ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ادبي ورثي کي اجاگر ڪيو هن چيني شاگردن ۽ استادن کي ڪراچيءَ جي متحرڪ واپاري مرڪز جو دورو ڪرڻ ۽ سنڌ جي شاهوڪار ثقافت کي ويجهي کان ڏسڻ جي دعوت پڻ ڏني سهڪار لاءِ چئن نقطن تي ٻڌل فريم ورڪ سنڌ ۾ جاري تعليمي سڌارن ڊجيٽل سکيا، فني تعليم ۽ ڪراچي ايجوڪيشن سٽي جي ترقيءَ لاءِ ڪيل سيڙپڪاريءَ جو ذڪر ڪندي مراد علي شاهه سي سي اين يو سان ٻه طرفي سهڪار لاءِ چئن نقطن تي ٻڌل عملي فريم ورڪ پيش ڪيو 1. استادن جي تربيت: سي سي اين يو سنڌ جي تعليم کاتي ۽ صوبائي يونيورسٽين وچ ۾ سهڪار ذريعي تربيتي پروگرامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جنهن جي شروعات سنڌ مان ماسٽر ٽرينرز جي تياريءَ سان ڪئي ويندي. اسڪالرشپس، استادن جي مٽاسٽا، تحقيقي فيلوشپس ۽ مختصر مدي وارن تعليمي پروگرامن کي وڌائڻ جيئن سرحد پار شاگردن ۽ پروفيشنلز جي اچ وڃ ۽ رابطن کي هٿي ملي 3. چيني ٻوليءَ جي سکيا: سنڌ جي اسڪولن ۽ يونيورسٽين ۾ مندرين ٻوليءَ جي استادن جي تربيت لاءِ سي سي اين يو کي سهڪار جي دعوت ڏيڻ جيئن ثقافتي، تعليمي ۽ معاشي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي. 4. گڏيل تحقيقي منصوبا: موسمياتي تبديلي، پاڻيءَ جي انتظام، مصنوعي ذهانت، قابل تجديد توانائي، اسمارٽ سٽيز ۽ سنڌو توڙي يانگزي درياهن جي تهذيبن جي تقابلي تاريخ جهڙن گڏيل اهم مسئلن تي تحقيق لاءِ سهڪاري منصوبا قائم ڪرڻ نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪندڙ پاڪستاني شاگردن کي خطاب ڪندي وڏي وزير کين پاڪستان جا حقيقي سفير قرار ڏنو هن شاگردن تي زور ڀريو ته هو وڌ کان وڌ علم حاصل ڪن ۽ تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ وطن واپس اچي سنڌ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن هن چيو ته پاڪستان ۽ چين وچ ۾ سڀ کان مضبوط پل رڳو ڪنڪريٽ يا اسٽيل سان نه ٺهندي پر اهو تعليم يافته مهارتن سان ليس ۽ هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهندڙ نوجوانن ذريعي تعمير ٿيندي جيڪي هڪ ٻئي کي سمجهن ۽ گڏيل مستقبل لاءِ گڏجي ڪم ڪن سي سي اين يو جي قيادت پاران آجيان ان کان اڳ يونيورسٽي پهچڻ تي وڏي وزير جي آجيان سي سي اين يو جي ڊپٽي پريزيڊنٽ مسٽر لي ۽ استادن ڪئي بعد ۾ وڏي وزير کي يونيورسٽيءَ ۾ ڊجيٽل ڪلاسن تدريسي تحقيقي سرگرمين ۽ اداري جي حيثيت بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي کين ٻڌايو ويو ته يونيورسٽيءَ ۾ 30 هزار کان وڌيڪ شاگرد ۽ 25 شعبن ۾ 2500 استاد موجود آهن باضابطه ڳالهين دوران وڏي وزير سنڌ جي ثقافتي سوغاتون طور روايتي اجرڪون ۽ سنڌي ٽوپيون يونيورسٽي جي صدر پروفيسر پينگ شوانگ جي ۽ پارٽي ڪميٽي جي سيڪريٽري مسٽر شيا لي شن کي پيش ڪيون چيني قيادت سنڌ ۽ هوبئي صوبي جي ادارن وچ ۾ رابطن ۽ شاگردن جي مٽاسٽا جي پروگرامن کي وڌائڻ ۾ گهري دلچسپي ظاهر ڪندي پيش ڪيل تجويزن جي آجيان ڪئي وڏي وزير سان گڏ اعليٰ سطح جي وفد ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، وزير منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شورو، وڏي وزير جو خاص معاون سيد قاسم نويد، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين منصوبابندي ۽ ترقي نجم شاهه، سيڪريٽري سيڙپڪاري راجا خرم شهزاد، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد زمان ۽ ٻيا عملدار شامل هئا.

بقايا 15 روزاني عبرت

ضلعن ۾ پوليس جون ڪارروايون 25 جوابدار گرفتار پوليس مقابلن ۾ ٻه جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار پرڏيهي مهمانن کي پوليس ۽ سي آءِ اي اهلڪار ظاهر ڪري ڦر ڪندڙ جوابدار به گرفتار منشيات، غيرقانوني هٿيار، چوري ٿيل موٽرسائيڪلون ۽ گٽڪو ماوا هٿ ڪرڻ جون دعوائون. شاهه لطيف ٽائون ۾ ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ ۾ نوجوان توصيف بشير احمد مارجي ويو اوڀر ضلعي جي سائيٽ سپر هاءِ وي فيز ون واري علائقي ۾ پوليس ۽ شاهين فورس جي گڏيل ڪارروائي دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ ممتاز علي چنو کي زخمي حالت ۾ ۽ ڪامران ولد علي مراد کي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب جوابدارن وٽان غيرقانوني هٿيار، موبائل فون روڪ رقم موٽرسائيڪل ۽ گاڏين جا تالا کولڻ وارو اوزار هٿ ڪيو ويو هٿ آيل موٽرسائيڪل جمشيد ڪوارٽرز جي حدن مان چوري ٿيل هئي پوليس موجب زخمي جوابدار ممتاز خلاف ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مختلف ٿاڻن تي 11 ڪيس داخل آهن ڪورنگي نمبر ون لنڪ روڊ سيڪٽر 32-اي وٽ ڪورنگي پوليس سان مبينا مقابلي دوران محمد اڪرام ولد محمد رفيق کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو پوليس موجب جوابدار وٽان 9 ايم ايم پستول، گزري ٿاڻي جي حدن مان چوري ٿيل موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون ۽ پرس هٿ ڪيا ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار خلاف اڳ ۾ به ڦر ۽ چوري جا ڪيس داخل آهن ٻئي پاسي ڪراچي جي ڏکڻ ضلعي جي ڪلاڪوٽ پوليس عثمان آباد ۾ ڪارروائي ڪندي مسلم ولد شان کي گرفتار ڪيو جڏهن ته سندس ساٿي مصطفيٰ فرار ٿي ويو پوليس موجب جوابدار پاڻ کي پوليس ۽ سي آءِ اي جا اهلڪار ظاهر ڪري پرڏيهي مهمانن کي ڦريندا هئا. پوليس جو چوڻ آهي ته 9 آڪٽوبر تي نبي بخش ٿاڻي جي حدن ۾ بنگلاديشي تبليغي جماعت جي ميمبرن کان پرڏيهي ۽ بنگلاديشي ڪرنسي ڦر ڪئي وئي، جڏهن ته 11 آڪٽوبر تي صدر واري علائقي ۾ ترڪيه مان آيل وفد کان ٻه هزار آمريڪي ڊالر ڦريا ويا هئا. گرفتار جوابدار وٽان ٻه هزار آمريڪي ڊالر 52 هزار 500 بنگلاديشي ٽڪا، ايراني ڪرنسي، وارداتن ۾ استعمال ٿيل آلٽو ڪار ٻه جعلي نمبر پليٽون پوليس ڪيپ ۽ وائرليس سيٽ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي فرار جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن ڪلفٽن پوليس گٽڪي ماوي ۽ منشيات خلاف ڪارروائي ڪندي عرفان احمد، شير علي ۽ جواد احمد کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب جوابدارن وٽان 84 عدد پارٽي گٽڪي جا پيڪٽ ۽ 40 گرام آئس هٿ ڪئي وئي جوابدارن خلاف لاڳاپيل قانون تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن درخشان پوليس منشيات فروشي خلاف ڪارروائي ڪندي نعيم حسين ولد علي حسين کي گرفتار ڪيو پوليس موجب جوابدار جي نشاندهي تي خيابان راحت، فيز ڇهين ۾ هڪ بنگلي تي ليڊي پوليس اهلڪارن سان گڏ تلاشي ورتي وئي جتان وڌيڪ آئس ۽ ڪوڪين هٿ ڪئي وئي پوليس موجب ڇاپل بنگلو آزاد جکراڻي نالي شخص جي ملڪيت آهي منشيات جي هٿ اچڻ تي جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته مبينا مزاحمت ۽ سرڪاري ڪم ۾ مداخلت جي الزام ۾ سيڪيورٽي گارڊن کي پڻ حراست ۾ ورتو ويو ڏکڻ ضلعي پوليس جو چوڻ آهي ته ڪارروائي دوران چادر ۽ چوديواري جي تقدس جو خيال رکيو ويو اوڀر زون جي بريگيڊ پوليس ڳجهي اطلاع تي جيڪب لائين پرسان ڪارروائي ڪندي عمران ۽ دانش کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب جوابدارن وٽان صحت لاءِ هاڃيڪار تيار گٽڪو ماوو ۽ وڪري جي رقم هٿ ڪئي وئي پوليس موجب عمران اڳ ۾ به گٽڪو ماوي جي ڪيس ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي ڪياماڙي ضلعي پوليس جي روزاني رپورٽ موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران مجموعي طور 25 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جن ۾ ڪي اسٽريٽ ڪرمنلز ٻه منشيات فروش، هڪ روپوش جوابدار ٻه گٽڪو فروش ڏهه غيرقانوني افغان شهري ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث پنج ڄڻا شامل آهن پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان ٻه پستول 245 گرام آئس 200 ڪلو چاليه ۽ 202 ڪلو گٽڪو ماوو هٿ ڪيو ويو ڪياماڙي ضلعي ۾ شاهين فورس کي جديد سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اهلڪارن ۾ بلٽ پروف جيڪٽون ٻي شرٽون ۽ ڪيپون ورهايون ويون آهن پوليس موجب ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جي هدايتن تي حفاظتي سامان ۽ يونيفارم ڪٽ فراهم ڪئي وئي آهي جنهن جو مقصد اهلڪارن جي حفاظت، ڪارڪردگي ۽ پيشه ور صلاحيتن ۾ بهتري آڻڻ آهي شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 17-اي ۾ گهر ٻاهران ڦر دوران مزاحمت تي فائرنگ جي نتيجي ۾ 35 ورهين جو محمد توصيف ولد بشير احمد زخمي ٿي پيو جيڪو اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو پوليس موجب واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي ٻئي طرف زمان ٽائون ٿاڻي جي حدن ۾ ابراهيم حيدري، بول چينل پرسان ڊمپر ۽ رڪشا وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن مان ٻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وئي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته پوليس قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي لالو کيت ڏهين نمبر ڊاڪخاني پرسان هڪ شخص جي بجليءَ جي ٿنڀي تي چڙهڻ جي اطلاع تي ريسڪيو 1122 سنڌ جي هاءِ ريسڪيو ٽيم پهچي بچاءُ وارو آپريشن شروع ڪري ڇڏيو ان کان علاوه نارٿ ناظم آباد ۾ نوجوان جي مبينا شارٽ ٽرم اغوا واري معاملي تي ضلعي سينٽرل پوليس ۽ ايس آءِ يو صدر جي اهلڪارن وچ ۾ تڪرار جون خبرون پڻ سامهون آيون پوليس ذريعن موجب ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي جي اهلڪارن کي حراست ۾ وٺڻ ۽ ٿاڻي منتقل ڪرڻ جا اطلاع مليا. ايس آءِ يو صدر جي ايس ايڇ او ممتاز مهر معاملي کي قياس آرائي قرار ڏيندي خبرن جي ترديد ڪئي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان واقعي بابت ڊي آءِ جي سائوٿ کان تفصيلي جاچ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي، جنهن ۾ سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ اهلڪارن جا موقف ۽ موجود ثبوت شامل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

زخمي ٿيا آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب اها ڪارروائي آپريشن رد الفتنه 3 تحت عمل ۾ آندي وئي آهي جنهن دوران سيڪيورٽي فورسز جديد هٿيارن ذريعي دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار ۽ گولا بارود هٿ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ آر پي جي سيون 5 گولا، 5 جديد هٿيار ۽ ميگزين شامل آهن ان کان علاوه جوابدارن جي قبضي مان 3 موبائيل فونز ۽ 2 موٽر سائيڪلون به هٿ ڪيون ويون آهن سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته بلوچستان مان دهشتگردي ۽ شرپسند ڌرين جي مڪمل خاتمي تائين ان نوعيت جون ڪارگر ڪارروايون بنا وقفي جاري رکيون وينديون.

بقايا 17 روزاني عبرت

تي تشدد ۽ ساڻس بدسلوڪي واري واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي ايس ايس پي سينٽرل کان تفصيلي جاچ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي آءِ جي سنڌ واقعي ۾ ملوث عنصرن جي نشاندهي ڪري انهن خلاف سخت قانوني ۽ کاتي واري ڪارروائي ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن هن سينيئر صحافي سان پيش آيل تشدد واري واقعي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته صحافين سان بدسلوڪي ۽ تشدد جا واقعا ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيا ويندا، اهڙن واقعن ۾ ملوث ماڻهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو جاويد عالم اوڍي هدايت ڪئي ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدارانه جاچ کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ذميوارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي قانوني ۽ کاتي واري ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 18 روزاني عبرت

نوجوانن جي ذهني صحت ۽ ڀلائيءَ بابت صوبائي اسٽيڪ هولڊرس ڊائيلاگ جو انعقاد ڪيو ويو جنهن ۾ نوجوانن کي ذهني صحت جي مسئلن سان منهن ڏيڻ لاءِ وقت سر رهنمائي ۽ مشاورت فراهم ڪرڻ، تعليمي ادارن ۾ آگاهي وڌائڻ ۽ ڪائونسلنگ جون سهولتون بهتر بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي سنڌ جي راندين ۽ نوجوانن واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته سنڌ حڪومت نوجوانن جي ذهني صحت ۽ ڀلائيءَ کي اهميت ڏئي ٿي سنڌ يوٿ ڪارڊ ذريعي اسڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن کي به فائدو پهچائڻ لاءِ قدم کنيا ويندا، ته جيئن نوجوانن کي بهتر موقعا ۽ سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن چيو ته راندين ۽ نوجوانن واري صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر جي هدايتن تي نوجوانن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي ترقيءَ لاءِ مختلف قدم کنيا پيا وڃن سنڌ جي نوجوانن ۾ بي پناهه صلاحيتون موجود آهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته کين مناسب موقعا، رهنمائي ۽ سهڪار فراهم ڪيو وڃي منور علي مهيسر چيو ته رانديون نوجوانن جي جسماني صحت سان گڏوگڏ ذهني سڪون خود اعتمادي ۽ مثبت سوچ کي فروغ ڏيڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون نوجوانن کي ذهني دٻاءُ ۽ ٻين مسئلن سان منهن ڏيڻ لاءِ وقت سر مشاورت ۽ رهنمائيءَ جون سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري آهي ڊائيلاگ ۾ اسڪولن يونيورسٽين ۽ ڪميونٽيءَ جي سطح تي ذهني صحت سان لاڳاپيل ڪائونسلنگ سروسز قائم ڪرڻ جون تجويزون زير غور آيون شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته نوجوانن کي درپيش ذهني صحت جي مسئلن ۽ انهن جي مطالبن کي اثرائتي انداز ۾ پاليسي سازن تائين پهچايو وڃي ته جيئن انهن مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا وڃن شرڪت ڪندڙن تعليمي ادارن ۾ ذهني صحت بابت آگاهي مهمن کي فروغ ڏيڻ مشاورت جون سهولتون بهتر بڻائڻ ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ سهڪار مضبوط ڪرڻ جي ضرورت تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي تقريب ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ڊاڪٽر شارق جمال ۽ مسرت جبين، مائينڊ يونيورسٽيءَ جي ريڪٽر هما بقائي، ڊائريڪٽر يوٿ افيئرس سيد حبيب الله پرائم منسٽر يوٿ پروگرام جي فوڪل پرسن فهد شفيق برڪش ايشين ڪرسٽ جي هيڊ آف مينٽل هيلٿ ثناءَ احمد، سماجي ڀلائي واري کاتي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طوبيٰ رفيع سميت تعليم صحت ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن جي ماهرن ۽ نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا 19 روزاني عبرت

فيروز آباد جمشيد ڪوارٽرز ۽ ڪالا ڪوٽ پوليس جي مبينا فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ هڪ ڦورو مارجي ويو ۽ ٻن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو فيروز آباد ٿاڻي جي ايس ايڇ او عادل افضل ٻڌايو ته شهيد ملت روڊ تي واقع "سدا بهار ويڊنگ هال" جي ويجهو پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ ڦورو مارجي ويو ان جو هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ ان جي ڳولا جاري آهي مارجي ويل ڦورو جي سڃاڻپ ياسر عرف "شولا" طور ڪئي ۽ ٻڌايو ته هو 12 جولاءِ تي سيڪيورٽي گارڊ اختر حسين جي قتل ۾ ملوث هو بهادر آباد واري علائقي ۾ ٽيپو سلطان روڊ تي جڏهن ڦورن گارڊ کان هٿيار ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مزاحمت ڪرڻ تي کيس گولي هڻي قتل ڪيو ويو هو ايس ايڇ او ٻڌايو ته واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي هئي ۽ گارڊ جي قتل جو ڪيس (ڪيس نمبر 196/2026) بهادر آباد ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي هن وڌيڪ چيو ته مارجي ويل ڦورو بلوچ ڪالوني جو رهواسي هو وٽان هڪ پستل، ڦر ٿيل موبائيل فون ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي پوليس ڦورو جي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو آهي ۽ معاملي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ٻئي طرف جڏهن جمشيد ڪوارٽرز پوليس ڪشمير روڊ جي ويجهو موٽر سائيڪل سوارن جي هڪ گروپ کي روڪڻ جو اشارو ڏنو ته شڪي ماڻهن پوليس اهلڪارن تي فائرنگ ڪري ڏني ڊسٽرڪٽ ايسٽ پوليس جي ترجمان موجب اهلڪارن شڪي ماڻهن جو پيڇو ڪيو ۽ فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ هڪ ملزم جي سڃاڻپ اصغر علي طور ٿي جنهن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو پوليس ان وٽان هٿيار گوليون خالي خول ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي ترجمان وڌيڪ چيو ته هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ ان جي ڳولا جاري آهي ان کان علاوه ڪراچي جي ڪالا ڪوٽ واري علائقي جي پوليس لياري مل واري علائقي ۾ مبينا مقابلي ڪانپوءِ هڪ زخمي ڦورو کي گرفتار ڪيو ملزم جي سڃاڻپ 38 سالن جي مسلم طور ڪئي وئي پوليس موجب ملزم ڏوهه ڪرڻ ڪانپوءِ گاڏي ۾ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ته پوليس گشتي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي وئي پوليس کي ڏسندي ئي ڦورن فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ جوابي فائرنگ دوران انهن مان هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو ۽ بعد ۾ گرفتار ڪيو ويو پوليس ٻڌايو ته مقابلي دوران هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ ان جي ڳولا جاري آهي گرفتار ملزم وٽان هٿيار گوليون ۽ هڪ "آلٽو" ڪار هٿ ڪئي وئي پوليس ٻنهي مقابلن ۾ زخمي ٿيل جوابدارن کي طبي امداد لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ۽ في الحال انهن جي مجرماڻي رڪارڊ جي تصديق ڪري رهي آهي

بقايا 20 روزاني عبرت

آيو رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته ٽرين جو سائيڊ هينگر اوچتو ٽٽي پيو هو جيڪو ريلوي ٽريڪ جي ٽرن آئوٽ ڪراسنگ ۾ ڦاسي پيو ڪراسنگ ۾ هينگر ڦاسڻ جي نتيجي ۾ پهرين بوگي پٽڙي تان لهي وئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي رفتار جي دٻاءُ سبب ٽرين جون سمورون 15 بوگيون پٽڙي تان لهي ويون ريلوي اختيارين موجب فني ٽيم واقعي واري هنڌ جو تفصيلي معائنو ڪرڻ کان پوءِ اتان ٽٽل سائيڊ هينگر هٿ ڪري قبضي ۾ ورتو جنهن کي باقاعده فرانزڪ ۽ فني جاچ پڙتال لاءِ تحويل ۾ رکيو ويو آهي واضح رهي ته ڪراچي کان ملتان رستي پشاور ويندڙ رحمان بابا ايڪسپريس کي گذريل ڏينهن ملتان ويجهو شير شاهه واري هنڌ حادثو پيش آيو هو جنهن ۾ ڪيترائي مسافر فوت ۽ زخمي ٿيا هئا. رپورٽ ملڻ کان پوءِ وفاقي وزير واقعي جي سمورن رخن جو ويجهڙائي کان جائزو وٺڻ ۽ ذميوارن جو تعين ڪرڻ جي سخت ڪاٽيوار ڪارروائي جي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي .

بقايا 21 روزاني عبرت

پوليس ذريعن موجب چڪتاڻ دوران ڊي ايس پي شادمان جي مٿي تي ڌڪ لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو ۽ ٻنهي ڌرين مخالف ڌر جي آفيسرن ۽ اهلڪارن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ جو دعويٰ ڪيو آهي پوليس ذريعن ٻڌايو ته ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس ۽ ايس آءِ يو جون ٽيمون مبينا مختصر مدي واري اغوا ۾ ملوث ملزمن جي موجودگي واري هنڌ پهتيون جنهن ڪانپوءِ تيموريا پوليس ملزمن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ذريعن جو چوڻ آهي ته ملزمن کي تحويل ۾ وٺڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس سان رابطو يا سهڪار ڪرڻ بدران ايس آءِ يو صدر جي ٽيم مبينا طور تي ان هنڌ تي چڙهائي ڪئي جنهن سبب تڪرار وڌي ويو واقعي دوران اهڙيون خبرون سامهون آيون ته ڊي ايس پي منهاج، اي ايس آءِ راحيل قريشي ۽ ڪانسٽيبل اسد کي ايس آءِ يو صدر هيڊ ڪوارٽر منتقل ڪيو پيو وڃي ان دوران ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس ايس آءِ يو جي پوليس موبائيل کي ان ۾ موجود آفيسرن ۽ اهلڪارن سميت ناظم آباد ٿاڻي تي منتقل ڪري ڇڏيو ذريعن موجب حراست ۾ ورتل ماڻهن ۾ ايس آءِ يو ايڊمن آفيسر ارشد جنجوعا، ايس ايڇ او ممتاز مهر ۽ پوليس آفيسر نورالله ۽ ذوالفقار شامل هئا ذريعن دعويٰ ڪئي ته مٿي تي ڌڪ لڳڻ باوجود ڊي ايس پي منهاج کي طبي امداد فراهم نه ڪئي وئي واقعي ڪانپوءِ دير رات ڊسٽرڪٽ سينٽرل پوليس جي وڏي نفري ناظم آباد ٿاڻي تي پهتي، جتي ايس آءِ يو صدر جي ڊي ايس پي ايڊمن ارشد جنجوعا ۽ ڊي ايس پي نسيم ڪمال وچ ۾ ڳالهيون ٿيون ايس ايس پي ايس آءِ يو سميع الله سومرو سان رابطي جون ڪوششون ڪيون ويون پر هو رابطي ۾ نه اچي سگهيو. ان دوران ايس آءِ يو صدر جي ايس ايڇ او ممتاز مهر انهن خبرن کي افواهه قرار ڏيندي چيو ته معاملي ۾ ڪا به صداقت ناهي واقعي بابت پوليس اختيارين جو سرڪاري موقف ۽ نوجوان جي مبينا مختصر مدي واري اغوا واري ڪيس بابت وڌيڪ تفصيل اڃا سامهون اچڻا آهن

بقايا 22 روزاني عبرت

سان گڏ چين جي صوبي هوبي ۾ واقع هوازونگ زرعي يونيورسٽيءَ جو دورو ڪيو جتي چين جي صوبي هوبي جي زراعت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل صوبائي وزير جو استقبال ڪيو ان موقعي تي هوبي جي زراعت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل صوبائي وزير کي زرعي تحقيق جديد زرعي ٽيڪنالاجي ۽ زراعت جي شعبي ۾ جاري تحقيقي سرگرمين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني دوري جي موقعي تي زراعت واري صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر جي چين جي صوبي هوبي جي زراعت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سان ملاقات به ٿي جنهن ۾ زرعي شعبي ۾ باهمي تعاون جديد زرعي ٽيڪنالاجي جي ڏي وٺ ۽ زرعي تحقيق کي فروغ ڏيڻ سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر چيو ته ان دوري جو مقصد زرعي تحقيق ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ تعاون جي امڪانن جو جائزو وٺڻ ۽ چين جي تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻ آهي هن چيو ته چين سان تعاون سان سنڌ ۾ زرعي پيداوار وڌائڻ ۽ فصلن جون بهتر جنسون متعارف ڪرائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي جديد زرعي ٽيڪنالاجيءَ ذريعي پاڻي ۽ ٻين زرعي وسيلن جي اثرائتو استعمال ۽ موسمي تبديلين جي اثرن سان منهن ڏيڻ جا موقعا به پيدا ٿي سگهن ٿا. سردار محمد بخش خان مهر وڌيڪ چيو ته چين جي تجربن ۽ جديد زرعي ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو وٺي سنڌ جي هارين کي فائدو پهچائي سگهجي ٿو ۽ صوبي جي زرعي معيشت کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جا موقعا پيدا ڪري سگهجن ٿا. دوري جي موقعي تي سنڌ جو زراعت وارو سيڪريٽري محمد زمان ناريجو ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار به صوبائي وزير سان گڏ هئا.

بقايا 23 روزاني عبرت

معائنو ڪندي انتظامي معاملن، ملازمن جي حاضري، صفائي ستھرائي ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو ان موقعي تي ايم ڊي سائيٽ احمد فواد شاهه به ساڻس گڏ هو صوبائي وزير دوري دوران ملازمن جا حاضري رجسٽر چيڪ ڪيا ۽ غير حاضر ٿيندڙ يا دير سان دفتر پهچندڙ ملازمن خلاف کاتي ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن واضح ڪيو ته سرڪاري معاملن کي سرانجام ڏيڻ ۾ نظم و ضبط ۽ وقت جي پابنديءَ تي ڪو به سمجھوتو نه ڪيو ويندو. جام اڪرام الله ڌاريجو هدايت ڪئي ته سائيٽ جي سمورن شعبن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ صفائي ستھرائي سميت سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي هن چيو ته ملازم پنهنجون ذميواريون پوري ديانتداري ۽ وقت جي پابنديءَ سان انجام ڏين ٻي صورت ۾ خلاف ورزي ڪندڙن خلاف سخت کاتي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. صوبائي وزير لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته واپاري برادريءَ کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي ۽ انهن جي مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته سمورن انتظامي ۽ دفتري معاملن ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن اداري جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ سان گڏ صنعتي ۽ واپاري سرگرمين کي به هٿي ڏني سگهجي

بقايا 24 روزاني عبرت

ڏنا هو 3 نومبر تي ٿيندڙ مڊٽرم (وچين مدي وارين) چونڊن کان اڳ ريپبلڪن اميدوارن جي حمايت ۾ مهم هلائي رهيو هو پنهنجي حمايتين کي خطاب ڪندي ٽرمپ چيو ته انتظار ڪريو ۽ ڏسو ته آمريڪا ايران خلاف ڪهڙا قدم کڻي ٿو. هن جي لفظن ۾، آمريڪا ايران واري معاملي تي گهڻي حد تائين پنهنجو ذهن ٺاهي ورتو آهي، جڏهن ته ايراني اختيارين کي به انتظار آهي. آمريڪي صدر وڌيڪ چيو ته هن لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي ٽرمپ جي بيان ۾ ايران خلاف ڪنهن به نئين قدم جي نوعيت، وقت يا امڪاني هدفن جي وضاحت نه ڪئي وئي تنهن هوندي به سندس سخت لهجو اهو ظاهر ڪري ٿو ته ايران جي ايٽمي پروگرام بابت آمريڪي دٻاءُ برقرار آهي ٻئي طرف ايران جي پاسداران انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته تازي جنگ ڪانپوءِ ايران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف پنهنجي فوجي صلاحيتن ۾ واڌ ڪندي انتهائي جديد هٿيار حاصل ڪري ورتا آهن پاسداران انقلاب جي ترجمان حسين موهبي جو چوڻ آهي ته 40 ڏينهن واري جنگ دوران ايران گهڻو ڪري پراڻا هٿيار استعمال ڪيا، پر ان کان پوءِ وڌيڪ جديد هٿيار حاصل ڪيا ويا آهن ترجمان جديد هٿيارن بابت تفصيل نه ٻڌايا ته اهي ڪهڙي قسم جا آهن ۽ ڪيئن حاصل ڪيا ويا. پاسداران انقلاب جي هڪ سينيئر عهديدار وڌيڪ چيو ته ايران ڪنهن به نئين اڳرائيءَ جو اڳ کان وڌيڪ طاقت سان جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهي ۽ هن ڀيري آمريڪا لاءِ ان جا نتيجا وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هوندا".

بقايا 25 روزاني عبرت

ته پنهنجو گهر ايس ايم ايز ۽ زرعي شعبي کي قرضن جي وقت سر فراهمي ملڪي معيشت جي فروغ جي لاءِ لازمي آهي اربع ڏينهن وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار ۽ زرعي شعبي جي لاءِ قرضن جي فراهمي ۽ مالي وسيلن تائين پهچ جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم قومي تعمير ۽ ترقي جي لاءِ انهن ترجيحي شعبن کي قرضن جي فراهمي ۾ وڌي چڙهي حصو وٺندڙ بئنڪن جي حوصلا افزائي ڪئي وزيراعظم هدايت ڪئي ته جن بئنڪن جي ان حوالي سان ڪارڪردگي هيسٽائين غيرتسلي بخش رهي آهي اهي پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائين ته جيئن انهن کي به حڪومتي حوصلا افزائي ملي وزيراعظم لاڳاپيل وزارتن، سيڪريٽرين ۽ اسٽيٽ بئنڪ کي ايس ايم ايز زراعت ۽ هائوسنگ فنانس جي شعبي سان واڳيل ڌرين سان مشاورت جي هدايت ڪندي چيو ته جاري اسڪيمن کي وڌيڪ موثر ۽ ڪارائتو بڻائڻ جي لاءِ لاڳاپيل ڌرين جون تجويزون حاصل ڪيون وڃن هن مشاورتي عمل هلندڙ مهيني جي پڄاڻي تائين مڪمل ڪري سفارشون پيش ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي وزيراعظم غيرفعال پاسڪو گودامن ۽ سائلوز کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته انهن گودامن ۽ سائلوز جي نجي شعبي جي تعاون سان آبادگارن جون جنسون محفوظ طريقي سان ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت وڌائي وڃي وزيراعظم الائيڊ بئنڪ جي جنسن جي ذخيري جي گودامن جي قيام ۽ ذخيرو ٿيل جنسن جي عيوض آبادگارن کي قرضن جي فراهمي جي ماڊل کي ساراهيندي ان ماڊل کي نجي شعبي جي شموليت جي ذريعي سگهه ڏيڻ جي هدايت ڪئي

بقايا 26 روزاني عبرت

شهباز شريف سان وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان اربع ڏينهن هتي ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ موجب راڻا مشهود احمد خان وزيراعظم محمد شهباز شريف کي وزيراعظم يوٿ پروگرام جي جاري منصوبن بابت بريفنگ ڏني

بقايا 27 روزاني عبرت

شهباز شريف مسيحي برادري جي روحاني پيشوا پوپ ليو چوڏهين جي سرجري کان پوءِ سندس جلد صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي اربع ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته هو پاڪستان جي عوام ۽ حڪومت طرفان پوپ ليو جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ دعاگو آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

جي تحفظ لاءِ پاڪستان جي پختي عزم کي ورجايو آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان مڪه دفاعي اتحاد جي پهرين سيڪريٽري جنرل ليفٽيننٽ جنرل (ر) نعمان محمود اربع ڏينهن هتي ملاقات ڪئي وزيراعظم اتحاد جي سيڪريٽري جنرل جو عهدو سنڀالڻ تي ليفٽيننٽ جنرل (ر) نعمان محمود جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو هن چيو ته مڪه امن معاهدو خطي ۾ امن اتحاد ۽ استحڪام لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

موت جي سزا ڏني وئي آهي سعودي گهرو وزارت موجب، سيڪيورٽي اختيارين جي جاچ ڪانپوءِ جوابدار خلاف ڪيس لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي کيس موت جي سزا ٻڌائي وئي

بقايا 30 روزاني عبرت

وڌيڪ انگ ٻارن جو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب مقامي پوليس اهلڪار واقعي جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته اهو حادثو گذريل رات بهار جي ضلعي ويشالي جي هڪ ڳوٺ ويجهو گنگا درياهه ۾ پيش آيو جتي مسافرن سان ڀريل ٻيڙي ڪلٽي ٿي پئي جنهن جي نتيجي ۾ 14 ڄڻا فوت ۽ 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن

بقايا 31 روزاني عبرت

زرداري بلوچستان جي ضلعي واشڪ ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي اربع ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر چيو ته بلوچستان ۾ امن ۽ امان کي نقصان پهچائڻ ۽ عوام ۾ خوف ۽ هراس پکيڙيندڙ دهشتگرد عنصرن خلاف موثر ڪارروايون جاري رکيون وينديون

بقايا 32 روزاني عبرت

سون جي قيمت 3000 رپين جي گهٽتائي سان في تولو سون 4 لک 37 هزار 836 رپين جو ٿي ويو آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اربع ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 3 هزار رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 37 هزار 8 سؤ 36 رپيين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 2572 رپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 3 لک 77 هزار 973 رپين مان گهٽجي 3 لک 75 هزار 373 رپيا ٿي وئي

بقايا 33 روزاني عبرت

قيادت سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ زراعت، انفارميشن ٽيڪنالاجي، تعليم ۽ فني تربيت جي شعبن ۾ صوبائي سطح تي سهڪار کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ تي غور ڪيو ويو ووهان جي سرڪاري دوري دوران اعليٰ سطحي وفد جي اڳواڻي ڪندي وڏي وزير هوبئي جي گورنر لي ديان شون ۽ صوبي جي ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري گوان شياو تائو سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي ڳالهين ۾ پاڪستان ۽ چين جي ڏهاڪن پراڻي دوستيءَ کي عملي سماجي ۽ معاشي ترقيءَ جي منصوبن ۾ تبديل ڪرڻ، واپار وڌائڻ ۽ عوامي سطح تي رابطن کي هٿي ڏيڻ تي ڌيان ڏنو ويو هوبئي قيادت پاران ويجهي سهڪار جي خاطري هوبئي جي گورنر لي ديان شون سنڌ جي وڏي وزير ۽ سندس وفد جي ووهان آمد تي آجيان ڪندي پاڪستان ۽ چين جي گهري دوستيءَ کي ساراهيو ۽ ان کي گڏيل اعتماد ۽ اسٽريٽجڪ سهڪار جو اڻٽٽ رشتو قرار ڏنو گورنر لي سنڌ سان صوبائي سطح تي سهڪار وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هوبئي جي پختي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته صوبي جو مضبوط صنعتي بنياد، جديد پيداواري صلاحيتون ۽ عالمي معيار جا تحقيقي ادارا گڏيل منصوبن لاءِ وڏيون امڪاني راهون فراهم ڪن ٿا هن وفد کي خاطري ڪرائي ته هوبئي جديد زراعت، ڊجيٽل صنعتن، فني تربيت ۽ ڪاروباري ادارن وچ ۾ پائيداريءَ جي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ لاءِ پرعزم آهي جنهن سان پاڪ چين اقتصادي راهداري (سي پيڪ) جي ايندڙ مرحلي ۾ ٻنهي ڌرين لاءِ گڏيل فائدي واري ترقيءَ جا موقعا پيدا ٿيندا.

بقايا 34 روزاني عبرت

گهٽتائي جو رجحان رهيو بلومبرگ جي رپورٽ مطابق آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ تحت ڪچي تيل جي مستقبل جي سودن جي قيمت ۾ 0.44 ڊالر جو اضافو ٿيو جنهن کان پوءِ قيمت 94.58 ڊالر في بيرل ٿي وئي اهڙي طرح برينٽ ڪروڊ جي مستقبل جا سودا 0.50 ڊالر جي اضافي کان پوءِ 106.19 ڊالر في بيرل ۾ طئي ٿيا. رپورٽ مطابق اسپاٽ گولڊ جي قيمت 1.09 ڊالر جي اضافي سان 4161.83 ڊالر في اونس ٿي وئي

بقايا 35 روزاني عبرت

وڌيڪ رهڻ جي اميد آهي. هن اها ڳالهه آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ جي سالياني اجلاسن جي موقعي تي بينڪاڪ ۾ سٽي ميڪرو فورم جي اجلاس ۾ شرڪت ۽ اسٽينڊرڊ چارٽرڊ جي خودمختيار سيڙپڪارن جي گول ميز اجلاس کي خطاب ڪندي چئي ناڻي واري وزير عالمي سيڙپڪارن کي پاڪستان جي معاشي منظرنامي ۽ سڌارن جي حوالي سان ترجيحن بابت آگاهه ڪيو هن چيو ته معاشي استحڪام جي عمل ۾ مسلسل اڳڀرائي جاري آهي مسلسل 3 سالن کان بنيادي مالياتي سرپلس حاصل ٿي رهيو آهي، مالياتي خسارو 22 سالن جي گهٽ ترين سطح تي آهي ۽ مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. هلندڙ مالي سال دوران معاشي اوسر واري شرح 4 سيڪڙو يا ان کان به وڌيڪ رهڻ جي اميد آهي.

بقايا 36 روزاني عبرت

ڪيل آپريشن دوران 5 دهشتگردن جي مارجڻ ۽ 4 جي زخمي ٿيڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ناقابل فراموش آهن پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهي وزيراعليٰ سنڌ چيو ته ملڪ دشمن عنصرن خلاف ڪارروايون ۾ ڪاميابيون قوم لاءِ اطمينان جو سبب آهن

بقايا 37 روزاني عبرت

اسپتال منتقل ڪيو ويو ريسڪيو عملدارن ٻڌايو ته فوتي جي فوري طور تي سڃاڻپ نه ٿي سگهي جڏهن ته هو تقريبن 65 سالن جي عمر جو لڳي رهيو هو ڪينٽ ريلوي پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. هڪ ٻئي واقعي ۾ بلديا سعيد آباد پوليس ٽريننگ سينٽر ويجهو هڪ گهر ۾ اسٽيل جي راڊ (سرئي) لڳڻ سبب هڪ شخص پراسرار حالتن ۾ فوت ٿي ويو ڇيپا جي رضاڪارن قانوني ۽ طبي گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ لاش سول اسپتال منتقل ڪيو ڇيپا عملدارن فوتي جي سڃاڻپ 30 سالن جي اسامه طور ڪئي

بقايا 38 روزاني عبرت

ڪئي تقريب دوران مدد علي سنڌيءَ جي جنم ڏينهن جي خوشيءَ ۾ سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ سنڌي ادب، ٻولي تحقيق ۽ صحافت جي ميدان ۾ سندس خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي تقريب ۾ س ا س ڪراچي جي رابطا سيڪريٽري راشد لڪميس صحافي وحيد راڄپر، ڊپٽي سيڪريٽري انفارميشن ڪاتو صاحب خان پنهور، ڊائريڪٽر پبليڪيشن سنڌ سماءَ ڪاتو سنڌ سرور سميجو سيڪريٽري سنگت شاخ ڪراچي نثار ناز رک جي خانگي ٽي وي جو ڊائريڪٽر نيوز رزاق سروهي، مريد علي جامڙو سينيئر صحافين قاضي آصف، سيد ڪرم علي شاهه نامياري ڪهاڻيڪار نورالواحد سومرو، وحيد محسن، وحيد سمون، سليم انور عباسي سميت ادبي ۽ صحافتي حلقن سان لاڳاپيل شخصيتن شرڪت ڪئي

بقايا 39 روزاني عبرت

ڏيڻ ۾ ناڪام رهي آهي اربع ڏينهن پارليامينٽ هائوس ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير ڳالهه ٻولهه جي نتيجن جو حوالو ڏيندي چيو ته ڳالهه ٻولهه ۾ شريڪ پي ٽي آءِ اڳواڻن بظاهر ڪاميابي تي هڪ ٻئي کي مبارڪباد ڏني جڏهن ته بعد ۾ سهيل آفريدي دهشتگردي جي خلاف ڪارروائي جي حوالي سان ڪا خاطري ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو عطاءُ الله تارڙ چيو ته هڪ طرف ڊيره اسماعيل خان هنگو ۽ ڪوهاٽ ۾ ماڻهو ماريا پيا وڃن حملا ٿي رهيا آهن ۽ دهشتگرد آزاداڻي چرپر ڪري رهيا آهن

بقايا 40 روزاني عبرت

ويو پوليس موجب 35 سالن جو محمد توصيف پٽ بشير احمد صبح جو تقريباً 9 وڳي ڪم تي وڃڻ لاءِ گهر مان نڪتو هو ته موٽر سائيڪل سوار ٻن ڦورن کيس روڪيو ۽ ڪانئس موبائيل فون ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن هن مزاحمت ڪئي ته جوابدارن فائرنگ ڪري ڏني.

بقايا 41 روزاني عبرت

آفيسرن ۽ اهلڪارن وچ ۾ پيش آيل تڪرار بابت ڊي آءِ جي سائوٿ کان تفصيلي جاچ رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ڊي آءِ جي سائوٿ کي هدايت ڪئي وئي آهي ته واقعي جي سمورن پاسن، لاڳاپيل آفيسرن ۽ اهلڪارن جي موقف ۽ موجود ثبوتن جو جائزو وٺي حقيقتن تي ٻڌل رپورٽ تيار ڪئي وڃي

بقايا 42 روزاني عبرت

شاهه ڊائريڪٽر سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ ڊاڪٽر معين الدين صديقي چيف انجنيئر پبلڪ هيلٿ شفيق ميمڻ چيف انجنيئر هاءِ ويز ۽ ٻين اعليٰ عملدارن پڻ شرڪت ڪئي، اجلاس دوران مختلف کاتن جي عملدارن چيف سيڪريٽري کي سيوهڻ ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته سيوهڻ جي ڊرينيج سسٽم کي نئين سر تعمير ڪيو پيو وڃي، جنهن جي تعمير جو ڪم جاري آهي چيف سيڪريٽري سنڌ هدايت ڪئي ته سيوهڻ جي جهاز چوڪ کان ڏمال چوڪ ۽ درگاهه روڊ کان ڪاليج روڊ تائين روڊن جي تعمير جو ڪم تيز ڪيو وڃي. ٻئي طرف اجلاس بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه چيو ته سيوهڻ جي خوبصورتيءَ واري ڪم ۾ ڪنهن به قسم جي سستي ۽ غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. چيف سيڪريٽري سنڌ جي حيثيت ۾ ڪمن جي نگراني ڪرڻ منهنجي ذميواري آهي ان ڪري سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ويندو رهندو آهيان

بقايا 43 روزاني عبرت

پورهيتن جي ڀلائي صحت، تعليم ۽ زندگيءَ جو معيار بهتر بڻائڻ لاءِ سمورا ممڪن قدم کنيا وڃن جيئن سندن زندگي آسان بڻائڻ سان گڏ کين بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن هن ايڇ آءِ وي کان متاثر ٻارن جي خاندانن جي مالي مدد لاءِ قائم اينڊومينٽ فنڊ جي بورڊ جي جوڙجڪ جلد مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو ته بورڊ جي سربراهي مشتاق چاپڙا يا ڪنهن ٻئي معتبر ۽ تجربيڪار شخص حوالي ڪرڻ جي تجويز آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن سيسي جي 177هين گورننگ باڊي جي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ سنڌ جي محنت کاتي جي سيڪريٽري ساجد جمال ابڙو سيسي جي ڪمشنر هادي بخش ڪلهوڙو گورننگ باڊي جي ميمبرن محمد جاويد بلوائي، خليل احمد بلوچ، محمد خان ابڙو ۽ عبدالواحد شورو سميت سيسي جي ميڊيڪل ايڊوائيزر ڊائريڪٽرن ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي

ADDITIONAL CHIEF ENGINEER - 5 CORPS

TENDER NOTICE

1. Application are invited by Additional Chief Engineer **5** Corps **19** Liaquat Barracks Karachi, for pre-qualification of firms / contractors and issue of tender documents for the following works / svcs at AOR of ACE **5** Corps in the light of clause-**13,15,16 & 28 of 2004:-**

Ser	Name of Work	Approx Cost (Rs. in M)
1.	Repl of Old / Dangerous Elec Poles and Damaged Conductors at Hyd Gar	11.870
2.	Repair / Repl of Pump Items, Motor Items, Starter (MCU) Pumping House No. 1,2 Hussain Line, CMH, Shami Line, Sarwar Line & Tufail Line at Hyd Gar	10.2
3.	Upgradation of Ext Elec Sup & Repl / Maint Feeder Piller for Resdl Area Bungalow at Block No. A, B & C at Pnl	11.173
4.	Repl of Lightening Protection Sys for Ammo Mag at Pnl Gar	11.039

2. The firms / contractors will furnish following documents alongwith application for issuance of tenders:-
   - a. MES Enlistment Certificates Letter (Cat A' to 'D').
   - b. PEC Registration valid upto **30 Jun 2027.**
   - c. **"ACTIVE"** Income Tax Registration Certificate.
   - d. List of completed / ongoing works.

Ser	Name Works Executed during last two years and in hand	Agency	Amount of Work	Time Allowed (Months)	Date of comm	Date of compl	%age Progress of works in hand	Departmental Performance on each work from the Engineer in Charge

3. Incomplete application shall not be entertained.

4. Tenders will be issued to Pre-qualified firms contract and are required to be received by the accepting officer **Additional Chief Engineer 5 Corps** by **29 Oct 2026** till **1130 hours** and will be opened at **1200 hours** on the same date.

5. Firms / contractors who desire may be present at the time of opening of tenders.

6. The accepting officer reserves the right to accept or reject the tender. Rejected tenders will be dealt with as per **Para-33 of PPRA Rules 2004.**

7. The interested parties can contact **Additional Chief Engineer 5 Corps authorized** representative details (if required) during office working hours.

سنڌ حڪومت قطر اسپتال، اورنگي ٽائون، ڪراچي

فون نمبر: +92-21-99333476 فيڪس: +92-21-99333478 اي ميل: qatarhospital@gmail.com
هڪ 410 بسترن جي تدريسي اسپتال

نمبر: MS/ESTAB/SGQH/1262 تاريخ: 12/10/2026

ٽينڊر گهرائڻ جو نوٽيس

سنڌ حڪومت قطر اسپتال، اورنگي ٽائون، ڪراچي، ايف بي آر / ايس آر بي (جيڪو به لاڳو هجي) جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ تي رجسٽرڊ سپلائرز / فرمز / مينوفيڪچررز / امپورٽرز / بااختيار تقسيم ڪندڙن کان اي_پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) جي ذريعي فنانشل ييئر 27-2026 لاءِ ضابطو_(2)46 هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار تحت درگز / ميڊيسنس (L.P) %15 جي خريداريءَ لاءِ اي_آڇ گهرائجي ٿي. تفصيلي شرط ۽ ضابطا واڪ دستاويز ويب سائيٽ: http://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/ تان ڏسي / ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

شمار نمبر	ٽينڊر جا تفصيل	واڪ دستاويز جي رقم (رپيا)	بد سيڪيورٽي (2%)(رپيا)	ٽينڊر خريد ڪرڻ / ڊائون لوڊ ڪرڻ جي آخري تاريخ	جمع ڪرائڻ ۽ کلڻ جي تاريخ
1.	درگس / ميڊيسنس جي لوڪل پرچيز (LP) جو 15% مهيا ڪرڻ	=/4,000 ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ قطر جي نالي تي پي آرڊر	=/639,924 ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ قطر جي نالي تي پي آرڊر	15 آڪٽوبر 2026 کان 29 آڪٽوبر 2026 تائين رات 01:00 وڳي تائين	ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي تاريخ: 29 آڪٽوبر 2026ع تي منجهند 01:00 وڳي تائين ۽ ٽينڊر کلڻ جي تاريخ: 29 آڪٽوبر 2026ع تي منجهند 01:30 وڳي

اليڪٽرانڪ آڇون صرف EPADS ذريعي ئي جمع ڪرائيون وينديون. صرف هٿوهٿ طور جمع ڪرايل آڇون قبول نه ڪيون وينديون. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن لاءِ ضروري آهي ته اهي اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ لاءِ پاڻ کي EPADS سسٽم تي هيٺ ڏنل لنڪ ذريعي رجسٽر ڪرائين: http://sindh.eprocure.gov.pk/#/suppliers/registration

واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن موجب تيار ڪيل آڇون، مٿي ڄاڻايل شيڊول مطابق EPADS تي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. ٽينڊر جي في 4,000 رپيا (ناقابل واپسي) آهي، جيڪا ڪمپنيءَ جي ليٽر هيڊ تي درخواست ڏيڻ سان جاري ڪئي ويندي. بد سيڪيورٽي، جيڪا پيش ڪيل شين جي سامهون ڄاڻايل آهي، پي آرڊر يا ڊيمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ، قطر اسپتال جي نالي تي تيار ڪري، هٿوهٿ جمع ڪرائڻي پوندي. اها ضمانت ٽينڊر کولڻ جي مقرر وقت کان اڳ خريداري ڪندڙ اداري وٽ پهچڻ لازمي آهي. ان کان علاوه، شين جا نمونا (ناقابل واپسي) اليڪٽرانڪ آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ڏينهن اڳ جمع ڪرائڻا پوندا. آڇون مقرر ڪيل ڏينهن تي منجهند جو 01:00 وڳي هيٺ ڏنل پتي تي کوليون وينديون: آفيس ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ، سنڌ گورنمينٽ قطر اسپتال، اورنگي ٽائون، ڪراچي، نئين بلڊنگ بي ماڙ.

اهم نوٽ:

- اليڪٽرانڪ آڇو بابت ڪنهن به قسم جي پڇا ڳاڇا لاءِ دلچسپي رکندڙ ماڻهو ذاتي طور تي سنڌ گورنمينٽ قطر اسپتال، اورنگي ٽائون، ڪراچي ۾ ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ جي آفيس سان رابطو ڪري سگهن ٿا.
- جيڪڏهن حڪومت طرفان ڪنهن به عام موڪل جو اعلان ڪيو وڃي يا ڪي اڻ وڻندڙ حالتون پيدا ٿين ته ٽينڊر/آڇون ايندڙ ڪم واري ڏينهن ساڳئي هنڌ ۽ ساڳئي وقت تي جمع ڪرايون ۽ کوليون وينديون.
- خريداري ڪندڙ اداري کي SPPRA رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به هڪ يا سمورين آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
- ڪنهن به قسم جي ڏکيائي پيش اچڻ جي صورت ۾ امڪاني آڇ ڏيندڙ ڪم وارن ڏينهن ۽ دفتري وقت دوران EPADS جي هيلپ لائن نمبر 051-111-137-237 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

INF/KRY/4547/2026

(ڊاڪٽر راشد سراج)
ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ
سنڌ گورنمينٽ قطر اسپتال، اورنگي ٽائون، ڪراچي

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ايڊيٽوريل

غربت، گهريلو پريشانيون ۽ سماجي ٻي
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
سعودي عرب، اسان جي ريڍ
صفحو 4

روزاني عبرت

تعليم، مصنوعي ذهانت ۽ سنڌ
غلام نبي مگسي
صفحو 4

مختيار اٽو
صفحو 4
اڄوڪو ڏينهن —— 15 آڪٽوبر

سنڌ ورهائڻ جي ايجنڊا پيپلزپارٽي جي نه، پر اسٽيبلشمينٽ جي آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

سنڌ جو وجود خطري هيٺ آهي ۽ ڌاريا سنڌ ورهائڻ جي منصوبي تحت ميدان تي لٿل آهن. متحد ٿيڻو پوندو

ايم ڪيو ايم ماضي ۾ به سنڌ جي مفادن خلاف ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سنڌس چوڻ موجب اها اڄ به سنڌ دشمن پاليسين تي عمل پيرا آهي

ڪراچي ۾ 29 نومبر تي "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان هيٺ جلسو منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ لکين ماڻهن جي شرڪت ڪندا: ميڊيا سان ڳالهيون

ملاڪاتيار ڊاڪٽر قادر مگسي ڪامريڊ محمد عثمان سومرو سان سندس مامي راجا سومرو جي وفات تي تعزيت ڪندي ٻي طرف صحافين سان ڳالهائيندي

ملاڪاتيار (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ٻلڙي شاهه ڪريم جي مختلف ڳوٺن سليمان سومرو ٻارڇاڻي شريف سانگ ميان جهنگ ڪاتيار ٽائون ميل اسٽاپ ٽانگو شاهه موريا ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ ورهائڻ جي ايجنڊا پيپلزپارٽي جي نه پر اسٽيبلشمينٽ جي آهي. سنڌ جو وجود خطري هيٺ آهي ۽ ڌاريا سنڌ ورهائڻ جي منصوبي تحت ميدان تي لٿل آهن 29 نومبر تي ڪراچي ۾ "سنڌ منهنجي امان" جي عنوان هيٺ جلسو منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ لکين ماڻهن جي شرڪت جي اميد آهي سنڌ منهنجي امان جلسي جي تيارين ۽ رابطا مهم جي سلسلي ۾ ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ٻلڙي شاهه ڪريم تعلقي جي ڳوٺ جهنگ ڪاتيار پهتو جتي هن حاجي محمد عرس ڪاتيار سان سندس سوٽ محمد ابراهيم ڪاتيار جي وفات تي حافظ ايوب ڪاتيار سان سندس والد حافظ محمد دائود ڪاتيار ۽ وزير علي ڪاتيار سان سندس والد نظير احمد ڪاتيار جي وفات تي ڳوٺ سليمان سومرو ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقي ٻلڙي شاهه ڪريم جي صدر ڪامريڊ محمد عثمان سومرو سان سندس مامي راجا سومرو تعزيت ڪئي ۽ ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڊاڪٽر قادر مگسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي وحدت، بقا ۽ قومي تشخص کي برقرار رکڻ لاءِ سنڌ جي عوام کي متحد ٿيڻو پوندو هن چيو ته سنڌ جي ورهاڱي جون سازشون ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيون وينديون ۽ سنڌ جو عوام پنهنجي ڌرتيءَ جي وحدت جي حفاظت لاءِ هر محاذ تي آواز بلند ڪندو ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته 29 نومبر تي ڪراچي ۾ منعقد ٿيندڙ "سنڌ منهنجي امان" جلسي ۾ لکين ماڻهو گڏ ٿي "سنڌ منهنجي امان" جا نعرا هڻندا هن دعويٰ ڪئي ته گذريل 25 سالن جي تاريخ ۾ اهڙي نوعيت جي ڪانفرنس ناهي ٿي جنهن ۾ بلوچن پٺاڻن سميت مختلف قومي پارٽين ۽ ڌرين شرڪت ڪئي هجي ايس ٽي پي سربراهه وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت ۽ سلامتي جو تحفظ وقت جي اهم ضرورت آهي سنڌ سان محبت ڪندڙ سمورين ڌرين کي سنڌ جي قومي وجود، وسيلن ۽ حقن جي حفاظت لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ گهرجي، جيئن سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو وڃي ڊاڪٽر قادر مگسي ايم ڪيو ايم تي تنقيد ڪندي چيو ته ايم ڪيو ايم ماضي ۾ به سنڌ جي مفادن خلاف ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سنڌس چوڻ موجب اها اڄ به سنڌ دشمن پاليسين تي عمل پيرا آهي هن محسن نقوي جي مستقبل بابت پڻ سخت تنقيدي بيان ڏنو.

سيئارجا سر نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب پاڻي ڪپرن کان مٿي چڙهي ويو، گهارا پوڻ معمول بڻيل

سر نالي مان پاڻي جي نيڪال جو نظام درهم برهم ٿيڻ ڪري پاڻي ڪپرن کان مٿي چڙهي رهيو، آبادين ۽ فصلن کي نقصان

پاڻي ڪپرن کان مٿي چڙهڻ جي نتيجي ۾ گهرن ۽ فصلن ۾ ڪاهي پيو، آبادگارن ۽ رهواسين کي مالي نقصان رسيو

انتظاميا جي لاپرواهي سبب اسان جا گهر ۽ مال متاع خطري ۾ پئجي ويا آهن، سر نالي جي ڪاٽي ڪرائي وڃي: رهواسي

ٺري ميرواهه (رپورٽ: گلاب سهتو) سيئارجا سر نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ سبب پاڻي ڪپرن کان مٿي چڙهي ويو، سر نالي جي مختلف هنڌن تان گهارا پوڻ معمول بڻيل آبادين ۽ فصلن کي سخت نقصان سر نالي جي بروقت ڪاٽي نه ٿيڻ سبب پاڻي اوور ٽاپ ٿيڻ لڳو سر نالي مان پاڻي جي نيڪال جو نظام درهم برهم ٿيڻ ڪري پاڻي ڪپرن کان مٿي چڙهي ويو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ پاڻي گهرن ۽ فصلن ۾ ڪاهي پيو پاڻي جو نيڪال نه ٿيڻ سبب سر نالي جو پاڻي ڪيترن ئي گهرن ۾ داخل ٿيڻ سبب گهرن کي سخت نقصان پهتو آهي. جڏهن ته ڪپهه فصل به پاڻي هيٺ اچي ويا آهن. جنهن سان مقامي آبادگارن ۽ رهواسين کي مالي نقصان رسيو آهي علائقي واسين موسمياتي تبديليءَ جي اثرن ۽ برساتن جي امڪان کي نظر ۾ رکندي، جيڪڏهن اچانڪ بارش پئي ته رهائشي علائقا ٻڏڻ جو خدشو ظاهر ڪري چيو سيئارجا سر نالي جي ڪاٽي نه ٿيڻ جون دانهون اسڪارپ خيرپور جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ڪاٽي جي اعليٰ اختيارين کي بار بار آگاهه ڪرڻ باوجود ڪو به ڪڙ تيل نه نڪتو آهي شهرين جو چوڻ آهي ته انتظاميا جي لاپرواهي سبب سندن گهر ۽ مال متاع خطري ۾ پئجي ويا آهن آبادگارن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته هنگامي بنيادن تي مشينري ذريعي سر نالي جي ڪاٽي ڪرائي وڃي، ۽ پاڻي جي نيڪال کي يقيني بڻائي علائقي کي وڏي نقصان کان بچايو وڃي

سوڀوديرو تعلقي جي آبادگارن پاران ڪمند جو اگهه 600 رپيا في مڻ مقرر ڪرڻ جو مطالبو

شگر مل مافيا ڪمند جو پورو اگهه ادا نٿي ڪري، جنهن سبب آبادگار سخت معاشي مشڪلاتن جو شڪار آهن: آبادگار

ڪمند جي پوکيءَ تي ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائن، ڊيزل ۽ ٻين زرعي ضرورتن جا خرچ تمام گهڻا وڌي ويا آهن، خرچ لاهڻ مشڪل آهي

ڪمند جو اگهه 600 رپيا في مڻ مقرر ڪري شگر ملن کي آبادگارن کي مقرر ڪيل اگهه جي مڪمل ادائيگيءَ جو پابند بڻايو وڃي

سوڀوديرو (رپورٽ فقير محمد عباسي) تعلقي سوڀوديرو جي ڳوٺن سمي، هنگورجا، رانيپور ۽ مڏ سميت تعلقي گمبٽ جي رازديري، اگرا ۽ ٻين مختلف علائقن جي ڪمند جي آبادگارن مطالبو ڪيو آهي ته ڪمند جو اگهه 600 رپيا في مڻ مقرر ڪري آبادگارن کي معاشي بدحالي ۽ نقصان کان بچايو وڃي. ان سلسلي ۾ هاري آبادگار اڳواڻن سيد فيض علي شاهه بخاري ضمير حسين سهتي ۽ زاهد حسين سامٽي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته شگر مل مافيا آبادگارن کي ڪمند جو پورو اگهه ادا نه ڪري رهي آهي جنهن سبب آبادگار سخت معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته آبادگارن جي مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي کين سندن فصل جو مناسب اگهه ڏياريو وڃي هنن چيو ته ڪمند جي پوکيءَ تي ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائن، ڊيزل ۽ ٻين زرعي ضرورتن جا خرچ تمام گهڻا وڌي ويا آهن جنهن ڪري آبادگارن لاءِ فصل جي پيداوار مان مناسب بچت ڪرڻ بدران نقصان جو انديشو وڌي ويو آهي موجوده مهانگائيءَ جي دور ۾ زرعي خرچ برداشت ڪرڻ آبادگارن لاءِ ڏينهون ڏينهن ڏکيو ٿيندو پيو وڃي هاري اڳواڻن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائون ۽ ڊيزل سستي اگهه تي فراهم ڪيا وڃن جڏهن ته ڪمند جو اگهه 600 رپيا في مڻ مقرر ڪري شگر ملن کي آبادگارن کي مقرر ڪيل اگهه جي مڪمل ادائيگيءَ جو پابند بڻايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته حڪومت آبادگارن جي معاشي حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري طور قدم کڻي، جيئن هاري ۽ آبادگار بُڪ، بدحالي ۽ مالي بحران کان بچي سگهن ۽ زراعت کي وڌيڪ نقصان کان محفوظ رکيو وڃي سنڌ جي معيشت کي ڪاپاري ڌڪ کان بچايو وڃي

ميهڙ ۾ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف احتجاج جاري

شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 33 ڏينهن به ريلي ڪڍي وئي

ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن: نياز علي برڙو

ميهڙ (ن ع) بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 33 ڏينهن به شهرين بيٺو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شهري، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، دڪاندارن مختلف ڪالونين جي رهواسين ۽ بلدياتي ادارن جي ڪائونسلرن شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب کوسو هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد ڪلهوڙو قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير کوسو ايس يو پي ضلعي صدر سڪندر سوڍو عبدالمجيد سوڍو عوامي پورهيت تحريڪ جي اڳواڻ وڪيل پنهل کوسو سٽي ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻ مولوي منظور چانڊيو ڪرياڻ مرچنٽ جو صدر محبوب علي کوسو سميت مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ۽ وڏي تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙن چيو ته ڪيترن ئي سالن کان فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن هنن چيو ته شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن، شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ ۾ ساڍا 3 سئو وائيٽ ڪالر ماڻهن کي ڀرتي ڪيو ويو آهي جيڪي سياسي آشيرواد سبب ڊيوٽي نه ٿا ڪن ڪروڙين روپين جي ماهوار بجيٽ هڙپ ڪئي وڃي ٿي هنن چيو ته تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ ماڻهن کي دوائون نه ٿيون ملن سمورا شعبا غير فعال بڻيل آهن جڏهن ته ميهڙ ۾ ٻن ٿاڻن، ڊي ايس پي آفيس هجڻ باوجود به بدامني وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب ٿي وئي آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن ميهڙ مسئلن جو گهر بڻجي ويو آهي چونڊيل نمائنده ڪرپشن ۾ پورا آهن شهري انتهائي پريشان آهن هنن چيو ته 32 ڏينهن کان اسان شهري سراپا احتجاج بڻيل آهيون ڪمشنر حيدرآباد، ڊي سي دادو ۽ انتظاميه جي ڪنن تي جونءِ به نه ٿي چري، هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ بنيادي مسئلن جي حل تائين روز جي بنياد تي احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

احتجاج
احتجاج
احتجاج

ميهڙ ميهڙ ۾ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد پاران احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٽرڪن جي وڪري ۾ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ 53 سيڪڙو جو اضافو

بسن جي وڪري ۾ گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ جاري مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران ٽرڪن جي وڪري ۾ ساليانو بنياد تي 53 سيڪڙو جو اضافو جڏهن ته بسن جي وڪري ۾ گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي پاڪستان آٽو موبائل مينو فيڪچررز ايسوسي ايشن جي جاري ڪيل انگن اکرن موجب جولاءِ کان سيپٽمبر 2026 ع دوران ملڪ ۾ ٽرڪن جا 2 هزار 516 يونٽ وڪرو ٿيا، جڏهن ته گذريل مالي سال جي ساڳئي عرصي دوران اهو تعداد هڪ هزار 643 يونٽ رڪارڊ ڪيو ويو هو سيپٽمبر 2026 ع دوران ٽرڪن جا 860 يونٽ وڪرو ٿيا جيڪي آگسٽ 2026 ع ۾ 802 يونٽ جي ڀيٽ ۾ 7 سيڪڙو ۽ گذريل سال سيپٽمبر جي 730 يونٽ جي ڀيٽ ۾ 18 سيڪڙو وڌيڪ آهن انگن اکرن موجب مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ ملڪ ۾ بسن جا 211 يونٽ وڪرو ٿيا جيڪي گذريل سال جي ان عرصي ۾ 221 يونٽ جي ڀيٽ ۾ اٽڪل 5 سيڪڙو گهٽ آهن سيپٽمبر 2026 ع ۾ بسن جا 73 يونٽ وڪرو ٿيا هئا جيڪي آگسٽ جي ڀيٽ ۾ برابر آهن گذريل سال سيپٽمبر ۾ 94 بسون وڪرو ٿيون هيون اهڙي ريت 2026 ع ۾ بسن جي وڪري ۾ ساليانو بنيادن تي اٽڪل 22 سيڪڙو گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي

ملڪ ۾ ڪچي تيل جي پيداوار ۾ هفتيوار بنيادن تي 2 سيڪڙو گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) ملڪ ۾ ڪچي تيل جي سراسري روزاني پيداوار ۾ هفتيوار بنيادن تي 2 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته گئس جي پيداوار تقريبن مستحڪم رهي ٽي پي آءِ ايس انڊسٽري جي انگن اکرن مطابق 8 آڪٽوبر تي ختم ٿيل هفتي دوران ملڪ ۾ ڪچي تيل جي سراسري روزاني پيداوار 62647 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي جيڪا ان کان اڳ واري هفتي جي ڀيٽ ۾ 2 سيڪڙو گهٽ آهي ان کان اڳ واري هفتي دوران ڪچي تيل جي سراسري روزاني پيداوار 63747 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي هئي انگن اکرن مطابق جائزي هيٺ هفتي دوران ملڪ ۾ گئس جي سراسري روزاني پيداوار 2992 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي، جيڪا ان کان اڳ واري هفتي جي 2999 ايم ايم سي ايف ڊي پيداوار جي تقريبن برابر آهي انگن اکرن مطابق 8 آڪٽوبر تي ختم ٿيل هفتي دوران آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ جي ڪچي تيل جي سراسري روزاني پيداوار 32161 بيرل، پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ جي 11720 بيرل، ماڙي انرجيز جي 1345 بيرل جڏهن ته پاڪستان آئل فيلڊز لميٽيڊ جي 3326 بيرل رڪارڊ ڪئي وئي گئس جي پيداوار جي حوالي سان او جي ڊي سي ايل جي سراسري روزاني پيداوار 584 ايم ايم سي ايف ڊي، پي پي ايل جي 591 ايم ايم سي ايف ڊي، ماڙي انرجيز جي 825 ايم ايم سي ايف ڊي جڏهن ته پي او ايل جي 88 ايم ايم سي ايف ڊي رڪارڊ ڪئي وئي

محرابپور ۾ ڏوهاري آپي کان ٻاهر، ريٽائر استاد کان ڦر، تشدد

رٽائرڊ استاد پيرسن اصغر راجپوت کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي مارڪٽ

ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪري موٽر سائيڪل، فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار

محرابپور ڦورن جو متاثر پيرسن اصغر راجپوت دانهين رهيو آهي

محرابپور (ٽ ر) محرابپور ۾ ڏوهاري آپي کان ٻاهر ٿي ويا ڦر ڪرڻ سان گڏ متاثرين کي بلاجواز تشدد جو نشانو بڻائڻ لڳا پوليس بيوس اڻ ڏس ۾ محرابپور ٿاڻي جي حد ڪوٽڙي ڪبير روڊ تي نامعلوم هٿيارٻندن رٽائرڊ استاد پيرسن اصغر راجپوت کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪيس مارڪٽ ڪري سندس جا ڪپڙا ليڙون ليڙون ڪري موٽر سائيڪل فون نقدي ڦر ڪري باآساني سان فرار ٿي ويا ياد رهي ته به ڏهاڙا اڳ ساڳئي روڊ سان سوجائين واري لنڪ روڊ وٽ ٽن نامعلوم ڦورو هٿيارٻندن پاران موٽر سائيڪل سوار ڳوٺاڻن مرتضيٰ لاشاري ۽ رحمان لاشاري کي روڪي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي مارڪٽ ڪرڻ بعد موٽرسائيڪل نقدي ۽ ٽچ موبائل فون ڦر ڪري باآساني سان فرار ٿي ويا ۽ ساڳئين ڦورن ڪرائر ڊرائيور کي پڻ يرغمال بڻائي ڪيش رقم ۽ ٽچ موبائل فون پڻ ڦر ڪئي جڏهن ته پوليس ڏوهارين آڏو بيوس بڻجي وئي آهي

هاءِ سيڪنڊري اسڪول جهنڊو مشائخ جي بهترين استاد قادر بخش وساڻ جي مان ۾ الوداعي پارٽي

راڻيپور (ن ع) راڻي پور لڳ هاءِ سيڪنڊري اسڪول جهنڊو مشائخ جي بهترين استاد قادر بخش وساڻ جي رٽائرمينٽ تي شاندار الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي، کيس لفظن جي پيدا ڏني وئي. رپورٽ مطابق، هاءِ سيڪنڊري اسڪول جهنڊو مشائخ جي فرض شناس، محنتي ۽ بهترين استاد قادر بخش وساڻ جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي اسڪول جي استادن ۽ شاگردن پاران شاندار الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ استادن، شاگردن ۽ معزز مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺري ميرواهه ۾ بااثرن پاران شادي شده عورت جا وار ڪٽي تذليل

الطاف سومرو پنهنجي گهر گهرائي مونکي غلط ڪم جو چيو: افسانه سومرو

انڪار ڪرڻ تي مونکي الطاف سومرو ۽ ان جي گهر واري مونکي تشدد ڪري وار ڪٽيا

ٺري ميرواهه (ن ع) ٺري ميرواهه ۾ بااثرن پاران شادي شده عورت جا وار ڪٽي تذليل جو نشانو بڻايو ويو متاثر عورت افسانه سومرو پريس ڪلب پهچي انصاف جو مطالبو ڪيو ۽ چيو ته مان اصل جي بوڙدار وڏا جي رهواسڻ آهيان مونکي الطاف سومرو ۽ سندس گهرواري سلمان سومرو پنهنجي گهر گهرائي مونکي غلط ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪندا رهيا عورت افسانه سومرو جو چوڻ آهي ته منهنجي انڪار ڪرڻ تي مونکي الطاف سومرو ۽ ان جي گهر واري مونکي رسن سان ٻڌي سخت تشدد جو نشانو بڻائي منهنجا مٿي جا وار پڻ ڪٽي ڇڏيا آهن اطلاع تي ٺري ميرواهه پوليس پهچي واقع جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آخري اطلاعن تائين واقع جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي آهي متاثر عورت پاران اعلا اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪيو آهي

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي جي ڊي جي پاران سرڪاري زمينن جو دورو

اينڊڙ نيلامي ۾ شامل ڪرڻ جي امڪانن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

ملڪ جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ شهرين کي شرڪت جا موقعا فراهم ڪيا ويندا: ڊي جي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) جي ڊائريڪٽر جنرل زين العابدين انصاري سرجاني ٽائون شپ، نارٿ ڪراچي ٽائون شپ ۽ فيڊرل بي ايريا ۾ سرڪاري زمينن جو دورو ڪري اينڊڙ نيلامي لاءِ موجود پلاٽن جي صورتحال جو جائزو ورتو هن چيو ته اداري کي مالي طور مضبوط بڻائڻ ۽ پينشنرن جا رهيل واجبات ادا ڪرڻ لاءِ سرڪاري زمينن جي نيلامي جا قدم کنيا پيا وڃن ڊي جي ڪي ڊي اي سرجاني ٽائون شپ جي سيڪٽر 7- B ۽ 11- B، نارٿ ڪراچي ٽائون شپ جي سيڪٽر 5- D ۽ 5- F سميت ٻين سيڪٽرن ۽ فيڊرل بي ايريا بلاڪ 11 ۾ ايل ايس پلاٽن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن کيس زمينن جي موجوده صورتحال، نوعيت ۽ اينڊڙ نيلامي ۾ شامل ڪرڻ جي امڪانن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني زين العابدين انصاري چيو ته اداري جي آمدني وڌائڻ ۽ موجود وسيلن کي بهتر نموني استعمال ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن عدالتي حڪمن جي روشني ۾ ڪي ڊي اي جي پينشنرن جا واجبات مقرر مدي اندر ادا ڪرڻ لاءِ پڻ سنجيده ڪوششون ڪيون پيون وڃن هن چيو ته اينڊڙ نيلامي ۾ سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ملڪ جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ شهرين کي شرڪت جا موقعا فراهم ڪيا ويندا، جيئن اهي پنهنجي ضرورت موجب پلاٽ حاصل ڪري گهر اڏڻ جو خواب پورو ڪري سگهن نيلامي مان حاصل ٿيندڙ آمدني اداري جي مالي استحڪام ۽ واجبات جي ادائيگي ۾ مددگار ثابت ٿيندي ڊي جي ڪي ڊي اي وڌيڪ چيو ته نيلامي جي سمورن مرحلن ۾ شفافيت، ميرٽ ۽ قانوني گهرجن کي اوليت ڏني ويندي، جيئن اداري جي مالي معاملن کي بهتر بڻائڻ سان گڏ شهرين جو اعتماد پڻ برقرار رهي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ سيد زين شاهه پڻ موجود هو

ڪراچي ڊي جي زين العابدين انصاري سرجاني ٽائون شپ جي مختلف سيڪٽرز جو دورو ڪندي

شهدادپور ۾ 30 لک رپين جو مبينا ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جو الزام

پيو لاکو سان سندس ڪاروباري واسطا هئا، 30 لک رپين جو چيڪ ڏنو: ولي محمد لاشاري

فريادي جي درخواست تي شهدادپور پوليس جوابدار ثواب علي عرف پيو لاکو خلاف ڪيس داخل

شهدادپور (ن ع) شهدادپور بخاري پاڙي جي رهواسي زميندار ولي محمد لاشاري، جوابدار ثواب علي عرف پيو لاکو خلاف 30 لک رپين جو مبينا ڪوڙو چيڪ ڏيڻ جي الزام هيٺ شهدادپور ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو آهي فريادي ولي محمد لاشاري پنهنجي فرياد ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته جوابدار پيو لاکو سان سندس ڪاروباري واسطا هئا. جنهن دوران جوابدار کيس 30 لک رپين جو چيڪ ڏنو. جيڪو بعد ۾ ڪوڙو ثابت ٿيو ولي محمد لاشاري پنهنجي فرياد ۾ چاڙهيو آهي ته مون معزز شهر جي ماڻهن کي دانهن ڏني جن فيصلو به ڪيو پر ڪنهن قسم جو پيو لاکو عمل نه ڪيو . فريادي جي درخواست تي شهدادپور پوليس جوابدار ثواب علي عرف پيو لاکو خلاف ڪيس داخل ڪري کيس گرفتار ڪرڻ بعد واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

ڊائريڪٽر ايگريڪلچر انجنيئرنگ خلاف مهم بي بنياد قرار، قانوني ڪارروائي جو چتاءُ

ڊائريڪٽر محرم علي ڪولاچي جي مقرري ۽ پروموشن قانون موجب آهن: ترجمان

سوشل ۽ پرنٽ ميڊيا تي هلندڙ من گهڙت ۽ بي بنياد پروپيگنڊا کي رد ڪيون ٿا

اداري جي بدنامي ڪندڙ عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروائي جو حق محفوظ رکون ٿا

حيدرآباد (پ ر) ايگريڪلچر انجنيئرنگ ونگ جي ترجمان ڊائريڪٽر محرم علي ڪولاچي خلاف سوشل ۽ پرنٽ ميڊيا تي هلندڙ مبينا من گهڙت ۽ بي بنياد پروپيگنڊا کي رد ڪندي چيو آهي ته سندس مقرري ۽ پروموشن قانون ۽ ضابطن تحت عمل ۾ آندا ويا آهن جن جا دستاويزي ثبوت ۽ لاڳاپيل حڪومتي نوٽيفڪيشن پڻ موجود آهن پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ترجمان چيو ته گذريل ڪجهه ڏينهن کان کاتي جي آفيسر محرم علي ڪولاچي خلاف مختلف ميڊيا پليٽ فارمن تي حقيقتن جي ابتڙ خبرون ۽ پوسٽون شيئر ڪيون پيون وڃن، جن جو حقيقتن سان ڪو به واسطو ناهي هن واضح ڪيو ته سرڪاري آفيسرن ۽ ادارن بابت غير تصديق ٿيل معلومات جي تشهير سان نه رڳو ادارن جي ساک متاثر ٿئي ٿي، پر ان سان غير ضروري تڪرار پڻ جنم وٺي ٿو ترجمان وڌيڪ چيو ته اهڙي قسم جي مبينا منفي پروپيگنڊا ۾ ملوث عنصرن خلاف قانوني ڪارروائي جو حق محفوظ رکيو ويو آهي هن موجب، کاتي جي اعليٰ اختيارين معاملي جو سختيءَ سان نوٽيس وٺندي ڪوڙيون خبرون ۽ پوسٽون پکيڙيندڙن خلاف نيشنل سائبر ڪرائيم ونگ ذريعي قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي ڳڙهي خيرو ۾ علامتي بک هڙتال

بک هڙتال دوران استادن کي سروس اسٽرڪچر ڏيو جا نعره هنيا ويا

حڪومت تسليم ٿيل مطالبن جا نوٽيفڪيشن جاري نه پئي ڪري: استاد

ڳڙهي خيرو (ن ع) پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي ڳڙهي خيرو ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي تعلقي جي صدر شهزاد پٽي، ضلعي انفارميشن سيڪريٽري بهرام خان لهر تعلقي جي آفيس سيڪريٽري عمران خان رند جي اڳواڻي ۾ استادن بک هڙتال ڪئي بک هڙتال دوران استادن استادن کي سروس اسٽرڪچر ڏيو ڊيٽ آف انيشل اپائنٽمينٽ کان ريگيولر ڪريو فيشل ريڪگنيشن ايپ ۾ موجود غلطيون درست ڪريو ڪلسٽر پاليسي نامنظور جا نعرا هنيا ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت پرائمري استادن جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪونه آهي هنن چيو ته حڪومت تسليم ٿيل مطالبن جا نوٽيفڪيشن جاري نه پئي ڪري هنن چيو حڪومت سروس اسٽرڪچر لاءِ ٽال مٽول ڪري پئي استادن جي ٽن سالن جي سروس ڪٽ لڳائي پئي جيڪو پرائمري استاد کي ڪنهن صورت ۾ قبول نه آهي هنن چيو ته استادن جا جائز مطالبا پورا ڪري استادن ۾ پکڙيل بي چيني ختم ڪئي وڃي

ڳڙهي خيرو پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي ڳڙهي خيرو ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي پئي وڃي

حيسڪو ۾ انتظامي سڌارن جي سخت ضرورت آهي: صابر قائمخاني

حيسڪو پاران بجليءَ جي قيمتن ۾ واڌ لاءِ نيپرا ۾ داخل ڪرايل درخواست سراسر عوام دشمني آهي

شهري اڳ ئي 44 رپيا في يونٽ جي ڳري اگهه تي بجليءَ جا بل ادا ڪرڻ تي مجبور آهن: راشد خان

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن صابر قائمخاني ۽ راشد خان چيو آهي ته حيسڪو پاران نيپرا ۾ بجليءَ جي اگهن ۾ واڌ لاءِ درخواست داخل ڪري عوام دشمن رويو اختيار ڪيو ويو آهي جڏهن ته اداري ۾ انتظامي سڌارن جي سخت ضرورت آهي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي ايم پي اي صابر قائمخاني چيو ته حيسڪو پاران بجليءَ جي قيمتن ۾ واڌ لاءِ نيپرا ۾ داخل ڪرايل درخواست سراسر عوام دشمني آهي جنهن کي هو رد ڪن ٿا هن چيو ته شهري اڳ ئي 44 رپيا في يونٽ جي ڳري اگهه تي بجليءَ جا بل ادا ڪرڻ تي مجبور آهن. اهڙي صورتحال ۾ وڌيڪ واڌ عوام لاءِ وڏو عذاب ثابت ٿيندي هن انڪشاف ڪيو ته حيسڪو کي پارٽ ٽائيم چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ذريعي هلايو پيو وڃي. جڏهن ته اداري ۾ فوري طور مستقل سي اي او مقرر ڪرڻ جي ضرورت آهي هن شڪايت ڪندي چيو ته وفاقي وزير پاڻي ۽ بجلي توڙي سيڪريٽري پاور اڄ تائين حيدرآباد جو دورو نه ڪيو آهي جڏهن ته شهر ۾ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي ان موقعي تي ايم پي اي راشد خان وفاقي وزارت تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته وفاقي وزير وزارت کي بادشاهت جيان هلائي رهيا آهن هن انڪشاف ڪيو ته گذريل هڪ سال کان حيسڪو ۾ بورڊ آف گورنرز به موجود ناهي جنهن سبب اداري جي انتظامي معاملن تي سنجيده سوال اٿي رهيا آهن راشد خان وزيراعظم شهباز شريف کان مطالبو ڪيو ته پاڻي ۽ بجلي واري وزارت توڙي حيسڪو جي ڪارڪردگيءَ جو فوري نوٽيس وٺي، اداري ۾ انتظامي سڌارا آندا وڃن ۽ حيدرآباد جي عوام کي غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ بجليءَ جي ڳرن بلن واري عذاب مان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي

مٽياري ۾ پٽ شاهه جي رهواسي عورتن جو احتجاج

نظاماڻي برادري جي بااثر ماڻهن مان اسان جي زندگيءَ کي خطرو آهي: مومل ماڇي

بااثرن اسان جي سڀني مردن کي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيا آهن، تحفظ ڏنو وڃي

مٽياري (ڊ ر) پٽ شاهه جي رهواسي عورتن مسمات مومل ماڇي ۽ پري ماڇي سٽي پريس ڪلب مٽياري تي پهچي دانهيندي چيو آهي ته نظاماڻي برادري سان تعلق رکندڙ بااثر ماڻهن مان اسان جي زندگيءَ کي خطرو آهي بااثر شخص ياسين نظاماڻي شاهنواز نظاماڻي عليونواز، زاهد غلام نبي نظاماڻي وارن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هنن اسان جي سڀني مردن کي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيا آهن اسان شاهنواز نظاماڻي وارن کان پلاٽ ورتو هو جنهن جي لکت اسان وٽ موجود آهي هاڻي 10 لک وٺڻ کانپوءِ وري پنج لک ٻيا گهري رهيا آهن اسين غريب ماڻهو آهيون کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي معان وري ڄاڻايل ڌر جا ماڻهو اسان جي مردن معان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهن اسان جي هڪ نوجوان بخش علي کي پوليس کي پئسا ڏئي گرفتار پڻ ڪرايو آهي جڏهن ته درياهه خان ۽ دلدار ماڇي جي معان پڻ ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي اسان اڄ ايس ايس پي مٽياري وٽ پهچي پنهنجو فرياد داخل ڪرايو آهي اسين آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان مطالبو ٿا ڪريون ته اسان غريبن سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسين حيدرآباد پريس ڪلب تي پهچي پنهنجي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين جنهن جا ذميوار ڄاڻايل جوابدار هوندا

شهدادڪوٽ پوليس جو ڏوهارين جي گينگ سان مقابلو، بدنام ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

بي سيڪشن پوليس ڳجهي اطلاع تي انگهه لنڪ روڊ تي ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين سان مقابلو ڪيو

مقابلي ۾ بدنام ڏوهاري فدا پٽي پٽ اڪرم پٽي ويٺل حسن پٽي کي زخمي حالت ۾ گرفتار، پسٽل گولين ۽ ڦرليل موٽر سائيڪلون هٿ

گرفتار ڏوهاري فدا پٽي پوليس کي ڦر، اغوا، ڌاڙن پوليس مقابلن سميت سنگين ڏوهن جي ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هيو: ڊي ايس پي

شهدادڪوٽ گرفتار زخمي ڏوهاري ٻئي طرف ڊي ايس پي پريس ڪانفرنس ڪندي

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ پوليس جو ڏوهارين جي گينگ سان مقابلو بدنام ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڦرليل موٽر سائيڪلون ۽ هٿيار برآمد مقابلو ڪندڙ پوليس پارٽي لاءِ انعام ڏوهه ۽ ڏوهاري کي برداشت نه ڪيو ويندو ڊي ايس پي ممتاز مگسي رپورٽ موجب شهدادڪوٽ بي سيڪشن پوليس ڳجهي اطلاع تي انگهه لنڪ روڊ تي ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڏوهارين سان مقابلو ڪيو پوليس ۽ ڏوهارين سان ٿيل دوبدو مقابلي ۾ بدنام ڏوهاري فدا پٽي پٽ اڪرم پٽي ويٺل حسن پٽي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ڪلاشن هڪ ايم ايم پسٽل گولين سان ڀريل ميگزين ۽ ڦرليل موٽر سائيڪلون پڻ برآمد ڪيون ويون آهن جڏهن ته ٻيا چار ڏوهاري فرار ٿي ويا ٻئي طرف ڊي ايس پي شهدادڪوٽ مير ممتاز علي مگسي پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته زخمي حالت ۾ گرفتار ڏوهاري فدا پٽي پوليس کي ڦر اغوا ڌاڙن پوليس مقابلن سميت سنگين ڏوهن جي ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هيو پوليس سندن ڪيسن بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي جڏهن ته فرار ٿيل ڏوهارين جي گرفتاريءَ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن هن ٻڌايو ته ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ مقابلو ڪندڙ پوليس پارٽي لاءِ انعام ۽ سند ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو آهي ڊي ايس پي مير ممتاز علي مگسي چيو ته ڏوهه ۽ ڏوهاري کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ڏوهارين کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ ضرور آڻبو

چيف سيڪريٽري سنڌ پاران مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو جو دورو، 75 گرلز هاسٽل جو افتتاح

ٻاهرين دنيا جي يونيورسٽين ۾ معاشي مسئلا ناهن، اتي صرف تعليم، تحقيق ۽ تربيت تي سوچيو ويندو آهي: آصف حيدر شاهه

هارورڊ يونيورسٽي ۾ آئون ويو آهيان اتي پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ وارن کي چون ٿا رڳو توهان اچو، سڀ ڪجهه مفت آهي ايستائين جو قرض به ڏنو ويندو آهي

ترقي يافته ملڪن جا اعليٰ تعليمي ادارا پاڻي، سولر بجلي ۽ گئس لاءِ پريشان ناهن، اسان کي پنهنجي ادارن کي ترقي وٺرائڻي پوندي: تقريب کي خطاب

ڄامشورو چيف سيڪريٽري سيد آصف حيدر شاهه 75 گرلز هاسٽل جو افتتاح ڪندي

ڄامشورو (پ ر) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه پاران مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو جو دورو 75 گرلز هاسٽل جو افتتاح ڪيو هاسٽل ۾ 75 شاگردياڻين جي رهائش جي گنجائش آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه چيو ته آئون جڏهن به مهراڻ يونيورسٽي آيو آهيان مونکي خوشي ٿيندي آهي، مونکي هر ڀيري اچي بهتر محسوس ٿيو آهي. چيف سيڪريٽري چيو ته ڪنهن زماني ۾ هتي اهڙو مشڪل ماحول هوندو هئو جو هتي ڪير اچڻ لاءِ تيار نه هئو ۽ شاگردياڻين جو تعداد نه هجڻ برابر هئو هن چيو ته هاڻي ڄامشوري جو ماحول ۽ ترقي ڏسي تبديلي جو احساس ٿئي ٿو هن چيو ته ٻاهرين دنيا جي يونيورسٽين ۾ معاشي مسئلا ناهن اتي صرف تعليم، تحقيق ۽ تربيت تي سوچيو ويندو آهي هارورڊ يونيورسٽي ۾ آئون ويو آهيان اتي پڙهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ وارن کي چون ٿا رڳو توهان اچو سڀ ڪجهه مفت آهي ايستائين جو قرض به ڏنو ويندو آهي هن چيو ته وائيس چانسلرن کي پينشن جي فنڊس لاءِ پريشان نه هجڻ گهرجي حڪومت ان حوالي سان جٿادار رٿابندي ڪري رهي آهي آصف حيدر شاهه چيو ته ترقي يافته ملڪن جا اعليٰ تعليمي ادارا پاڻي، سولر بجلي ۽ گئس لاءِ پريشان ناهن هن چيو ته اسان کي پنهنجي ادارن کي ترقي وٺرائڻي پوندي، پنهنجي ادارن ۾ ٻار پڙهائڻا پوندا ٻارن جي ٻاهر هليو وڃڻ سان اسان نه رڳو معاشي بار کڻون ٿا پر جذبات ۽ احساسن جو بار کڻڻو پوي ٿو آصف حيدر شاهه چيو ته آئون سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊس، وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي ۽ سنڌ حڪومت جي رٿابندي واري کاتي سان ويهي جيڪي گهرجون ڪيون ويون آهن انهن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ سوچي فيصلو ڪنداسين چيف سيڪريٽري چيو ته تعليم، پاڻي ۽ صحت سنڌ حڪومت جي ترجيحات ۾ شامل آهن آصف حيدر شاهه مطابق اسان جو بيروزگار نوجوان ٻاهر وڃي اليڪٽريشن، ڊرائيونگ، پلمبر ۽ ٻين فني نوڪرين لاءِ پريشان ٿئي ٿو انهن کي هتي سکيا، سرٽيفڪيٽ ۽ لائسنس ڏيارڻ لاءِ ضرور ڪم ٿيڻ گهرجي مهراڻ يونيورسٽي جي اها رٿا عمل جوڳي آهي اسان منڇر ڍنڍ جي بحالي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون سيد آصف حيدر شاهه وائيس چانسلر کي يقين ڏياريو ته هو مهراڻ يونيورسٽيءَ لاءِ پاڻي جي لائين واري اهم منصوبي جي تڪميل لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندو ان موقعي تي ڳالهائيندي وائيس چانسلر مهراڻ يونيورسٽي پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي چيو ته مهراڻ يونيورسٽيءَ کي پاڻيءَ جي رسد پنج ڪلوميٽر پري ڪاڏ واقع ڪي-بي فيڊر کان ٿئي ٿي جنهن ۾ تمام وڏا مسئلا آهن ۽ خدشو آهي ته شاگردن جي وڌندڙ تعداد ۽ يونيورسٽيءَ کي سرسبز ڪرڻ لاءِ اسان وٽ پاڻيءَ جو مقدار گهٽجي ويندو ان لاءِ ضروري آهي ته مهراڻ يونيورسٽيءَ کي هڪ جدا پاڻي جي فراهمي لاءِ واٽر پائپ لائين وارو منصوبو منظور ڪري ڏنو وڃي پينشن جو پڻ وڏو بار آهي، سنڌ حڪومت پينشن جي انڊومينٽ فنڊ لاءِ مهراڻ يونيورسٽي جي مدد ڪري، جڏهن ته صوبي جي ٻين سرڪاري يونيورسٽين جي سنڌ حڪومت ان حوالي سان مدد ڪري ٿي وائيس چانسلر چيو ته 2016 کانپوءِ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪئمپس خيرپور ميرس کي ڄامشورو ڪئمپس معاشي مدد ڪري ٿي

گهوٽڪي ۾ حوا فائونڊيشن پاران ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم

صفائي سٿرائي ۽ ڪچري کي ٺڪاڻي لڳائڻ جهڙن مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ

لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ حڪومت جي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو

گهوٽڪي (ن ع) ضلعي گهوٽڪي ۾ شهرين کي صحت، تعليم ۽ بلدياتي سهولتن جي فراهميءَ بابت مسئلن ۽ عوامي شڪايتن جو جائزو وٺڻ لاءِ حوا فائونڊيشن پاران ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شهرين، استادن طبي عملي بلدياتي نمائندن ۽ سول سوسائٽي جي ميمبرن شرڪت ڪئي فورم ۾ سرڪاري اسپتالن ۾ طبي سهولتن، ضروري دوائن جي دستيابي سرڪاري اسڪولن ۾ استادن جي حاضري ۽ بنيادي سهولتن سميت صاف پيئڻ جي پاڻي، نيڪال واري نظام، صفائي سٿرائي ۽ ڪچري کي ٺڪاڻي لڳائڻ جهڙن مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي شرڪت ڪندڙن پنهنجا تجربا بيان ڪندي لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ حڪومت جي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ان موقعي تي حوا فائونڊيشن جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر غلام نبي چيو ته ضلعي گهوٽڪي ۾ صحت، تعليم ۽ بلدياتي خدمتن کي ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي سرڪاري صحت مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي جي موجودگيءَ باوجود ڪڏهن ڪڏهن مريضن جي علاج جون ذميواريون نرسنگ جا شاگرد نڀائيندا آهن ته جڏهن ته ضروري دوائن جي به سخت کوٽ آهي فورم دوران شرڪت ڪندڙن ڪميونٽي اسڪور ڪارڊ ذريعي صحت، تعليم ۽ بلدياتي خدمتن بابت پنهنجي گڏيل راءِ پڻ درج ڪئي جنهن جو مقصد عوامي مسئلن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ لاڳاپيل ادارن جو ڌيان انهن جي حل ڏانهن ڇڪائڻ هو

گهوٽڪي حوا فائونڊيشن پاران منعقد ڪيل ڪميونٽي اڪائونٽيبلٽي فورم ۾ عوامي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي پئي وڃي

گهوٽڪي ۾ پ پ تعلقي صدر جون مختلف جاين تي عذرخواهيون

گهوٽڪي (ن ع) چيئرمين ميونسپل ڪميٽي گهوٽڪي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي گهوٽڪي جي صدر چاچا آصف رزاق خان ڌاريجو گهوٽڪي جي مختلف علائقن جا دورا ڪري مختلف برادرين جي معزز شخصيتن سان سندن پيارن جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب لاءِ دعا گهري ان موقعي تي هن عادلپور ۾ استاد فقير محمد شيخ سان سندس سئوٽ نظير احمد ميراڻي سان سندس چاچي، ڳوٺ راضي لاکو ۾ ايڊووڪيٽ شڪيل احمد لاکو سان سندس والد، شاهه جماعت ڪالوني ۾ ڪامران ڌاريجو سان سندس ڀيڻ، قادريه فيڪٽري ۾ ايس ايڇ او سردار ڪولاچي سان سندس والده، گهوٽڪا مارڪيٽ ۾ سيد واجد شاهه گيلاني سان سندس والده، لاکو محلي ۾ اعجاز احمد لاکو سان سندس والده، جڏهن ته شانتي نگر ۾ علي گهوٽو سان سندس ڀاءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي ان کان علاوه خليل شاهه مدرسي پرسان استاد محمد علي پٺاڻ جي وفات تي سندس وارثن سان پڻ تعزيت ڪئي چاچا آصف رزاق خان ڌاريجو مرحومين جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ سوڳوار خاندانن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري

ٻيڊو قمبراڻي لڳ ڳوٺ غازي خان مزاري جي رهواسين جو احتجاج

پرائمري اسڪول غازي خان مزاري ۾ 70 کان مٿي شاگرد آهن: ڳوٺاڻا

اسڪول جي بلڊنگ منظور ٿي، ٺيڪيدار رقم هڙپ ڪري فرار ٿي ويو آهي

ٻيڊو قمبراڻي (ن ع) ٻيڊو قمبراڻي لڳ ڳوٺ غازي خان مزاري جي ڳوٺاڻن ۽ معصوم شاگردن منور مزاري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪندي ٻڌايو ته گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول غازي خان مزاري ۾ 70 کان مٿي شاگرد آهن هن اسڪول جي بلڊنگ منظور ٿي جيڪا 2024 ع ۾ صرف ان جي پيڙهه جي ڀرائي ڪئي وئي جنهن بعد ٺيڪيدار رقم هڙپ ڪري فرار ٿي ويو آهي اسان جا معصوم ٻار نياڻيون ٽڪڙ اس ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن چونڊيل نمائندن توڙي لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو ته اسڪول جو ڪم مڪمل ڪرائي معصوم ٻارن جي تعليم بچائي وڃي

سڄاول گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جو رٽائرڊ سينيئر استاد سائين عبدالڪريم عرف بابو پاڻ لاڏاڻو ڪري ويو

سڄاول (ڊ ر) سڄاول شهر ۽ پاڻ برادري جي معزز شخصيت، گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول سڄاول جي رٽائرڊ سينيئر استاد سائين عبدالڪريم عرف بابو پاڻ ڪجهه مهينا بيمار رهڻ کانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس لاڏاڻي جي خبر پوڻ شرط شهر ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي جڏهن ته استادن شاگردن سياسي سماجي ۽ مذهبي ڌرين سميت شهر جي مختلف مڪتبه فڪر جي ماڻهن پاران ڏک جو اظهار ڪيو ويو مرحوم جي جنازي نماز ۽ تدفين ۾ پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر اقبال ميمڻ جي يو آءِ جي اڳواڻ مولانا حسن قاسمي انجمن تاجران صدر حافظ رياض ميمڻ مولوي اشرف ميمڻ حاجي مظفر لغاري مشتاق لغاري عبدالواحد ڪتي شڪيل پاڻ اشرف عرف آشي ميمڻ افضال پاڻ صحافي نديم شهزاد ڪتي ڪامران ڪتي منظور ميمڻ فهيم پاڻ سميت استادن، شاگردن، سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم سائين عبدالڪريم عرف بابو پاڻ کي سندس اباڻي قبرستان مصري شاهه ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو مرحوم پونئيرن ۾ هڪ بيواهه کي پٽ اويس پاڻ انيس پاڻ ۽ انس پاڻ سميت پنج نياڻيون سوڳوار ڇڏيون آهن

مسو ڀرڳڙي جي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج

مسو ڀرڳڙي ايڪشن ڪميٽي پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب عام شهرين جي روزمره زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي: مظاهرين

مسو ڀرڳڙي (ن ع) مسو ڀرڳڙي جي جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجلي جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف مسو ڀرڳڙي ايڪشن ڪميٽي پاران پريس ڪلب مسو ڀرڳڙي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري حيسڪو مٽياري ۽ لاڳاپيل اختيارين خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ڪندڙن ٽڪ جي چونڊيل نمائندن، حيسڪو چيف حيدرآباد ۽ ٻين وس وارن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي جاري اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ جو فوري نوٽيس وٺي عوام کي درپيش بجليءَ جي مسئلي جو مستقل حل ڪڍيو وڃي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن پير بخش آرائين عبدالستار ابڙو ڪامريڊ نثار لغاري جو چوڻ هو ته بجليءَ جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب عام شهرين جي روزمره زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي جڏهن ته بجليءَ جي فراهمي ۾ بيقاعدگي سبب گهريلو واهپيدارن سميت ڪاروباري ماڻهن کي پڻ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو سندن چوڻ موجب، بجلي جهڙي بنيادي سهولت جي فراهمي ۾ غير يقيني صورتحال عوام لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجي رهي آهي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو ته حيسڪو مٽياري جي ذميوار عملدارن کان جيئنڊل ڪوٽ فيڊر تي بجليءَ جي فراهمي بابت وضاحت ورتي وڃي ۽ جيڪڏهن بنا جواز لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي ته ان کي فوري طور بند ڪيو وڃي هنن ٽڪ جي چونڊيل نمائندن تي پڻ زور ڀريو ته هو عوام جي بنيادي مسئلن کي ترجيح ڏين ۽ لاڳاپيل کاتي سان رابطو ڪري بجليءَ جي فراهمي معمول موجب بحال ڪرائڻ لاءِ عملي قدم کڻن

برزداروڍا شهر ۾ سنت جيسارام فقير جو ساليانو هڪ روزه عرس جي تقريب

برزداروڍا (ن ع) برزداروڍا شهر ۾ سنت جيسارام فقير جو ساليانو هڪ روزه عرس جي تقريب منعقد ڪئي وئي جڏهن ته درگاهه سنت جيسا رام جي عقيدتمندن مريدن سڄي سنڌ مان مردن ۽ عورتن جا قافلا پهچي ويا ۽ ان موقعي تي مهمان خاص درگاهه نصير فقير جلالاڻي جي سجاده گادي نشين فقير اوشاق علي جلالاڻي جي ڀاءُ فقير امجد علي جلالاڻي هو ان موقعي تي فقير امجد علي جلالاڻي ۽ مريدن درگاهه تي چادر چاڙهي دعا گهري وئي ۽ رات جو صوفياڻي راڳ رنگ جي پڻ محفل ٿي جنهن ۾ سنڌ جي ناليواري صوفي فنڪارن سڄل سائين مخدوم طالب المولا شاهه سائين خوش خير محمد هيسباڻي ۽ ٻين صوفي درويشن جا صوفياڻا ڪلام ڳائي محفل کي 14 چنڊ لڳائي ڇڏيا ۽ صوفياڻي راڳ رنگ جي محفل سڄ اڀري تائين هلندي رهي پوليس پاران حفاظتي انتظام سخت ڪيا ويا جڏهن ته درگاهه جيسا رام جو هڪ رات جو ميلو پڄاڻي تي پهچي سندس مريدن عقيدتمندن درگاهه تي چادرون چاڙهيون ۽ لنگر تقسيم ڪرڻ بعد واپس پنهنجي ماڳن ڏانهن روانا ٿيا.

منگهوپير ٽائون ۾ نادرا موبائل وين سروس فراهم

مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ اسان جي بنيادي ترجيحن ۾ شامل آهي: چيئرمين

مقصد اهو آهي ته شهرين کي سڃاڻپ جي دستاويزن بابت ڪمن لاءِ پري واقع مرڪزن ڏانهن نه وڃڻو پوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي يونين ڪميٽي 01 جي علائقي عرض محمد ڳوٺ، مدينه هوٽل، مهراڻ سٽي جي ريجهو چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي خصوصي ڪوشش سان هڪ ڏينهن لاءِ نادرا موبائل وين سروس فراهم ڪئي وئي، علائقي جي رهواسين نادرا موبائل وين جي سهولت فراهم ڪرڻ تي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جا ٿورا مڃيندي چيو ته اهڙين سهولتن سان شهرين جي غير ضروري سفر، وقت ۽ خرچن جي بچت ٿئي ٿي علائقي واسين اها خواهش پڻ ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ منگهوپير ٽائون جي ٻين يونين ڪميٽين ۾ به نادرا موبائل وين سروس فراهم ڪئي وڃي، جيئن وڌيڪ شهري، خاص طور تي عورتون ۽ بزرگ، هن سهولت مان فائدو حاصل ڪري سگهن ان موقعي تي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پنهنجي بيان ۾ چيو ته عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن روزمره جي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ اسان جي بنيادي ترجيحن ۾ شامل آهي نادرا موبائل وين جي سهولت فراهم ڪرڻ جو مقصد پڻ اهو آهي ته شهرين کي سڃاڻپ جي دستاويزن بابت ڪمن لاءِ پري واقع مرڪزن ڏانهن نه وڃڻو پوي ۽ خاص طور تي عورتون ۽ بزرگ شهري پنهنجي علائقي ۾ رهندي ضروري سهولتون حاصل ڪري سگهن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پليولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس 15 آڪٽوبر 2026ع

غربت، گهريلو پريشانيون ۽ سماجي بي حسي!

ملير ۾ هڪ ئي گهر مان پنجن ڄڻن جا لاش هٿ اچڻ واري ڏکوئيندڙ واقعي سڄي سماج کي لوڏي ڇڏيو آهي. گلشن حديد ويجهو گهر مان 30 ورهين جي شاهزيب، سندس زال، ڀيڻ ۽ ٻن معصوم ڌيئرن جا لاش هٿ اچڻ رڳو هڪ خاندان جو الميو نه، پر اسان جي سماجي حالتن، معاشي پريشانين ۽ انساني لاڳاپن بابت ڪيترائي اهم سوال پيدا ڪري ٿو. پوليس جي شروعاتي جاچ موجب، واقعي جو ڪارڻ گهريلو پريشانيون ۽ مالي تنگي ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته واقعي جي سمورن پاسن جي جاچ اڃا ضروري آهي. هي سانحو اسان کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ته آخر اهڙيون ڪهڙيون حالتون پيدا ٿين ٿيون، جيڪي انسان کي مايوسيءَ جي اونداهين ۾ ڌڪي ڇڏين ٿيون ۽ هڪ خاندان جون خوشيون ماتم ۾ بدلجي وڃن ٿيون. پوليس موجب، گهر جو دروازو اندران بند هو ۽ واقعي واري هنڌ تان هڪ پستول ۽ شاهزيب جي کيسي مان هڪ خط پڻ هٿ آيو آهي. شروعاتي جاچ ۾ ٻارن کي زهر ڏيڻ ۽ ٻين گهر ڀاتين جي موت بابت مختلف ڳالهيون سامهون آيون آهن. تنهن هوندي به جاچ مڪمل ٿيڻ ۽ لاڳاپيل شاهدين سامهون اچڻ کان اڳ ڪنهن به نتيجي تي پهچڻ مناسب نه ٿيندو. واقعي جي حقيقت معلوم ڪرڻ، موت جي سببن جي تصديق ڪرڻ ۽ ذميواريءَ جو تعين ڪرڻ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي پر هن واقعي جو سڀ کان ڏکوئيندڙ پاسو اهو آهي ته ٻن معصوم ٻارڙين جون حياتيون به ضايع ٿي ويون، جن کي اڃا زندگيءَ جي رنگن ۽ خوشين سان واقف ٿيڻو هو.

اسان جي سماج ۾ غربت ۽ مهانگائي ڪيترن ئي خاندانن جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي. روزگار جا محدود وسيلا، آمدنيءَ ۾ گهٽتائي، گهرن جا خرچ، ٻارن جي تعليم، علاج ۽ رهائش جا مسئلا عام ماڻهن لاءِ وڏو بار بڻجي ويا آهن. هڪڙي پاسي روزمره جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو ۽ ٻئي پاسي ذميوارين جو بار وڌندو وڃي ته اهڙي حالت ۾ ماڻهو ذهني دٻاءُ ۽ نااميديءَ جو شڪار ٿي سگهن ٿا. اهڙين حالتن ۾ ڪين همدردي، سهاري ۽ مناسب رهنمائيءَ جي ضرورت هوندي آهي. بدقسمتيءَ سان اسان وٽ معاشي تنگيءَ کي گهڻو ڪري رڳو ذاتي ناڪامي سمجهيو وڃي ٿو جڏهن ته ان جا سبب ڪيترا ئي ڀيرا وسيع معاشي ۽ سماجي حالتن سان به لاڳاپيل هوندا آهن. بهرحال غربت ۽ گهريلو پريشانيون ڪنهن به صورت ۾ ٻين جون حياتيون ختم ڪرڻ جو جواز نٿيون بڻجي سگهن. خاص طور تي ٻارن جي زندگيءَ ۽ سلامتيءَ جو حق هر حالت ۾ محفوظ رهڻ گهرجي. گهريلو مسئلن جو حل تشدد، قتل يا خودڪشي نه پر ڳالهه ٻولهه، سهڪار ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڳنڍيل ڪوششن ۾ ڳولڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو انتهائي مايوسيءَ ۾ مبتلا هجي ته سندس ويجهن ماڻهن، دوستن، مائٽن ۽ سماجي ادارن کي گهرجي ته اهي سندس حالت کي سمجهن، کيس اڪيلو نه ڇڏين ۽ ضرورت پوڻ تي ذهني صحت جي ماهرن کان مدد وٺڻ ۾ سهڪار ڪن.

گلشن حديد جي واقعي مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته اسان جي سماج ۾ ذهني صحت بابت ڄاڻ ۽ مدد جا وسيلا اڃا به وڌيڪ وڌائڻ جي ضرورت آهي، جو ته اڪثر ماڻهو پنهنجي پريشاني ڪنهن سان ونڊڻ بدران اندر ئي اندر برداشت ڪندا رهن ٿا. ڪن اهو ڊپ هوندو آهي ته متان سندن ڳالهه جو مذاق اڏايو وڃي، ڪين ڪمزور سمجهيو وڃي يا سندن ذاتي مسئلا ٻين تائين پهچي وڃن. اهڙي سوچ سبب ماڻهو وقت سر مدد وٺڻ کان محروم رهجي وڃن ٿا. خاندانن اندر هڪ ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ، مسئلن کي سمجهڻ ۽ ڏکئي وقت ۾ ساٿ ڏيڻ جي روايت کي مضبوط ڪرڻ ضروري آهي. اسڪولن، اسپتالن، سماجي تنظيمن ۽ سرڪاري ادارن کي پڻ اهڙا وسيلا وڌائڻ گهرجن، جتي ذهني دٻاءُ ۽ گهريلو بحرانن کي منهن ڏيندڙ ماڻهن کي بنا ڪنهن خوف ۽ شرمندگيءَ جي مدد ملي سگهي. حڪومت جي ذميواري واقعو پيش اچڻ کانپوءِ جاچ ڪرائڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي، بلڪ ماڻهن کي روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ، مهانگائيءَ جو بار گهٽائڻ، گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن جي سهائتا ڪرڻ ۽ ذهني صحت جون سهولتون عام ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. ڪڏهن ڪڏهن وقت تي ڪيل همدرديءَ جي ڳالهه ڪنهن ڏکايل شخص جي ڳالهه ٻڌڻ يا عملي سهارو ڏيڻ سان وڏو بحران پيدا ٿيڻ کان روڪي سگهجي ٿو.

منڪي پاڪس: احتياطي تدبيرون، علامتون ۽ عوامي آگاهي!

اعجاز علي ٿيٻڙو

منڪي پاڪس، جنهن کي هاڻي عام طور تي ايم پاڪس (Mpox) چيو وڃي ٿو، هڪ وچڙندڙ وائرل بيماري آهي، جيڪا متاثر شخص سان ويجهي جسماني رابطي، چمڙي تي نڪتل ڦٽن، ڇالن ۽ زخمن سان رابطي، آلوده ڪپڙن، توالن ۽ بستري جي چادرن ذريعي پکڙجي سگهي ٿي. ڪجهه حالتن ۾ متاثر جانورن سان رابطي ذريعي به اها بيماري انسانن ۾ منتقل ٿي سگهي ٿي ايم پاڪس بابت صحيح ڄاڻ، ذاتي صفائي، احتياطي تدبيرن تي عمل، مشڪوڪ ڪيسن جي بروقت سڃاڻپ ۽ صحت کاتي جي هدايتن تي عمل ڪرڻ سان بيماريءَ جي پکڙجڻ جو خطرو گهٽائي سگهجي ٿو. موجوده دور ۾ عوامي صحت جي تحفظ لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو بيماريءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪن ۽ افواهن بدران طبي معلومات تي ڀروسو ڪن. ايم پاڪس جون اهم علامتون هي آهن. ڇهڙوڪ، بخار، مٿي جو سور، جسم ۾ سور، ٿڪاوٽ، جسم ۾ ڪمزوري، ڳچيءَ يا ٻغلن جي غدودن جو سڄڻ ۽ جسم جي مختلف حصن تي ڦٽن يا زخمن جو ظاهر ٿيڻ آهن اهي ڦٽ چهري، هٿن، پيرن، وات ۽ جسم جي ٻين حصن تي به ظاهر ٿي سگهن ٿا. ڪجهه مريضن ۾ بخار کان سواءِ به ڦٽ ظاهر ٿيندا آهن. تنهنڪري صرف بخار نه هجڻ کي بيماريءَ کان محفوظ هجڻ جي نشاني نه سمجهڻ گهرجي. وائرس سان رابطي کان پوءِ علامتون عام طور تي هڪ کان 21 ڏينهن اندر ظاهر ٿي سگهن ٿيون. جڏهن ته بيماريءَ جو عرصو ڪيترن ئي مريضن ۾ ٻن کان چئن هفتن تائين ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي بخار سان گڏ غيرمعمولي ڦٽ يا ڇالا ظاهر ٿين ته ان کي فوري طور ڊاڪٽر يا ويجهي صحت مرڪز سان رابطو ڪرڻ گهرجي. منڪي پاڪس کان بچاءَ لاءِ سڀ کان اهم قدم ذاتي صفائيءَ جو خيال رکڻ آهي. صابڻ ۽ صاف پاڻيءَ سان هٿ بار بار ڌوئڻ گهرجن. خاص طور تي متاثر شخص يا سندس استعمال ٿيل شين سان رابطي کان پوءِ لازمي هٿن جي صفائي ڪجي. جيڪڏهن پاڻي موجود نه هجي ته الڪوحل وارو هينڊ سينيٽائزر استعمال ڪري سگهجي ٿو. متاثر يا شڪي مريض سان سڌي جسماني رابطي کان پاسو ڪرڻ، سندس چمڙي تي نڪتل ڦٽن ۽ زخمن کي هٿ نه لڳائڻ ۽ سندس ذاتي استعمال جون شيون ٻين کان الڳ رکڻ ضروري آهي. مريض جا ڪپڙا، توال، بستري جون چادرون ۽ ٻيون شيون ٻين ماڻهن سان استعمال نه ڪرڻ گهرجن. جڏهن ته انهن شين کي احتياط سان سنڀالي مناسب طريقي سان ڌوئڻ گهرجي. گهرن، اسپتالن ۽ ٻين عوامي هنڌن تي صفائيءَ جو خاص خيال رکڻ، دروازن جي هينڊلن، ٽيبلن ۽ ٻين بار بار ڇهندڙ سطحن کي مناسب جراثيمن کي ماريندڙ محلول سان صاف ڪرڻ ۽ ڪمرن ۾ هوا جي اچ وڃ جو انتظام رکڻ پڻ فائديمند آهي. جيڪڏهن گهر ۾ ڪنهن شخص ۾ ايم پاڪس جي تصديق ٿئي يا شڪ پيدا ٿئي ته کيس طبي هدايتن مطابق ٻين ماڻهن کان الڳ رکڻ گهرجي ۽ سندس سار سنڀال دوران حفاظتي اپاءَن تي عمل ڪرڻ گهرجي. صحت جي عملي کي ضرورت موجب دستانا، ماسڪ ۽ ٻيا حفاظتي سامان استعمال ڪرڻ گهرجن. متاثر شخص سان ويجهي رابطي ۾ آيل ماڻهن کي به علامتن بابت ڄاڻ ڏني وڃي ۽ صحت کاتي جي هدايتن مطابق سندن نگراني ڪئي وڃي. منڪي پاڪس جي روڪٿام لاءِ ويڪسين پڻ موجود آهي، جيڪا مخصوص حالتن ۾ انفيڪشن ۽ سخت بيماريءَ جي خطري کي گهٽائي سگهي ٿي. تنهن هوندي به ويڪسين جي ضرورت، دستيابي ۽ استعمال بابت فيصلو صحت کاتي يا ڊاڪٽر جي صلاح سان ڪرڻ گهرجي. ايم پاڪس ۾ ڪيترائي مريض مناسب طبي سنڀال، آرام ۽ علامتن جي علاج سان صحتياب ٿي وڃن ٿا پر ڪجهه مريضن ۾ سنگين پيچيدگيون به پيدا ٿي سگهن ٿيون. اکين ۾ زخم، شديد ڪمزوري، ساهه کڻڻ ۾ تڪليف يا حالت خراب ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طبي امداد حاصل ڪرڻ ضروري آهي. ايم پاڪس جي روڪٿام لاءِ عوامي آگاهي مهم انتهائي اهم آهي اسڪولن، ڪاليجن، بازارن، سرڪاري آفيسن، اسپتالن ۽ ميڊيا ذريعي ماڻهن کي بيماريءَ جي علامتن، منتقليءَ جي طريقن ۽ بچاءَ جي قدمن بابت آگاهه ڪيو وڃي. صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کي گهرجي ته مشڪوڪ مريضن جي سڃاڻپ، ٽيسٽنگ، علاج ۽ رابطي ۾ آيل ماڻهن جي نگرانيءَ لاءِ ضروري قدم کڻن. بيماريءَ بابت معلومات صرف صحت کاتي ۽ معتبر طبي ذريعن کان حاصل ڪئي وڃي ۽ متاثر مريضن جي ذاتي سڃاڻپ يا معلومات اجازت کان سواءِ سوشل ميڊيا تي شيئر نه ڪئي وڃي. منڪي پاڪس بابت انگ اکر بيماريءَ جي صورتحال سمجهڻ ۽ صحت جي حڪمتِ عملي جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

سنڌ ۾ ايم پاڪس بابت 7 آڪٽوبر 2026ع تي شايع ٿيل هڪ رپورٽ موجب 93 تصديق ٿيل ڪيس ۽ 11 فوتگيون رپورٽ ڪيون ويون، جن ۾ 70 مرد ۽ 23 عورتون شامل ڄاڻايا ويا آهن. ساڳي رپورٽ ۾ ڪراچيءَ ۾ 26، خيرپور ۾ 22 ۽ سکر ۾ 9 ڪيسن جو ذڪر ڪيو ويو. جڏهن ته اپريل ۾ 31، آگسٽ ۾ 17 ۽ سيپٽمبر 2026ع ۾ 20 ڪيس رپورٽ ٿيڻ ڄاڻايا ويا آهن. صحت جي عالمي اداري جي اپريل 2026ع واري رپورٽ موجب دنيا جي 37 ملڪن مان 1 هزار 66 تصديق ٿيل ڪيس ۽ 3 فوتگيون رپورٽ ٿيون آهن انگ اکر واضح ڪن ٿا ته بيماري جي صورتحال تي نظر رکڻ، بروقت تشخيص ۽ احتياطي اپاءَن تي مسلسل عمل ڪرڻ ضروري آهي. نتيجي طور منڪي پاڪس کان بچاءَ لاءِ ذاتي صفائي، متاثر شخص سان ويجهي رابطي کان پاسو ڪرڻ، آلوده شين کي احتياط سان سنڀالڻ، شڪي علامتن جي فوري سڃاڻپ ۽ صحت کاتي سان سهڪار بنيادي اهميت رکن ٿا. سنڌ سميت شهيد بينظيرآباد ضلعي ۾ صحت جي ادارن، ضلعي انتظاميا، تعليمي ادارن، ميڊيا ۽ عام شهرين کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي ته جيئن عوام ۾ شعور وڌي، مريضن جي بروقت سڃاڻپ ٿئي ۽ وائرس جي وڌيڪ منتقليءَ کي روڪي سگهجي عوام لاءِ پيغام آهي ته جيڪڏهن بخار سان گڏ غيرمعمولي ڦٽ ظاهر ٿين ٿا ته پاڻمرادو علاج ڪرڻ بدران طبي ماهر سان رابطو ڪيو وڃي، ٻين ماڻهن سان ويجهي رابطي کان پاسو ڪيو وڃي ۽ صحت کاتي جي هدايتن تي عمل ڪيو وڃي.

سعودي عرب، اسان جي ريڊ لائن!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

سعودي عرب جي شهر رياض جي هوائي اڏي تي تازن حملن جي خبرن هر وطن دوست پاڪستانيءَ کي ڌڪ، بيچيني ۽ ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. حوثي باغين جي تباهه ڪندڙ حملن سبب پاڪستاني شهري سميت ڪيترن ئي ماڻهن جي زخمي ۽ مارجي وڃڻ جا اطلاع آهن. رياض جي هوائي اڏي جي بندش سبب علائقائي ۽ عالمي اڏامن جو هوائي آمدرفت وارو نظام پڻ سخت متاثر ٿيو آهي.

اڄ کان لڳ ڀڳ ٻارهن سال اڳ جي ڳالهه آهي. جڏهن وچ اوڀر جي سڀ کان اهم ۽ اسان جي پاڙيسيءَ واري دوست ملڪ سعودي عرب مٿان حوثي باغين جو خطرو وڌڻ لڳو هو. سعودي عرب علائقائي سلامتيءَ کي درپيش سنگين خطرن کي محسوس ڪندي پنهنجي ويجهي دوست ملڪ پاڪستان کان فوجي سهڪار جي درخواست ڪئي هئي اپريل 2015ع ۾ جڏهن پاڪستاني فوج سعودي عرب موڪلڻ جو اهم معاملو اسان جي پارليامينٽ ۾ بحث هيٺ آيو، تڏهن مون هڪ سينيٽر پارليامانٽي ميمبر جي حيثيت ۾ ايوان اندر اهو موقف اختيار ڪيو هو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب جا لاڳاپا رڳو ٻن ملڪن جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپن يا اقتصادي سهڪار تائين محدود ناهن پر انهن جو بنياد اعتماد، پائيدار احترام ۽ ڏکئي وقت ۾ هڪ ٻئي سان گڏ بيهڻ جي سونهري روايت تي آهي.

جڏهن به پاڪستان تي ڪو ڏکيو وقت آيو آهي، تڏهن سعودي عرب اسان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو آهي تنهن ڪري هاڻي اسان کي به سعودي عرب جي سڏ تي لبيڪ چوڻ گهرجي ان حوالي سان اپريل 2015ع ۾ اخبارن ۾ ڇپيل منهنجا بيان اڄ به شاهد آهن ته مون فوري طور بهادر پاڪستاني فوج کي سعودي عرب جي مقدس سرزمين جي بچاءَ لاءِ موڪلڻ جو مطالبو ڪيو هو منهنجو اصولي موقف هو ته سعودي حڪومت جي درخواست تي سعودي سرزمين اندر بچاءَ جي مقصدن لاءِ پاڪستاني فوج جي موجودگيءَ کي ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن ٻئي ملڪ جي اندروني معاملن ۾ مداخلت نه سمجهڻ گهرجي.

مون وڌيڪ چيو هو ته وقت سر ڪيل فوجي سهڪار پاڪستان ۽ سعودي عرب جي ٻه طرفن لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ان سان گڏ يمن ۾ حوثين جي پيدا ڪيل سياسي بحران کي ختم ڪرڻ ۽ امن ڳالهين لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملي سگهي ٿي.

منهنجي ان مطالبي کي عوامي سطح تي به موٽ ملي هئي ۽ سماجي رابطي جي ذريعن تي مون کي ”پاسبان مل گئي ڪعبي کو صنم خاني سي“ جهڙن لقبن سان نوازيو ويو هو بهرحال 10 اپريل 2015ع تي پارليامينٽ گڏيل ٺهراءُ منظور ڪندي فيصلو ڪيو هو ته پاڪستان يمن جي تڪرار ۾ غيرجانبدار رهندو.

هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ عرصو گذري وڃڻ کان پوءِ اڄ وچ اوڀر ۾ حوثي باغين جا حوصلا ايترا وڌي ويا آهن جو اهي پنهنجا ناپاڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ نه رڳو مقدس هنڌن کي سڌو سنئون نشانو بڻائي رهيا آهن پر انهن جي خطرناڪ حملن جي نتيجي ۾ پاڪستاني شهري به متاثر ٿي چڪا آهن.

وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ ڪيترائي اهم سوال پڻ پيدا ڪيا آهن. ڇا سعودي عرب جا فوري سلامتيءَ ۽ اقتصادي مفاد، ايران بابت واشنگٽن جا جنگي مقصد ۽ وچ اوڀر جي نئين سر جوڙجڪ بابت اسرائيل جا مقصد هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ آهن؟

آمريڪي صدر ٽرمپ جي بيان جي پسمنظر ۾ اولهه جا نشرياتي ۽ اشاعتي ادارا پڻ اهو مڃي رهيا آهن ته يمن جا حوثي گذريل ٻارهن سالن جي ويڙهه دوران وڌيڪ طاقتور ۽ مضبوط ٿي اڀريا آهن حوثي حملن جو خطرو ان وقت تائين ختم ٿيڻ جو امڪان نظر نٿو اچي، جيستائين آمريڪا جي اڳوائيءَ ۾ هلندڙ جنگ پڄاڻيءَ تي نٿي پهچي

منهنجي نظر ۾ حوثين جي ڪاوڙ جا سبب جيڪي به هجن، پر انهن جي تازين غيرذميوارانه ڪاررواين وچ اوڀر جي اڳ ئي پيچيده صورتحال کي وڌيڪ گنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. سعودي عرب جي مقدس سرزمين تي بيگناهه شهرين کي نشانو بڻائڻ، شهري عمارتن ۽ ٻين سهولتن کي خطري ۾ وجهڻ ۽ مذهبي عبادتن جي ادائگيءَ لاءِ ايندڙ زائرين ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ ڪنهن به صورت ۾ قبول نٿو ڪري سگهجي.

هاڻي اهو معاملو رڳو سعودي عرب جو اندروني مسئلو نه رهيو آهي پر پاڪستان سميت انهن سڀني ملڪن لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي ويو آهي جن لاءِ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ سان نسبت رکندڙ مقدس شهرن مڪه مڪرمه ۽ مديني منوره جي غيرمعمولي روحاني اهميت آهي اهو ئي سبب آهي، جو حرمين شريفين جي سرزمين جو تحفظ رڳو سعودي عرب نه پر پوري پاڪستاني قوم لاءِ جذباتي ۽ اخلاقي اهميت رکندڙ معاملو بڻجي چڪو آهي منهنجي نظر ۾ مقدس هنڌن ۽ حج توڙي عمري لاءِ ايندڙ زائرين جي سلامتي يقيني بڻائڻ اهڙي اخلاقي ذميواري آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ نظرانداز نٿو ڪري سگهجي

مان اڄ به 2015ع ۾ ڏنل پنهنجي بيان تي قائم آهيان ته سعودي حڪومت جي درخواست تي سعودي عرب جي جاگرافيائي حدن اندر بچاءَ جي مقصدن لاءِ پاڪستاني فوج جي موجودگيءَ کي ڪنهن ٻئي ملڪ جي اندروني معاملن ۾ مداخلت قرار نه ڏيڻ گهرجي. منهنجو موقف ان حقيقت جي به عڪاسي ڪري ٿو ته پاڪستان جي ترقيءَ سان وفاداري ۽ ڏکئي وقت ۾ پاڪستان جي ويجهي دوست ملڪ سعودي عرب سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪنهن هڪ مخصوص برادريءَ تائين محدود نه هجڻ گهرجي. قومي مفادن، انساني همدردي ۽ علمي سهڪار جي معاملن ۾ اسان کي مذهبي سڃاڻپ کان مٿاڀرا ٿي آواز اٿارڻ گهرجي.

اسان ٻارهن سال اڳ سعودي عرب جي سڏ تي لبيڪ نه چيو هو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته اڄ حوثي سعودي عرب جي مقرر ڪيل ريڊ لائين پار ڪري اتي موجود مقدس هنڌن کي نشانو بڻائڻ جي همت ڪري رهيا آهن انهن جي جارحاڻين ڪاررواين جي نتيجي ۾ متاثر ٿيندڙ ماڻهن ۾ پاڪستاني شهري پڻ شامل آهن

اڄ جڏهن سعودي عرب مان ايندڙ خبرن سڄي ملڪ ۾ ڳڻتيءَ جي نئين لهر پيدا ڪري ڇڏي آهي، تڏهن مان اهو به ياد ڏيارڻ چاهيان ٿو ته اپريل 2015ع ۾ پارليامينٽ جي منظور ڪيل ٺهراءَ ۾ سعودي عرب جي ڪيل حمايت ڪندي واضح ڪيو ويو هو ته جيڪڏهن سعودي عرب جي علائقائي سلاميت جي ڀڃڪڙي ٿي يا حرمين شريفين کي خطرو پيش آيو ته پاڪستان سعودي عرب ۽ ان جي عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهندو اڄ خطرناڪ حوثي حملن جي گهيري ۾ آيل سعودي عرب پاڻ کي اڪيلو نه سمجهي پاڪستان ۾ رهندڙ هر شهري، ڀلي اهو اڪثريت سان تعلق رکندڙ هجي يا اقليت سان، سعودي عرب جي سلامتيءَ لاءِ دعاگو آهي ۽ پاڪستاني حڪومت جي اهڙن سمورن قدمن جي ڀرپور حمايت ڪري ٿو، جيڪي مقدس هنڌن بيگناهه شهرين ۽ خطي جي مستقبل کي محفوظ بڻائڻ لاءِ کنيا وڃن

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

ڳوٺ ابراهيم چنو ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهميءَ لاءِ سنڌ سرڪار کي اپيل

نهايت ادب ۽ احترام سان عرض آهي ته اسان ڳوٺ ابراهيم چنو ضلعي ٽنڊو محمد خان جا رهواسي اوهان جو ڌيان پنهنجي ڳوٺ ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جي سنگين مسئلي ڏانهن ڇڪائڻ چاهيون ٿا. اسان جو ڳوٺ حيدرآباد کان تقريباً 30 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي واقع هڪ تاريخي ڳوٺ آهي، جتي 5 سئو کان وڌيڪ گهر آباد آهن. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اسان جو ڳوٺ هن وقت پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي سخت کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي، جنهن سبب مقامي رهواسين کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جيئن ته درياهه اسان جي ڳوٺ کان تقريباً 6 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي پر ان جو پاڻي هاڻي پيئڻ جي لائق نه رهيو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ ابراهيم چنو جا رهواسي روزمره جي ضرورتن لاءِ پيئڻ جو صاف ۽ محفوظ پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. اوهان کي نهايت ادب سان اپيل ٿا ڪريون ته مهرباني ڪري هن اهم مسئلي جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريو ۽ اسان جي ڳوٺ ۾ پيئڻ جي صاف ۽ محفوظ پاڻيءَ جي فراهميءَ جو مناسب بندوبست ڪرايو. اوهان جي سهڪار سان 500 کان وڌيڪ گهرن جي رهواسين کي وڏو رليف ملي سگهندو ۽ هتان جي رهواسين جي صحت ۽ ڀلائيءَ جو تحفظ پڻ ممڪن ٿي سگهندو. اسان کي اميد آهي ته اوهان اسان جي هن جائز ۽ اهم مسئلي تي همدرديءَ سان غور ڪري ان جي حل لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪندا.

ڳوٺ ابراهيم چنو جا رهواسي، ضلعو ٽنڊو محمد خان

ٿر ۾ تعليم جو معيارا

ڊاڪٽريءَ جي داخلا لاءِ ورتل ٽيسٽ ۾ ٿر جي ٻارن ثابت ڪيو آهي ته اهي ڪنهن کان به گهٽ ناهن. امتيازي نمبر کڻي اچڻ نه رڳو ٿر واسين لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي، پر سنڌ جي هر ماڻهوءَ کي ان تي سرهائي ٿيڻ گهرجي، پر سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪراچيءَ سان واڳيل تنظيمن کي هُنن جي اِها ڪاميابي جو اڻٺهڻيندڙ لڳي جڏهن ته حقيقت اِها آهي ته آءِ بي اي هيو سال آهي، نهايت پُرامن طريقي سان ٽيسٽون ڪرايون آهن. ڪنهن به ڪا شڪايت ناهي ٿي، باوجود اُن جي انهيءَ ٽيسٽ کي تڪراري بڻائڻ جو ڪهڙو مقصد آهي؟ بهرحال اسين سنڌ جي اُنهن نوجوانن کي واڌايون پيش ڪريون ٿا، جن امتيازي نمبر حاصل ڪيا آهن.

سرمد خاصخيلي

تعليم، مصنوعي ذهانت ۽ سنڌ جو مستقبل!


غلام نبي مگسي

ڪراچي کان ڪشمور ۽ ٿر کان لاڙ تائين سنڌ جو تعليمي نظام اڳ ئي ڪيترن بنيادي سوالن سان وڙهي رهيو آهي. اسڪولن کان ٻاهر ٻار، استادن ۽ سهولتن جي کوٽ، رٽي تي ٻڌل سکيا، امتحانن ۾ نقل، ڊجيٽل فرق ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد تعليمي مواد جي اڻهوند جهڙا مسئلا سرفهرست آهن. هاڻي انهن پراڻن مسئلن وچ ۾ هڪ نئون ۽ وڌيڪ پيچيده سوال آهي ته مصنوعي ذهانت (Artificial Intelligence) سنڌ جي تعليم کي بهتر بڻائيندي يا موجوده اڻبرابريءَ کي وڌيڪ گهرو ڪندي؟ اهو سوال هاڻي مستقبل جو نه رهيو آهي. اي آءِ تعليمي ادارن جي دروازن تائين پهچي چڪو آهي. شاگرد ان کي لکڻ، ترجمي، تحقيق ۽ سوالن جا جواب ڳولڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. استادن لاءِ اهو سبق تيار ڪرڻ ۽ سکيا جو مواد ترتيب ڏيڻ جو نئون اوزار بڻجي سگهي ٿو. پر اصل بحث هاڻي اهو نه هجڻ گهرجي ته اي آءِ کي تعليم ۾ اچڻ جي اجازت ڏجي يا نه. اصل سوال اهو آهي ته ان کي ڪهڙن اصولن، ڪهڙي برابري ۽ ڪهڙي انساني نگراني هيٺ استعمال ڪجي. جڏهن جواب آسانيءَ سان ملي وڃي، تعليم ڊگهي عرصي تائين معلومات حاصل ڪرڻ، ياد ڪرڻ ۽ امتحان ۾ ورجائڻ جي صلاحيت سان ڳنڍيل رهي آهي. مصنوعي ذهانت ان روايتي ماڊل کي چئلينج ڪري رهي آهي. جيڪڏهن هڪ شاگرد ڪجهه سيڪنڊن ۾ ڪنهن موضوع جو خلاصو، وضاحت، ترجمو يا ممڪن جواب حاصل ڪري سگهي ٿو ته پوءِ تعليم جو قدر صرف معلومات ياد رکڻ ۾ نه رهندو. مستقبل ۾ شاگرد جي اصل صلاحيت شايد ان ڳالهه سان ماپي ويندي ته هو سوال ڪيئن ٿو ڪري؟ معلومات جي سچائي ڪيئن ٿو پرکي؟ مختلف نظرين جو تجزيو ڪيئن ٿو ڪري ۽ پنهنجي دليل تائين ڪيئن ٿو پهچي؟ ان ڪري تنقيدي سوچ، تخليقيت، مسئلا حل ڪرڻ، اخلاقي فيصلا سازي ۽ صحيح سوال پڇڻ هاڻي واڌو صلاحيتون نه پر تعليم جون بنيادي ضرورتون بڻجي رهيون آهن. اي آءِ جواب ڏئي سگهي ٿو، پر اهو فيصلو انسان کي ڪرڻو آهي ته جواب صحيح آهي يا غلط، منصفاڻو آهي يا تعصب تي ٻڌل ۽ استعمال لائق آهي يا نه.

اي آءِ Literacy رڳو ڪمپيوٽر سائنس جو موضوع نه رهندو: مصنوعي ذهانت جي ڄاڻ کي صرف انجنيئرن يا ڪمپيوٽر سائنس جي شاگردن تائين محدود رکڻ هاڻي عملي نه ٿيندو. مستقبل جو استاد، صحافي، ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيل، زرعي ماهر، محقق، سرڪاري آفيسر ۽ ڪاروباري اڳواڻ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ اي آءِ سان واسطو رکندو. ان ڪري اي آءِ تعليم جو مطلب صرف ڪنهن chatbot سان ڳالهائڻ يا prompt لکڻ نه هجڻ گهرجي. شاگردن کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته اي آءِ جو جواب هميشه درست چو نه هوندو، تعصب ڪيئن پيدا ٿي سگهي ٿو؟ ذاتي ڊيٽا جي حفاظت چو ضروري آهي؟ ذريعن جي تصديق ڪيئن ڪجي ۽ ڪهڙن معاملن ۾ آخري فيصلو انسان وٽ رهڻ گهرجي؟ اهو فرق اهم آهي ته اي آءِ استعمال ڪرڻ ۽ سِکڻ هڪ فني مهارت آهي، اي آءِ کي سمجهه ۽ ذميواريءَ سان استعمال ڪرڻ هڪ تعليمي صلاحيت آهي.

اي آءِ، سنڌ لاءِ موقعو يا خطرو: سنڌ لاءِ مصنوعي ذهانت جو اچڻ هڪ تضاد پيدا ڪري ٿو. هڪ طرف اي آءِ اهڙن شاگردن لاءِ معياري تعليمي مواد تائين رسائي وڌائڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو جن وٽ سٺا استاد، لائبريريون يا سکيا جا واڌو وسيلا محدود آهن. ٻئي طرف جيڪڏهن اي آءِ تي ٻڌل تعليم صرف انهن اسڪولن ۽ خاندانن تائين محدود رهي، جن وٽ تيز انٽرنيٽ، جديد ڊوائيسز ۽ انگريزي ٻوليءَ جي بهتر ڄاڻ آهي ته ٽيڪنالاجي موجوده تعليمي فرق کي گهٽائڻ بدران وڌائي سگهي ٿي. اهو خطرو سنڌ ۾ وڌيڪ اهم آهي، جتي شهري ۽ ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ ڊجيٽل رسائي هڪجهڙي ناهي ۽ ڪيترن ئي اسڪولن کي اڃا بنيادي انفراسٽرڪچر جي ضرورت آهي. ان ڪري ڪمپيوٽر، ٽيبليٽ يا اي آءِ سافٽ ويئر موڪلڻ کي پاڻ ۾ تعليمي سڌارو سمجهڻ وڏي غلطي ٿيندي. جيڪڏهن نصاب ساڳيو، تدريس هڪ طرفي، امتحان رٽي تي ٻڌل ۽ استادن جي تربيت محدود رهي ته انتهائي جديد ٽيڪنالاجي به پراڻي تعليمي نظام جو رڳو نئون پردو بڻجي سگهي ٿي. سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ڊجيٽل مستقبل اڌورو رهندو هتي هڪ ٻيو سوال ٽيڪنالاجيءَ کان به وڌيڪ ثقافتي آهي. سنڌي ٻوليءَ جا ڪتاب، لغتون، علمي مواد، سائنسي اصطلاح، تاريخ، ادب ۽ تعليمي وسيلا جيڪڏهن معياري ڊجيٽل صورت ۾ موجود نه هوندا ته ايندڙ اي آءِ نظامن ۾ سنڌيءَ جي نمائندگي محدود رهڻ جو خطرو موجود رهندو. ان لاءِ يونيورسٽين، ٻوليءَ جي ادارن، نصابي ماهرن، اديبن، محققن ۽ ٽيڪنالاجي ماهرن جي گڏيل ڪوشش ضروري آهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ تصديق ٿيڻ جوڳي ڊجيٽل ڊيٽا تيار ڪرڻ رڳو هڪ ٻوليءَ جو منصوبو نه هوندو. اهو ايندڙ نسل لاءِ علم تائين پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ رسائيءَ جو سوال هوندو. شروعات ٽيڪنالاجيءَ کان نه پر استاد کان ٿيڻ گهرجي. تعليم ۾ اي آءِ بابت سڀ کان وڏي غلطي اها ٿي سگهي ٿي ته مشين کي مرڪز ۽ استاد کي ثانوي حيثيت ڏني وڃي. حقيقت ان جي ابتڙ هجڻ گهرجي. **اي آءِ استاد جو متبادل نه پر معاون:** استادن کي اهڙي عملي تربيت هئڻ گهرجي، جنهن سان هو اي آءِ جي مدد سان سبق جي رٿابندي، مشقون، مختلف سکيا جي سطحن مطابق مواد ۽ شروعاتي جائزو تيار ڪري سگهن. پر تربيت جو ٻيو پاسو به ايترو ئي ضروري آهي ته استاد کي اي آءِ جي غلطين، تعصب، رازداري، غلط معلومات، نقل ۽ حد کان وڌيڪ انحصار جي خطرن جي ڄاڻ هجڻ گهرجي. آخرڪار استاد جو ڪم صرف جواب ڏيڻ ناهي. هو شاگرد ۾ تجسس پيدا ڪري ٿو، اعتماد وڌائي ٿو ۽ کيس سماجي ۽ اخلاقي ذميواريءَ جو احساس ڏياري ٿو. اها انساني رشتي واري جاءِ ڪنهن الگورٿم حوالي ڪرڻ نه گهرجي. امتحان جو پراڻو نظام به بدلڻو پوندو شايد اي آءِ جو سڀ کان وڏو اثر امتحاني نظام تي پوي. جيڪڏهن امتحان اهڙا سوال پڇندو، جن جا تيار جواب اي آءِ آسانيءَ سان لکي سگهي ٿو ته پوءِ نقل روڪڻ لاءِ صرف اي آءِ تي پابندي لڳائڻ مسئلي جو مستقل حل نه ٿيندو. ضرورت امتحان کي تبديل ڪرڻ جي آهي. **(هلندڙ)**

اڄوڪو ڏينهن ..... 15 آڪٽوبر

شيخ محمد اسلم

سنڌ جي هن تعليم دوست انسان جو جنم 15 آڪٽوبر 1898ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هن سنڌ مدرسته الاسلام هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ان بعد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ جهونا ڳڙهه ويو پر والد جي وفات سبب تعليم اڌ ۾ ڇڏي حيدرآباد موٽي آيو هو مرحوم نورمحمد وڪيل جو ويجهو دوست هو ۽ هڪ ڊگهي عرصي تائين نورمحمد هاءِ اسڪول جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر رهيو انهيءَ بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور به خدمتون سرانجام ڏنائين هو ڊي جي نيشنل ڪاليج (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) جي انتظامي بورڊ جو واحد مسلمان ميمبر رهيو انهيءَ کان علاوه سنڌ مدرسته الاسلام، سنڌ مسلم آرٽس ڪاليج ۽ سنڌ لا ڪاليج جي بورڊ آف گورنرس جو پڻ ميمبر رهيو هن ڪيترن ئي غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏئي پڙهايو هن 6 سيپٽمبر 1958ع تي وفات ڪئي

نادر شاهه فراق

نادر شاهه فراق پنهنجي دور جو مشهور شاعر ۽ حڪيم هو سندس اصل نالو نادر علي شاهه ولد سيد حبيب شاهه بخاري هو هن 15 آڪٽوبر 1935ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي تاريخي شهر دريبلي ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو عربي فاضل ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون حاصل ڪيائين هن روڊس کاتي ۾ داروغي طور نوڪري ڪئي هن 1955ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي حافظ محمد احسن چنا ۽ نواز رڪنائي سندس ادبي استاد هئا سندس شاعريءَ جو مجموعو ”اجايل اڪيون“ ڇپيل آهي ڪتابن پڙهڻ جو شوقين هو سندس لائبريريءَ ۾ 10 هزارن کان وڌيڪ ڪتاب موجود هئا ادب سان گڏ هو هڪ سرگرم سياسي ڪارڪن پڻ هو هاري ڪاميٽي ۽ جيئي سنڌ تحريڪ سان لاڳاپيل هو ۽ سياسي جدوجهد دوران قيد ۽ بند جون سعوبتون به برداشت ڪيائين عمر جو آخري حصو شهدادپور شهر ۾ گذاريائين

غلام مصطفيٰ مشتاق



سنڌي ٻوليءَ جي هن مشهور ليکڪ جو جنم 15 آڪٽوبر 1943ع تي لاهوري محلي لاڙڪاڻي ۾ عبدالرحيم ميمڻ جي گهر ۾ ٿيو هن ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪيائين ۽ هيڊماستر طور رٽائر ٿيو هو هڪ بلند پائيءَ جو شاعر ۽ نثرنويس هو ۽ ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيائين سيرت پاڪ جي موضوع تي سندس تقريرن جو ڪتاب ”سچو سرواڻ“ گهڻو مشهور آهي هن محمد ابراهيم خليل جو ڪتاب ”سنڌي شاعري ۽ علم عروض“ پڻ ترتيب ڏئي ڇپائي پڌرو ڪيو

ڊاڪٽر حيدر سنڌي



اڄ مشهور اديب ڊاڪٽر حيدر سنڌيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو پورو نالو غلام حيدر ولد حاجي علي مراد ٻرڙو هو هن جي جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي ڊاڪٽر هدايت پريم پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ انهن جي تحقيق“ ۾ هن جي جنم جي تاريخ 15 سيپٽمبر 1945ع لکي آهي جڏهن ته اسلم عباسيءَ پنهنجي ڪتاب ”مورو- تاريخ ۽ ثقافت“ ۾ هن جي جنم جي تاريخ 15 آڪٽوبر 1939ع لکي آهي سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ وري 5 آڪٽوبر 1939ع لکيل آهي هن جو جنم ڳوٺ مبارڪ ٻرڙي ۾ ٿيو هن 1968ع ڌاري سنڌي ادب ۾ ماسٽر ڊگري ۽ 1980ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي هن عملي زندگيءَ جي شروعات جونيئر اسڪول ٽيچر طور ڪئي 1974ع ۾ قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد ۾ پاڪستان اسٽڊيز واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو انهيءَ ئي يونيورسٽيءَ جي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پاڪستان اسٽڊيز جي پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر طور رٽائر ٿيو هن اسڪول واري زماني کان ئي ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هن مرحوم منير ميمڻ (مائڪ) سان گڏجي ڊي سي هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ گلن جي ٻاريءَ جي نالي سان ٻارن جي هڪ ادبي تنظيم جو بنياد رکيو ۽ انهيءَ تنظيم پاران ٻارن لاءِ ڪتابڙا ڇپرايا هن پريات، قلواڙي ۽ وطن نالن سان اخبارون جاري ڪيون هن ڪيترائي افسانا ۽ ڪالم پڻ لکيا سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”سنڌي ادب جي ارتقا“ (ڊاڪٽر اينيمري شمل جي ڪتاب جو ترجمو)، ”ٻولين جا سرچشما“، ”ديسي پرديسي گل“، ”ملڪي ۽ غير ملڪي ڪهاڻيون“، ”سنڌ جون چند ذاتيون“، ”سنڌي زبان اور ادب ڪي جديد تاريخ“، ”همارا لساني اور ادبي ورثه“، ”حيات قلندر“ ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هن 18 آگسٽ 2023ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

ڊاڪٽر انور علماڻي

اڄ سنڌ جي برک اديب، سماج سڌارڪ ۽ تعليم دوست انسان مرحوم ڊاڪٽر انور علماڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي ڊاڪٽر انور علماڻي 15 آڪٽوبر 1948ع تي حيدرآباد تعلقي جي ڳوٺ سوني خان علماڻيءَ ۾ ڄائو سندس والد جو نالو ڪريم بخش علماڻي هو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪيائين ان بعد حيدرآباد جي حمايت الاسلام هاءِ اسڪول ۽ پبلڪ اسڪول ۾ پڙهيو اڳتي هلي لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز) مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات 1974ع ۾ صحت کاتي ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ڪيائين البت سال کان پوءِ انهيءَ نوڪريءَ سان استعيفا ڏئي ٽنڊي محمد خان ۾ پنهنجي خيراتي اسپتال کوليائين هن ٽنڊي محمد خان ۾ دار العلوم هاءِ اسڪول ۽ مخدوم بلاول سائنس ڪاليج قائم ڪيا ان کان علاوه پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي والد جي نالي سان ڪريم بخش علماڻي ووڪيشنل اسڪول قائم ڪيائين هن 1961ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو سندس پهريون لکڻيون ”روزاني عبرت اخبار“ ۾ شايع ٿيون هن سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا، جن ۾ ”مذهب ۽ ماڻهو“، ”انقلاب چو“، ”سچ جو سنڌ“، ”جيئڻ جو حقدار ڪير“، ”ساٿيهه جا سنيها“، ”رهگذر“، ”ڪوزخ جو مسافر“، ”قرآن جي پڪار“، ”خدا ۽ سرمائيدار“، ”سرجيس تان سور“، ”Islam is the Religion of Peace“ ۽ ”Visionary“ ”Tales of Indus Valley“ شامل آهن هن کي 26 اپريل 2025ع تي گولين هڻي قتل ڪيو ويو

ڪامريڊ اسحاق بلوچ



محمد اسحاق بلوچ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن ۽ پنهنجي دور جو مشهور شاگرد اڳواڻ هو هو 15 آڪٽوبر 1963ع تي ڪراچيءَ جي ڳوٺ شرافيءَ ۾ ڄائو 1987ع کان ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان شاگرد سياست شروع ڪيائين ۽ سڄي عمر ڪميونسٽ پارٽيءَ سان واڳيل رهيو. هو مختلف ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن ۽ ٻارن جي حقن جي حاصلات لاءِ هميشه آواز اٿاريندو رهندو هو. 1988ع ۾ کيس ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪراچيءَ جو صدر چونڊيو ويو. 2001ع کان وفات تائين ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي اهم عهديدارن ۾ شامل رهيو. هن 2 جون 2010ع تي وفات ڪئي

اعجاز منگي

مختيار اٽر

هن نامور شاعر، ڪالم نگار ۽ صحافيءَ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1964ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو هن سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان انگريزي ادب ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي اعجاز منگي شاگرديءَ واري زماني کان ئي سياسي ۽ صحافتي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هن ساٿي ٻارڙا

سنگت جو بنياد وڌو ۽ ڊيموڪريٽڪس اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو هن 1980ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي صحافت جي ميدان ۾ پڻ پنهنجي خاص سڃاڻپ پيدا ڪئي اٽس ۽ مختلف اخبارن جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر ۽ ايڊيٽر رهيو آهي هو مختلف اخبارن ۾ شاندار ڪالم لکندو رهيو آهي ڪالمن سان گڏ ڊراما ۽ مضمون پڻ لکندو رهيو آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”التحق“ ۽ ”مقتل ۾ محبت“ (ڪالمن جا مجموعا) شامل آهن

معشوق ڏاريجو

اڄ مشهور شاعر معشوق ڏاريجي جي سالگره جو ڏينهن آهي هن پلوڙ شاعر جو جنم 15 آڪٽوبر 1968ع تي قاضي احمد ويجهو ڳوٺ شير خان ڏاريجي ۾ ٿيو سندس والد جو نالو الهڏنو ڏاريجو آهي هن ايم اي (سنڌي) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون هو هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪم ڪري رهيو آهي هن ننڍي وهيءَ ۾ ئي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي شاعريءَ ۾ تاج جويو سندس استاد آهي ان زماني ۾ سندس ٻاراڻي شاعري سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيندڙ رسالي گل ڦل سان گڏ مختلف اخبارن جي زينت بڻي سندس شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور فنڪارن ڳائي آهي جن ۾ ڦوٽو زرداري، ممتاز لاشاري، دلشير ٽيوڻو ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن شاعريءَ کان علاوه هن ڪيترائي مضمون ۽ سوانحي خاڪا پڻ لکيا آهن سندس ڪتابن ۾ ”گورم ڊيگان ڏار“، ”ماءُ ڪاهوڙي هليا“، ”عثمان فقير فن ۽ شخصيت“ (شاهنواز خاصخيليءَ سان گڏ) ۽ ”روشنيءَ جو سفر“ شامل آهن

سورٺ ٿيٻو



سنڌ جي هن ناليواري سياستدان جو جنم 15 آڪٽوبر 1968ع تي دادوءَ ۾ ٿيو هن پرائمري تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي جڏهن ته مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان خيرپورناٿن شاهه مان پاس ڪيا اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي جي سند حاصل ڪيائين هن 1990ع ڌاري سنڌ نيشنل فرنٽ ۾ شموليت اختيار ڪري پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪئي بعد ۾ اها پارٽي ڇڏي پاڪستان مسلم ليگ (نواز) جو حصو بڻجي وئي هوءَ مختلف وقتن تي انهيءَ پارٽيءَ جي صوبائي صدر پڻ رهي 1996ع ۾ عورت اتحاد جي نالي سان هڪ سماجي تنظيم جو پايو وڌو ۽ عورتن جي حقن لاءِ آواز اٿارڻ شروع ڪيائين سورٺ ٿيٻو 2013ع واري عام چونڊن ۾ عورتن جي مخصوص سيٽن تي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر چونڊجي آئي مشهور سنڌي ليکڪا بادام ناتوان سندس سس هئي

ڊاڪٽر زيد پيرزادو

اڄ سنڌ جي نامور تعليمي ماهر، شاعر ۽ نثر نويس زيد پيرزادي جي سالگره جو ڏينهن آهي تاريخ 15 آڪٽوبر 1973ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ جنم وٺندڙ هيءُ سرت پريو ساهتڪار سنڌ جي نامور دانشور ۽ اديب انور پيرزادي جو فرزند آهي هن آسٽريا جي يونيورسٽي آف ويانا مان مائڪرو بائلاجيءَ واري شعبي مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي ۽ اڄڪلهه ڪراچي يونيورسٽيءَ جي مائڪرو بائلاجيءَ واري شعبي ۾ پروفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي هو هڪ بهترين شاعر ۽ اديب پڻ آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ”ڪڪن پنيان سڪ“ (سفرنامو) ۽ ”خيال“ (نثري نظمن جو مجموعو) شامل آهن

عبدالڪريم آفتاب

هن پلوڙ شاعر 15 آڪٽوبر 1977ع تي جهڏي شهر ويجهو ڳوٺ خان محمد ڪلوئيءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول بدين مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو هن 1969ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي هو پنهنجي انقلابي ۽ مزاحيه شاعريءَ سبب مشهور آهي

رفيق احمد مهيسر

اڄ مشهور سياستدان رفيق احمد مهيسر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 5 نومبر 1949ع تي ٿيو يونين ڪائونسل ڪولاچيءَ جي چيئرمين طور پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪيائين هن ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو 1987ع ۾ ضلعي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو 1988ع ۾ دادو ضلعي جي ميهڙ واري تڪ تان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو 1990ع وارين چونڊن ۾ به سوڀ ماڻيائين هن 15 آڪٽوبر 2002ع ۾ وفات ڪئي

رام لعلچنداڻي

رام لعلچنداڻي هندستان جو مشهور سنڌي چترڪار هو هن جو جنم 28 جون 1948ع تي اجمير ۾ ٿيو هن جا وڏا سنڌ جي سکر شهر جا رهواسي هئا هن فائن آرٽس ۾ ايم اي جي سند فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان حاصل ڪئي هن جي عمر جو گهڻو حصو غربت ۾ گذريو چترڪاريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هئس هو اسڪول جي ڪاپين ۾ اهڙا ته چٽ چٽيندو هو جو سندس استاد ۽ ڪلاسي حيران ٿي ويندا هئا ۽ کيس شاباس ڏيندا هئا هو روزگار جي سلسلي ۾ پهرين بانتوا ۾ ۽ پوءِ ممبئيءَ ۾ وڃي ٽائيڪو ٿيو ممبئيءَ ۾ هن جي شادي مشهور اديبه ۽ گلوڪا پارو ناڪر چاولا جي نياڻيءَ شوپا سان ٿي رام لعلچنداڻيءَ 25 سئو کان مٿي ڪتابن ۽ رسالن جون ڪور ڊزائينون ٺاهيون هن ڪيترن ئي ڪمپنين جا لوگو ۽ اسڪولن جا بورڊ پڻ ڊزائين ڪيا هن سنڌي ساز، پوشاڪن، ماڳ مڪانن ۽ مشهور سنڌي شخصيتن جون تصويرون ٺاهي ڪافي داد حاصل ڪيو هن سنڌ جو خوبصورت نقشو پڻ ڊزائين ڪيو هن 15 آڪٽوبر 2013ع تي لاڏاڻو ڪيو

باري منگي



اڄ ناليواري اديب مرحوم باري منگيءَ جي ورسيءَ جو ڏهاڙو آهي شڪارپور سان واسطو رکندڙ هيءُ مشهور ساهتڪار شهيد قيوم منگيءَ جو ڀاءُ هو سنڌي ادبي سنگت جو سرگرم ڪارڪن هو ۽ انهيءَ سنگت جي ڪراچيءَ واري شاخ جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو هن سنڌ جي قومپرست تحريڪ ۾ به ڪافي سرگرميءَ سان حصو ورتو هن 15 آڪٽوبر 2022ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج 9th اينڊ سيشن جج حيدرآباد
سول اپيل نمبر 739 سال 2026

خان محمد خان ولد جان محمد خان معرفت قانوني وارث (1)نثار احمد ولد خان محمد خان (2) جان محمد عرف پيو ولد خان محمد خان (3) رخسانه ڌيءُ خان محمد خان زال امير بخش (4) زبيده ڌيءُ خان محمد خان زال علي احمد (5) نور جهان ڌيءُ خان محمد خان سڀ مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو غلام محمد ديهه ٻوچڪي پي او ٽنڊو حيدر تعلقو ضلعو حيدرآباد اپيلانٽ نمبر 2 کان 5 معرفت اٽارني نثار احمد اپيلانٽ نمبر 1..اپيلانٽ ...بخلاف. (1) اياز علي ولد محمد رمضان رهندڙ ڳوٺ ٽنڊو غلام محمد ديهه ٻوچڪي پي او ٽنڊو حيدر تعلقو ضلعو حيدرآباد (2) محمد جمن ولد نور محمد ميمڻ رهندڙ گهر نمبر B/19 اسٽيٽ لائف ڪالوني نزد علمدار چوڪ قاسم آباد (3) مختيارڪار روينيو حيدرآباد (4) اي سي تعلقو حيدرآباد (5) سب رجسٽرار حيدرآباد (6) ريجنل ڊائريڪٽر سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي حيدرآباد (7) سيڪريٽري بورڊ آف روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد ... ريسپونڊنٽس

مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيلانٽس توهان جي خلاف سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊڪري تاريخ 2024-07-20 خلاف جيڪو لرنڊ 7th سينئر سول جج حيدرآباد پاس ڪيو ايف سي سوٽ نمبر 1129 سال 2021 ۾ تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج 9th اينڊ سيشن جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر 1569 سال 2026

مسمات مهناز ڌيءُ غلام انور دل رهندڙ فليٽ نمبر 317 بلاڪ اي ٿرڊ فلور ايڇ ڊي اي پلازه نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف. عبدالرزاق ولد عبدالغفار دل رهندڙ ڳوٺ نيو امروٽ شريف تعلقو ڳڙهي ياسين ضلعو شڪارپور ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1849 سال 2026

مسمات Esha عمر ..پلينٽف ...بخلاف. نقاش علي ولد الله وسايو شيخ رهندڙ گهر نمبر B-35 محلا پرنس ٽائون فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج XI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1811 سال 2026

مسمات نجمه ڪوڪر ڌيءُ پيرل رهندڙ ڳوٺ اميد علي ڪوڪر اسٽريٽ نمبر 05 پي او هاليپوٽو تعلقو ضلعو حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف. محمد رمضان ولد محمد اشرف ڪوڪر رهندڙ مير مشتاق ٽالپر نزد جهڙ موري شيخ پيرڪيو روڊ تعلقو ضلعو حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
(روبرو جناب صدام حسين نوهڙيو)
فيملي سوٽ نمبر 1064 سال 2026

مسمات شڪيلا ڌيءُ محمد عرس زال سرتاج رهندڙ گهر نمبر 43 اسٽريٽ نمبر 10 واڙو واهه نقاش ولاز پي ايس نسيم نگر قاسم آباد ..پلينٽف ...بخلاف. سرتاج ولد غلام حيدر ذات چانڊيو رهندڙ حيدر ٽائون ميهڙ ستي ضلعو دادو 03021325340 ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II ڄامشورو
ايف سي سوٽ نمبر 76 سال 2026

Dewa خان ولد جان الله ذات خدا جي بستي سائيٽ ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو ..پلينٽف ...بخلاف. (1) چيئرمين نادرا اسلام آباد (2) انچارج نادرا ڪوٽڙي (3) سيڪريٽري انٽيرئر ڊويزن اسلام آباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج اينڊ جي ايم مورو
ڪرمنل مسلينس سوٽ نمبر سال 2026

امتياز ولد علي حسن ذات چنڊ رهندڙ سڪرنڊ تعلقو سڪرنڊ ضلع شهيد بينظير آباد ..اپليڪينٽ ...بخلاف. سرڪار .. اپوننٽس ڪرائم نمبر 45/2026 پي ايس ڪوڙائي زير قلم 279 341 431 پي پي سي

جنرل پبلڪ ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ زير قلم 516-A تحت درخواست داخل ڪئي آهي ٽرڪ جي وصولي لاءِ جيڪي مٿي ڄاڻايل ڏوهه ۾ ضبط آهي رجسٽريشن نمبر TKB-624 چيچس نمبر CJQ 475765 انجڻ نمبر LS 41504 ماڊل 1982 تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج اينڊ جي ايم مورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين شپ سوٽ نمبر سال 2026

امداد خان ولد خميسو خان رهندڙ اصغر ڪالوني سڪرنڊ ..اپليڪينٽ ...بخلاف. (1) مسمات مائي زاهدان زال امداد خان (2) امتياز علي (3) مسمات صائقه (4) مسمات صائم (5) مسمات سلميٰ (6) مسمات ريما سڀ پٽ ڌيئرون امداد خان (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي گارڊين جي مقرري بابت صغير علي سيما عمر 13 سال تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
ايگزيڪيوشن نمبر 58 سال 2026فيملي سوٽ 331 سال 2025

مسمات جمال خاتون زال علي نواز ڌيءُ خير محمد رهندڙ حال جنيد ڪالوني بچيري روڊ نوابشاهه ..پلينٽف ...بخلاف. علي نواز ولد رحيم بخش بروهي رهندڙ ڳوٺ قاضي ٻڍي تعلقو خانپور ضلعو شڪارپور. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 13(3) فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964 تحت داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 151 سال 2026

مسمات سعيده صادق ڌيءُ صادق علي زال ناصر علي رهندڙ ڳوٺ الهه بخش ٻي او حاجي دودو خان ديهه 158 تعلقو ڊگهڙي ضلعو ميرپورخاص ..پلينٽف ...بخلاف. ناصر علي ولد فيض محمد رهندڙ گرائونڊ نمبر 2 سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري ڊاور امائونٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-10-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نثار احمد ولد غلام علي رهندڙ ڳوٺ هٽڙي تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي (1)غلام علي ولد آدم ڏاهري تاريخ 2022-05-01 (2) صاحب خاتون ڌيءُ آدم ڏاهري تاريخ 2024-12-29 تي فوت ٿي ويا آهن جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 201 ، 346 ايراضي حصي موجب ديهه هٽڙي ٽپو هٽڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) نثار علي (پٽ) (2) ضمير (پٽ) (3) راجا (پٽ) (4) عديل (پٽ) (5) لقمان (پٽ) (6) مسمات نسرين (بيواهه) فوتڻ صاحب خاتون جا وارث (1) شوڪت علي (پٽ) (2) قائم خاتون (ڌيءُ) (3) خاتو (ڌيءُ) (4) ارباب خاتون (ڌيءُ) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع حڪرآباد ميرپور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار علي رضا ولد عبدالحليم جوڻيجو رهندڙ ڳوٺ تاج محمد جوڻيجو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات زيب النساء زال عبدالحليم جوڻيجو تاريخ 2009-08-23تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 375،457،498،439،442،441 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه سپڪي رعيتي ٽپو ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) علي رضا جوڻيجو (پٽ) (2) عريشا جوڻيجو (ڌيءُ) (3) عبدالحليم جوڻيجو (مڙس) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع حڪرآباد ميرپور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر عام وخاص کي اطلاع ڪجي ٿي ته اسان جي ڪٽنبل خانداني زمين ديهه گهنورا تعلقو شهيد فاضل راهو ضلع بدين ۾ 39 ايڪڙ 07 گهنٽا آهي جنهن جي اڄا تائين کاتو بدل نه ٿي آهي ۽ هڪ عورت بنام ماريا زوجه عبدالرحمان نظاماڻي ساڪن ڳوٺ راڄو نظاماڻي تعلقو ۽ ضلعو ٽنڊو محمد خان جناب مختيارڪار شهيد فاضل راهو وٽ کاتو بدل جي درخواست ڏني آهي ته هوءَ مرحوم محمد علي ولد قادر بخش جي ڌيءُ آهي ۽ اسين هي حلفن چئون ٿا ته مرحوم محمد علي اڄ کان 24/25 سال اڳ انتقال ڪري ويو آهي هن پنهنجي زندگي ۾ شادي نه ڪئي هئي ۽ هن وقت ماريا نالي عورت هن جي ڌيءُ بڻجي جعلسازي ذريعي زمين پنهنجي نالي ڪرائڻ چاهي ٿي اسين محڪمه روينيو ۽ مختيارڪار شهيد فاضل راهو کي اپيل ڪريون ٿا ته نادرا ويريفڪيشن يا رڪارڊ مڪمل ٿيڻ تائين ڪنهن به قسم جو کاتو بدل نه ڪيو وڃي

لاڳاپيل وارث ۽ قانوني نمائندا، ديهه گهنورا، ضلع بدين

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي موٽر سائيڪل رجسٽريشن نمبر HAQ 1271 جا اصل ڪاغذ ڪنهن نامعلوم هنڌ تي ڪري گم ٿي ويا آهن ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيا آهن اگر ڪنهن کي هٿ اچن ته اي ٽي او آفيس حيدرآباد موٽر ونگ سيڪشن ۾ جمع ڪرائين ٻي صورت ۾ ڊپليڪيٽ جاري ڪيا وڃن

خالد حنان ولد عبدالحنان ميمڻ شناختي
ڪارڊ نمبر 4230169744647

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

هڪ چٽي جي سڃاڻپ دولتپور صفن ريجهو ڳوٺ فيض محمد پلي واسي نوجوان 25 ورهين جو نثار احمد پٽ محمد اشرف پلي طور ٿي آهي جڏهن ته ٻئي سندس ساٿي مقتول جي سڃاڻپ مورو واسي نوجوان گلزار احمد ماڇي طور ٿي آهي واقعي کانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو اطلاع ملڻ تي علي آباد پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٻنهي مقتولن جا لاش تحويل ۾ وٺي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ مقامي اسپتال منتقل ڪيا آهن جتي پوسٽ مارٽم ڪئي پئي وڃي ٻئي طرف واقعي جو ڪارڻ دولتپور صفن ريجهو ڳوٺ فيض محمد پلي جي پلي برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ سڱاوتي پراڻو تڪرار ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

تعلقه اسپتال منتقل زخمي شاگرد محمد سفيان کي تعلقه اسپتال مان طبي امداد بعد سکر ريفر ڪيو ويو نجي اسڪول ۾ پيش آيل واقعي تي شاگرد جي والد پاران انتظاميا جي نااهلي خلاف جاچ جو مطالبو اسڪول اندر شاگردن جي حفاظت تي سواليا نشان والد پاران ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو....

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

ڪرائي ڪين پنهنجي قديمي رهائش تان بي دخل ڪرڻ چاهي ٿي گذريل رات پوليس جي مدد سان ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي وئي جنهن دوران ڳوٺ جا ڪجهه گهر مسمار ڪيا ويا ڳوٺاڻن صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري، ٽائون ڪميٽي گهارو جي چيئرمين جام احسان جوکيو ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي، سنڌن قديمي ڳوٺ کي بچايو وڃي، زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

جا پراڻا رهيل واجبات جن جي پهرين قسط لڳ ڀڳ 40 ڪروڙ رپيا آهي فوري طور جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو ان ڪيس ۾ اي پي اين ايس پاران نامياري قانوندان ايڊووڪيٽ طارق خان هوتي پيروي ڪئي اي پي اين ايس جي عهديدارن چيو ته رهيل واجبات جي ادائيگيءَ سان اخباري جي صنعت کي درپيش مالي مشڪلاتن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ ڪم ڪندڙ صحافين جي حالتن ۽ سهولتن ۾ بهتر بنائڻ ۾ مدد ملندي هنن اميد ظاهر ڪئي ته عدالت جي حڪم موجب باقي رهيل رقم پڻ جلد ادا ڪئي ويندي وڌيڪ اهو ته اي پي اين ايس جي عهديدارن هن ڪاميابيءَ کي چيئرمين سيد هارون شاهه جي مسلسل ڪوشش ۽ انتھڪ جدوجهد جو نتيجو قرار ڏيندي چيو ته سندس ڀرپور ڪوششن جي نتيجي ۾ اهو اهم معاملو پنهنجي منطقي انجام تي پهتو آهي

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم ۾ ملڪيت جي تڪرار تان پٽن جو پيءُ تي تشدد، پيءُ تحفظ لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو رپورٽ ٽنڊو آدم جي ڪالوني جي رهواسي عمران ڪوڪر پنهنجي پٽن تيمور ڪوڪر ۽ عبيد ڪوڪر تي ملڪيت جي تڪرار تان مبينا تشدد ڪرڻ جو الزام هڻندي لاڳاپيل اختيارين کان تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي ٽنڊو آدم پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي عمران ڪوڪر لوڪ لاڙي ويلو هن الزام هنيو ته سندس پٽن سان ڪافي عرصي کان ملڪيت جي معاملي تان تڪرار هلندڙ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

آهي جنهن سبب هو مسلسل ذهني پريشاني ۽ مبينا تشدد کي منهن ڏئي رهيو آهي عمران ڪوڪر موجب تازو واقعو بجلي جي ميٽر ۽ بل جي معاملي تان پيش آيو هن ٻڌايو ته سندس پٽ هڪ ٿي ميٽر تي ايئر ڪنڊيشنر هلائڻ چاهين پيا جنهن سبب بجلي جو بل وڌيڪ اچڻ جو خدشو هو هن کين الڳ ميٽر لڳرائڻ جو مشورو ڏنو جنهن تان تلخ ڪلامي ٿي ۽ ڪيس مبينا طور تشدد جو نشانو بڻايو ويو هن وڌيڪ الزام هنيو ته سندس پٽن ۽ ننهن ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي جنهن بعد ڪيس گرفتار ڪري ٿاڻي تي وٺي وڃڻ کانپوءِ مبينا تشدد ڪيو ويو هن صحافين کي پنهنجن هٿن تي لڳل زخمن جا نشان پڻ ڏيکاريا. عمران ڪوڪر چيو ته ملڪيت جي تڪرار سبب هو سخت پريشان آهي ۽ وڌيڪ تڪليفون برداشت ڪرڻ جي حالت ۾ ناهي هن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي ڪيس جان ۽ مال جو تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ انصاف ڪيو وڃي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

دوران هڪ ڦورو مبينه طور سندس ساٿي جي گولي لڳڻ سبب ٿلهي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ سوگهو ڪري پوليس حوالي ڪيو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مارجي ويل ۽ زخمي ڦورو کي تعلقه اسپتال آندو جتي بائيوميٽرڪ ذريعي مارجي ويل ڦورو جي سڃاڻپ محمد اشرف سومرو جي نالي سان ٿي آهي جڏهن زخمي جي سڃاڻپ مشتاق احمد ولد حاڪم علي پنهي رهندڙ ڳوٺ نظير پنهي جي رهواسي طور ٿي زخمي ڦورو کي طبي امداد ڏيڻ بعد ڳنڀير حالت ۾ حيدرآباداسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس مارجي ويل ڦورو جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي جتي پ ٽ الف تعلقه ٽنڊو آدم جي صدر لڪاڏنو خاصخيليءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پرائمري استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ٻن ڪلاڪن تائين علامتي بک هڙتال ڪئي ان موقعي تي پ ٽ الف تعلقه ٽنڊو آدم جي صدر لڪاڏنو خاصخيليءَ ميڊيا سان ڳالهائيندي مطالبو ڪيو ته استادن جو سروس اسٽرڪچر جاري ڪيو وڃي، ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ٿيل استادن جي سروس کي سنڌن مقرريءَ جي تاريخ کان تسلسل ڏنو وڃي، استادن لاءِ صحت ڪارڊ جاري ڪيا وڃن ۽ بدلين جا اختيار ضلعي سطح تي منتقل ڪيا وڃن هن چيو ته استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪري سنڌن درپيش مسئلا حل ڪيا وڃن جيئن استاد بنا ڪنهن پريشانيءَ جي پنهنجا تعليمي فرض بهتر نموني سرانجام ڏئي سگهن

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

سان مخالفن جي چوڻ تي ظلم ۽ ناجائزي ڪري رهي آهي اسين ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو جي در آڏو اچي انصاف جو مطالبو ڪيون ٿا اسان سان انصاف ڪري ظلم ڪندڙ ٽنگواڻي پوليس جي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

عورت چوويهه سالہ مسمات "پ" جي فرياد تي ڪنڊوجام ٿاڻي تي ٻن ڄڻن معشوق کوسو ۽ محمدکوسو خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي فريادڻ ناري ايف آءِ آر ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته 2 آڪٽوبر تي هوءَ ٻنين ۾ سال لاءِ گاهه ڪرڻ وئي هئي جتي معشوق کوسو ۽ محمد کوسو کيس مبينا طور ڪيلي جي باغ ۾ وٺي وڃي اجتماعي لجالت جو نشانو بڻايو معاثر ناري موجب،هن پاڻ کي بچائڻ لاءِ دانهون ڪيون پر منجهند جو وقت هجڻ سبب ٻنين ۾ ويجهو ڪير به موجود نه هو جڏهن ته دانهون ڪرڻ تان جوابدارن ڪيس مارڪٽ ڪرڻ سان گڏ ڌمڪيون ڏنيون ته جيڪڏهن هن ڪنهن سان به واقعي بابت ڳالهه ڪئي ته سندس مڙس لاءِ سٺو نه ٿيندو معاثر ناري ايف آءِ آر ۾ وڌيڪ ڄاڻايو آهي ته هن گهر پهچي پنهنجي مڙس علي محمد ڪوسي کي واقعي بابت ٻڌايو جنهن بيبرسن هجڻ سبب سوڻ ڪي خاموش رهڻ جو چيو فريادڻ موجب، بعد ۾ ڳوٺ جي عورتن ڳالهه کولي ڇڏي جنهن کانپوءِ هو قانوني ڪارروائي لاءِ ٿاڻي تي پهتي پوليس پاران معاثر عورت جو طبي معائنو ڪرايو ويو آهي پر ميڊيڪل رپورٽ اچڻ ۾ ڪجهه ڏينهن لڳندا. پوليس ڪيس داخل ڪرڻ بعد جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته اڃا تائين ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي آهي

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

۽ چوري ڪري ويا. نامعلوم چور رات جي اونداهيءَ ۾ آسانيءَ سان وارداتون ڪري هميشه جيان فرار ٿي ويا.

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

ڪيو ته مزدورن جا جائز مطالبا فوري طور تسليم ڪري کين رليف ڏنو وڃيءان موقعي تي پيپلز ليبر بيورو صدر عبدالحڪيم دستي ،آل پليدار يونين جي صدر رمضان ملاح خطاب ڪندي چيو ته موجوده مهانگائي واري دور ۾ رائس ملز ايسوسيئيشن پاران مزدورن جا جائز مطالبا تسليم نه ڪرڻ سبب پورهيت طبقي ۾ سخت بيچيني پکڙجي رهي آهي هنن چيو ته هڪ طرف پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ سبب روزمره جي استعمال وارين شين جا اگهه وڌي رهيا آهن ۽ ٻئي سميت کاڌي پيتي جون شيون پهچ کان پري ٿينديون پيون وڃن،هن چيو ته مهانگائي جي موجوده صورتحال ۾ مزدور طبقو پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ ۽ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪرڻ لاءِ سخت پريشان آهي هنن چيو ته اسان ڊپٽي ڪمشنر ۽ رائس ملز ايسوسيئيشن جي ذميوارن کان مطالبو ڪيون ٿا ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي مزدورن سان انصاف ڪيو وڃي ۽ سنڌن جائز مطالبا منظور ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

احمد جيسر محمد جمن سهڙو محمد اطهر ميمڻ،اعظم مئيو راجپوت،رفيق احمد ڪنڀر جميل احمد ڪنڀر حبيب جوڻيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول باقراڻي کان پريس ڪلب باقراڻي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي بعد پريس ڪلب باقراڻي اڳيان علامتي بک هڙتال تي ويهي رهيا،ان موقعي تي استادن اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي پاران استادن سان ناانصافي جو سلسلو جاري آهي پرائمري اسڪولن جي استادن کي سروس اسٽرڪچر جاري ڪيو وڃي ، انيشئل اپائنٽمنٽ کان ريگيلر ڪيو وڃي آءِ بي اي جي رهيل ڊيٽا بيس جاري ڪيو وڃي، بائيو ميٽرڪ نظام ضلعي سطح تي ڪيو وڃي،غير منصفاڻي بدلين جو خاتمو،چهري جي سڃاڻپ واري حاضري جو نظام درست ڪرڻ سميت اين سي ايڇ ڊي استادن سان انصافي بند ڪرڻ سميت استادن جا جائز مسئلا حل ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ مرحليوار احتجاجي تحريڪ شروع ڪندي سنڌ جي هزارين استادن طرفان ڪراچي ۾ بلاول هائوس اڳيان احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو جڏهن ته استادن پاران سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

پگ ۽ مهينا اڳ سنڌن گهر جي پٺ ڪري پئي هئي جنهن جي ٻيهر اڏاوت واري معاملي تان عاشق حسين ملاح، غلام مرتضيٰ ملاح ۽ غلام مصطفيٰ ملاح ٻن نامعلوم ماڻهن سان گڏ مبينا طور سنڌن گهر ۾ داخل ٿي پٺ ڏاهڻ کان روڪيو ۽ بنا جواز جهيڙو شروع ڪيو

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

اچن ٿا، سمورن ڪنٽينرن کي چيڪ ڪرڻ ممڪن ناهي پر ان جي باوجود لاڙڪاڻو رينج پوليس جون ڪوششون جاري آهن. تازو پوليس ڪيترن ئي غيرقانوني ترسيل افغانين کي گرفتار ڪيو آهي جن کي هتان جي مقامي ماڻهن جي پٺڀرائي حاصل هئي ان لاءِ مقامي ماڻهن کي گهرجي ته هو پوليس سان سهڪار ڪن لاڙڪاڻو پريس ڪلب جي دوري دوران صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو وڌيڪ چيو ته لاڙڪاڻو ڊويزن جي علائقي جون سرحدون بلوچستان ۽ پنجاب صوبي جون سرحدون لڳن ٿيون جنهن ڪري انهن هنڌن تي ڌاڙيل وارداتون ڪري رهيون آهن جنهن ڪري بارڊر ايرياز جي چيڪ پوسٽن جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وئي آهي ته جيئن ڌاڙيل سرگرمين کي ختم ڪري سگهجي هن چيو ته قبائلي جهيڙن جي روڪٿام لاءِ ڪوششون جاري آهن ته جيئن علائقي جي چڱن شخصيتن کي وچ ۾ آڻي جهيڙيندڙ ڌرين وچ ۾ ناهه ڪرائي علائقي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بنائي سگهجي ڊي آءِ جي منشيات جي روڪٿام جي حوالي سان چيو ته ٻاهرين صوبن سان لاڙڪاڻو رينج ۾ منشيات آنديون وينديون آهن، جنهن جي خاتمي لاءِ پڻ اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون تازو پوليس ڪجهه منشيات فروشن کي گرفتار پڻ ڪيو آهي هن چيو ته ڪنڌڪوٽ ڪشمور ۽ شڪارپور جي ڪچي وارن علائقن سان واسطو رکندڙ ڌوهاري حڪومت جي سرينڊر پاليسي تحت پوليس آڏو پيش ٿي گرفتاري ڏئي ڇڏي جنهن کان پوءِ انهن علائقن ۾ امن امان جي صورتحال بهتر آهي هن وقت اتي روڊ رستا ۽ اسڪول ٺهي رهيا آهن جتي اڃان به ڪجهه ڌوهاري موجود آهن جنهن سبب امن امان ۾ رڪاوٽون پيش اچي رهيون آهن ڪوشش آهي ته انهن ڌوهارين خلاف ڀرپور ڪارروائيون ڪيون ته جيئن اتي امن امان جي صورتحال اڃان وڌيڪ بهتر ٿئي هن چيو ته لاڙڪاڻي شهر اندر وڌندڙ ٽرئفڪ جو سبب حد کليون ۽ چنگچيون آهن ان حوالي سان آئون تمام جلد لاڙڪاڻي جي ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سان گڏجاڻي ڪري ٽرئفڪ جي بهتري لاءِ جوڳا بندوبست ڪيا ويندا ته جيئن شهر اندر ٽرئفڪ جو نظام بهتر طريقي سان رواں دواں ٿي سگهي هن چيو ته مان پنهنجي آفيس ۾ شهرين سان ملاقاتون ڪري سنڌن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ڌوهاري وارداتن جي روڪٿام لاءِ پوليس هر وقت ڪوششن ۾ رڌل آهي، صحافي ۽ شهري ڪنهن ڪئي به سماجي برائي يا ڏوهه ٿيندي ڏسن ته فوري پوليس کي اطلاع ڏين ته جيئن بروقت ڪارروائي ڪري ڏوهارين کي سوگهو ڪري سگهجي

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

ماهوار مسواڙ تي ڏني هن الزام لڳايو ته رابيل سپڙو سال 2024ع کان وٺي مسواڙ جا پئسا ڏيڻ بند ڪرڻ بعد ڪوڙيون ايگريمينٽون ٺاهي جڳهه تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي ان خلاف مون رتوديرو جي سول ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائڻ سان گڏ وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، آءِ جي ڪميونيڪيشن ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي درخواستون ڏنيون پر ان جي باوجود جڳهه تان قبضو ختم ناهي ٿيو اڄ مان سول ڪورٽ رتوديرو مان حاضري ڪاٽي واپس گهر وڃي رهيو هيس ته رابيل سپڙو پنهنجي پٽن آفتاب ۽ عادل سميت ٺٽون ديرو ۽ رتوديرو ٿاڻن جي پوليس اهلڪارن سان گڏجي اسان کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي هنن اسان کان ۽ موبائيل فونون 35 هزار روپيه ۽ شناختي ڪارڊ ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته مختلف وقتن تي ٺٽون ديرو ٿاڻي جي پوليس بلاجواز تنگ ڪري رهي آهي جنهن ڪري اسان جو جيئڻ جنجال ٿي پيو آهي هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته بااثر واڙيليس آپريٽر ۽ ٺٽون ديرو ٿاڻي جي پوليس خلاف ڪارروائي ڪري جڳهه تان قبضو ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

ڳلتيءَ ۾ مبتلا ٿي ويا آهن هوڏانهن هارين جو چوڻ آهي ته سارين جي پوکائي کان وٺي فصل جي لاباري تائين ٻج، پاڻ، زرعي دوائن، ڊيزل ۽ مزدوريءَ تي وڏا خرچ اچن ٿا، پر کليل مارڪيٽ ۾ في من 2200 کان 2300 رپيا اگهه ملڻ سبب سنڌن خرچ پورا ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ايتري گهٽ اگهه تي ان وڪرو ڪرڻ سان سنڌن محنت جو مناسب معاوضو نٿو ملي ۽ ٻچڙن جو گذر سفر هلائڻ به ڏکيو بڻجي ويو آهي ان موقعي تي آبادگار توڙي هارين محمد قاسم ميٺو راجپوت، حاجي ڪفايت ڪلهوڙو، الفت ڪنڀر محمد اعظم ابڙو، منظور ڏهر ڪمدار ذوالفقار علي آريجو جاويد علي ابڙو ۽ ٻين هارين حڪومت سنڌ، ضلعي انتظاميا ۽ زراعت کاتي جي اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته خدارا سارين جو اگهه وڌائي في من 3000 کان 3500 رپيا ڪيو وڃي جيئن آبادگار ۽ هاري پنهنجي محنت جو مناسب معاوضو حاصل ڪري سگهن ۽ سنڌن ٻچڙن جو گذر سفر آسانيءَ سان هلي سگهي هنن مطالبو ڪيو ته سارين جي اگهن واري معاملي جو فوري نوٽيس وٺي هارين ۽ آبادگارن جي ٻچڙن کي فاقا ڪشي کان بچائي معاشي نقصان کان بچائڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

سان گڏ هٿيارن ۽ موٽمار ڌمڪيون ڏئي پريشان ڪري رهيا آهن اسان ڳوٺ جي چڱي مڙسن وٽ ۽ وياسين پر اسان جي ڪنهن به دادرسي نه ڪئي مجبور ٿي انصاف لاءِ هتي پهتا آهيون هنن وڌيڪ چيو ته بااثر نوجوان عرفان ساند کان غلط ڪم ڪرائڻ لاءِ زور ڀري رهيا آهن جن کي جواب ڏيڻ تان مٿس ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا ويا اسان کي بااثرن مان جاني نقصان جو خطرو آهي تهنڪري اسان عدالت سگهوري ۾ نٿا اچي سگهون هنن آئي جي سنڌ ، ڊي آءِ جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته بااثرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

عرفان سومرو، عاشق علي ملڪ خان محمد لغاري، سهراب ميرجت ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي ان موقعي تي استادن اڳواڻن ڳالهائيندي مطالبو ڪيو ته استادن جو سروس اسٽرڪچر بحال ڪري ڪلسٽر پاليسي ختم ڪئي وڃي، بايوميٽرڪ نظام کي ضلعي سطح تي آندو وڃي ۽ انڪريمينٽ شروعاتي ڀرتي واري تاريخ کان لاڳو ڪيو وڃي هنن بايوميٽرڪ نظام جي حوالي سان جاري ڪيل شوڪاز نوٽيس واپس وٺڻ جو پڻ مطالبو ڪيو استاد اڳواڻن چيو ته سنڌن احتجاج ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جنهن تحت ٽن ڏينهن تائين مختلف پريس ڪلبن اڳيان علامتي بک هڙتال ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايا ويندا. هنن واضح ڪيو ته مطالبن جي مڃتا تائين جدوجهد جاري رکي ويندي ۽ احتجاج جي آخري مرحلي ۾ ڪراچيءَ ۾ بلاول هائوس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته استادن جا مسئلا ترت حل ڪري کين احتجاج ڪرڻ بدران پنهنجون تدريسي ذميواريون ڀرپور نموني ادا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو وڃي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

ڪم سان شهر طرف وڃي رهيو هيو ته رستي ۾ غالب نگر پاڙي واري علائقي مان پوليس موبائيل تي سوار سادا ڪپڙا پهريل اهلڪار ڪيس ڪنبي کڻي ويا آهن اهڙو اطلاع اسان حد جي حيدري ٿاڻي تي ڏيڻ سان گڏ سندس ڳولا شهر جي سڀني ٿاڻن توڙي مختلف علائقن ۾ ڪئي آهي پر ان باوجود پاڻ جو ڪوبه ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو هن چيو ته پاڻ جي اوچتو کنيجڻ کان پوءِ اسان سمورا گهرڀاتي سخت پريشان آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ ڦهرام مچل آهي جنهن لاءِ لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پاڻ کي آزاد ڪرائي چانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

پنج هزار پگهار تي مسجد ۾ خدمت ڪندو آهيان شام جو مدرسي ۾ ٻار ۽ پڙهايون ٿا غريب مسڪين آهيان ايس ايس پي ڄامشورو نوٽس وٺي موٽرسائيڪل ريڪور ڪرائي ڏني وڃي جڏهن ته ٻي وارداتون خدا جي بستي گلشن شهباز ۾ پوٽ بنگلي وٽ ٿيون جن ۾ نامعلوم جويدار ٻن پورهيت نوجوانن کان آءِ فون سميت 3 موبائيل فونون هزارين رپيا نقدي ۽ ٻيو سامان هٿيارن جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته پوليس جويدارن خلاف ڪابه وڏي ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

ايڇ او ڪوٽو گهنور انسپيڪٽر رياض احمد بجاراڻي پنهنجي عملي سان گڏ ڪارروائي ڪندي چرس جي مبينا واپاري نديم پنهور کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1175 گرام چرس هٿ ڪري ورتي سائيٽ ٿاڻي جي پوليس ديسي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي 1040 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪري ورتي، جڏهن ته ڪارروائي دوران ذوالفقار عرف دلو پنهور فوزيه پنهور ۽ ريحانه پنهور کي گرفتار ڪيو ويو ڪڙيو گهنور پوليس هڪ ٻي ڪارروائي ۾ آئس وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ جوابدار سڪندر پنهور کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 20 گرام آئس هٿ ڪئي جڏهن ته گٽڪو وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪندي اصغر ڪنڀار ۽ رضا علي سمون کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان سفينا گٽڪي جا 1320 ساشا هٿ ڪيا ويا ٻئي طرف، سي آءِ اي بدين جي انچارج انسپيڪٽر علن خان عباسي ڳجهي اطلاع تي پنهنجي عملي سان گڏ ٽندو ٿاڻي جي حد ۾ ڪارروائي ڪندي آئس وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ فيروز گل شيدي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 18 گرام آئس هٿ ڪئي ايس ايڇ او بدين سب انسپيڪٽر علاول خاصخيلي ديسي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي 150 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪري ورتي، جڏهن ته ڪارروائي دوران اصغر لغاري کي گرفتار ڪيو ويو ايس ايڇ او گلاب لغاري انسپيڪٽر فياض علي ٻرڙو پنهنجي عملي سان گڏ ڪارروائي ڪندي رپوش جوابدار معشوق علي ابڙو کي گرفتار ڪري ورتو سائيٽ ريڙ، ايس ايڇ او ٽنڊو غلام علي انسپيڪٽر عاشق علي لنڊ آئس وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ جوابدار عبدالڪريم عرف شاهنواز عرف مير ڪنڊي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 6 گرام آئس هٿ ڪئي هوڏانهن ايس ايڇ او ماتلي انسپيڪٽر محمود احمد خان پنهنجي عملي سان گڏ ڪارروائي ڪندي ذوالفقار عرف زلفي شيدي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 15 ليٽر ديسي شراب هٿ ڪري ورتي بدين پوليس موجب، منشيات فروشن، گٽڪي جي وڪرو ڪندڙن ۽ رپوش جوابدارن خلاف ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

آهن جن جي غير موجودگي بعد ۾ وڌيڪ محسوس ڪئي ويندي آهي سائين سنت چانڊو رام صاحب به جن مان هڪ هو جنهن جو سڀاءُ ۽ آشيرواد دل ۾ جاءِ ٺاهي ڇڏيندو هو جنهن جي پنهنجي زندگي جو سنت گيري وارو مانائتو سفر گذريل سال 15 آڪٽوبر تي پورو ٿيو هو هن سال سنڌس پنوعاقل ۾ پهرين ورسي "مهااتسو" سخي بابا آستان ۾ 13،14،15،16 آڪٽوبر سنڌس فرزند فقير سائين هريش لال جي موجودگي ۾ ڀرپور نموني سان ملهائي ويندي جنهن ورسي ۾ سنڌ جي ٻين هنڌن کان وڏا مهان گياني شرڪت ڪندا جنهن ۾ سائين هريش لال "سائين ياد، سدا آباد" جي شبدن سان پرچار ڪندا ۽ مريدن عقيدتمند ۽ آيلن کي آشيرواد ڏيندا هند ۽ سنڌ جي مهان شخصيت _سنڌي هندن جي روحاني رهبر _سنت چانڊو رام صاحب جي پهرين ورسي جي سنڌس جنم ڀومي /پنوعاقل ۾ انتهائي خوبصورت تقريب _لکٽو جو لال جو لقب ماڻيندڙ سنت چانڊو رام صاحب جي فرزند هريش لال ۽ هند سنڌ ۾ پنهنجي سڀاءُ سڃاڻپ سان سماج کي مرڪون محبتون عطا ڪندڙ درگاهه رهڙڪي جي گادي ڏٺي جي وڇوڙي کان پوءِ سنڌس جانشيني سنڀاليندڙ / سنڌس ئي سڪون لاهيندڙ روچڪ لال صاحب جي خصوصي شرڪت، ان موقعي تي ڪيس پيدا پيش ڪرڻ لاءِ ادبي ويهڪ ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ منوهر لال سڪايل نامياري اديب پروفيسر سرور سيف، سڄاڻ تجزيه نگار ،ڪالمسٽ بدر سميجو ، شاعر اديب /سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اڳوڻي مرڪزي سيڪريٽري جنرل فقير پريل داڀو ۽ ٻين سنت چانڊورام صاحب جي سماج جي خدمتن ۽ انساني دوستي ۽ محبتي مزاج سميت ادبي شخصيتن کي اتساهه ڏئي ادبي ماحول پيدا ڪرڻ بابت سنت چانڊو رام جي ڪردار تي ڀيرائتي روشني وڌي مقررين پروگرام جي منتظمين _ ڊاڪٽر هري لال پاڳيا، ڪروڙي لال اگهيا، ڊاڪٽر راجندر پرساد مڪي انجنيئر شنڪر لال تلريجا سميت گرمڪداس، مڪي پرڀداس سميت سڀني مڪين ۽ واسطيدار شخصيتن کي جس ڏيندي چيو ته سنت چانڊو رام الڪ ملڪ ۾ پنوعاقل کي سڃاڻپ ڏياري هن جي ڪري ريٽر شهر جي اهميت وڌي، ڏکي انسانيت جي دردن جو درمان بڻيو ۽ ادار قائم ڪيا، هو پنهنجي شيواءَ ڪردار سبب تاريخ ۾ امرتا ماڻي چڪو آهي ،

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

سان هلندڙ ڳالهيون ڪامياب، شاگردن پاران لانگ مارچ ختم ڪرڻ ۽ سپائي وزيراعليٰ هائوس اڳيان ڌرڻو نه هڻڻ جو اعلان حڪومتي وفد ۾ صوبائي وزير رياض شاهه شيرازي، پيپلزپارٽي حيدرآباد ڊويزن جو صدر عاجز ڌامراهه پيپلزپارٽي ضلعي ٺٽي جو اطلاعات سيڪريٽري سيد محمود عالم شاهه شامل هئا

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

گهٽائڻ خلاف عوامي تحريڪ تعلقي گولاڙچي طرفان سيمينار ۽ ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ عوامي تحريڪ تعلقي گولاڙچي جي نئين باڊي چونڊي وئي. ڪنوينشن کي عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار سنڌي هاري تحريڪ ضلع بدين جي صدر جيون ڪمار جاڪرو نوحاڻي مهراڻ درس محمد علي ڏاليو غلام علي نوحاڻي محمد حسن چانگ ڪريم لوهار علي احمد راهو غلام حسين انصاري موسا درس ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي نون صوبن انتظامي يونٽن جي نالي ۾ ورهائڻ جون سازشون سنڌ جي وحدت تي وار آهن هي منصوبو سنڌ جي تهذيبي تاريخي ۽ قومي سڃاڻپ لاءِ خطرو آهن سنڌ جي زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضن ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي ڌاڙن خلاف سنڌ جي عوام کي متحد ٿي جدوجهد ڪرڻي پوندي جلالپور سميت سنڌو درياهه مان ڪينال نڪرندڙ ۽ ڊيمن جا منصوبا سنڌ جي زراعت، ماحوليات لاءِ خطرا ۽ لکين هارين ۽ آبادگارن جو معاشي قتلام آهي سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو هڻي سنڌ جي زراعت کي تباهه ڪرڻ ۽ لکين ماڻهن کي پنهنجي روزگار کان محروم ڪرڻ واري پاليسي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي اڳواڻن چيو ته 28هين آئيني ترميم جي نالي ۾ صوبائي خودمختياري، جمهوري حقن ۽ وفاق جي بنيادي اصولن کي نقصان پهچائڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن هنن وڌيڪ چيو ته مهانگائي، زرعي خرچن ۾ واڌ ۽ فصلن جا مناسب اگهه نه ملڻ سبب آبادگار ۽ هاري سخت معاشي بحران کي منهن ڏئي رهيا آهن ڪڻڪ، سارين، ڪمند ۽ ٻين فصلن جا مناسب امدادي اگهه مقرر ڪيا وڃن ڪي زرعي خرچن جي حساب سان منصفاڻو معاوضو ڏنو وڃي. پاڻ، ٻج، زرعي دوائن بجلي ۽ ڊيزل جون قيمتون گهٽايون وڃن جيئن آبادگارن کي معاشي تباهيءَ کان بچائي سگهجي اڳواڻن چيو ته عوامي تحريڪ سنڌ جي وحدت، قومي حقن، پاڻيءَ جي تحفظ، زمينن ۽ وسيلن تي عوامي مالڪي هارين ۽ مزدورن جي معاشي حقن ۽ جمهوريت لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي عوامي تحريڪ تعلقي گولاڙچي جو ڪنوينشن به ان سلسلي جي ڪڙي آهي عوامي سجاڳي مهم وسيلي عوام کي منظم ڪري سنڌ دشمن پاليسين خلاف جدوجهد کي وڌيڪ سگهارو بڻايو ويندو اڳواڻن چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ ايمر جنسي ۽ گورنر راڄ لڳائي جمهوريت جي ٽڏا ويڙهه جي شروعات ڪئي وئي آهي ڪنوينشن ۾ عوامي تحريڪ تعلقي گولاڙچي جي نئين باڊي چونڊي وئي جنهن ۾ صدر غلام علي نوحاڻي نائب صدر امام الدين نظاماڻي جنرل سيڪريٽري جميل ملاح جوائنٽ سيڪريٽري علي احمد راهو پريس سيڪريٽري اعجاز نوحاڻي خزانچي لطيف نظاماڻي آفيس سيڪريٽري محمد علي ڏاليو ۽ ميمبرن ۾ عبدالڪريم لوهار فاضل درس سڪندر درس غلام محمد جتوئي هميرو مل مير چانڊيو ڀڃاڻ مل غلام حسين انصاري شامل آهن

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

زخمي کي آر ايڇ سي ٻلڙي شاهه ڪريم منتقل ڪيو ويو زخمي نوجوان کي شروعاتي طبي امداد بعد وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو جڏهن ته فوتي ريٽائرڊ استاد جو لاش وارث ڪورواهه ڪاڻائي آيا

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

جو گوڏاٿي ممتاز پڌافي ڪان ماڻيلو موسل جي ماڙي لنڪ روڊ تان هڪ موٽرسائيڪل تي سوار تي اڻڄاتل هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل 40 هزار روپيا روڪ ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا ٻيا ٻر وقت ماڻيلو موسل جي ماڙي پوليس چوڪي تي ۽ گهوڙڪي پوليس کي اطلاع ڪيو سين ان باوجود پوليس نه پهتي جيڪا اسان سان ناانصافي آهي هنن ايس ايس پي گهوڙڪي کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي فورو جوابدارن کي گرفتار ڪرائي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل روڪ رقم ۽ موبائيل فون واپس ڪرائي ڏنا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

اسڪول جي ڪلاس جاري هيون جنهن دوران ڇت جا ڇاپڙ ڪري پيا جنهن جي نتيجي ۾ 12 اسڪولي ٻارڙا زخمي ٿي پيا ڳوٺاڻن پاران فوري طور زخمي ٻارڙن کي ٽنڊوسومرو جي سرڪاري اسپتال سميت ٻين اسپتالن ۾ نيو ويو ڳوٺاڻن موجب اسڪول ۾ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا هئا اوچتو ڌماڪي جو آواز آيو اسڪول پهتاسين ته 12 جي لڳ ڀڳ ٻارڙا زخمي هئا جن کي بروقت اسپتال منتقل ڪيو ويو هنن چيو ته تعليم کاتي جي نااهلي آهي اسڪول جي عمارت ڏهن ڏهڪ بابت شڪايتن ڪيون ۽ عمارت جي تعمير ناهي ٿي جنهن جي ڪري استاد مجبورن ڏٻون اسڪول ۾ ٻارڙن کي تعليم ڏئي رهيا هئا ته هي ڏکوئيندڙ واقعو پيش آيو ڪافي ٻارڙن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي ڪجهه ٻارڙن جي مٿي ۽ جسم ۾ ڌڪ لڳا آهن هنن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته ضلعي اندر ڏٻون اسڪولن جي بناديري مرمت ڪرائي وڃي جيئن مستقبل جا معمار محفوظ رهي تعليم حاصل ڪري سگهن

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

بي سيڪشن بشير چانڊيو ٻڌايو ته گرفتار ڪيل افغانين ۾ نيازمحمد ولد شير محمد، سندس زال مسمات شائستہ ۽ سندس ٻارڙا 11 سالن جو جمع خان، 9 سالن جو عبدالرزاق، 6 سالن جو عزيز، 4 سالن جي نينگري همسه اڍائي سالن جي رزقا، 3 سالن جي حسنه، عبدالمجيد ولد عبدالرشيد، سندس گهرواري نامان زال عبدالرشيد ۽ انهن جا ٻار 14 سالن جو نظر 10 سالن جو مصطفيٰ 3 سالن جو نعيم ۽ 4 سالن جي زينب، جڏهن ته انور ولد شير محمد، مسمات زرق زال انور ان جا ٻار 4 سالن جو نديم 3 سالن جي ثمينه ۽ 6 مهينن جو عمر ۽ سندس والده بختاور شامل آهن پوليس موجب گرفتار ٿيل افغانين جا ڪارڊ بلاڪ ۽ ڪينسل ٿيل آهن جيڪي هتي غيرقانوني ترسيل هئا گرفتار ٿيلن کي ڪياماڙي ڪراچي جي هولڊنگ پوائنٽ حوالي ڪيو ويو آهي جتان کين ملڪ بدر ڪيو ويندو

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي وئي مظاهرين ميڊيڪل ايسوسيئيشن جي صدر پرڪاش لال منشاڻي ، ڪئلاش ڪمار ارون ڪمار چندر لال ۽ ٻين داهيندي چيو آهي ته ڊي ايڇ او اعجاز شاهه ۽ ڊرگ انسپيڪٽر ڪجهه غير واسطيدار ماڻهو ساڻ ڪري ميڊيڪل معان بنا جواز چڙهائي ڪري دڪاندارن کي پريشان ڪيو پيو ٿو وڃي اسان جا ميڊيڪل اسٽور جيڪڏهن غلط دوائون رکن ٿا توهان اهي ڪٺي ليبارٽي ڪرايو جيڪڏهن دوائون غلط آهن توهان معن ڪارروائي ڪريو باقي غير واسطيدار ماڻهو ساڻ ڪري ميڊيڪل اسٽور ايسوسيئيشن وارن کي بليڪ ميل ڪرڻ بند ڪيو هنن الزام لڳائيندي چيو آهي ته پئسا نه ڏيڻ تان هو دڪانن چڙهائي ڪن ٿا هنن وڌيڪ چيو آهي ته يا سڌو چيو توهان هتي ڪاروبار نه ڪريو انڊيا هليا وڃون هن ڊي سي ڪشمور ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو آهي ته ڊي ايڇ او ۽ ڪنڌڪوٽ ۽ ڊرگ انسپيڪٽر خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاجن ميڊيڪل اسٽور بند رهندا جنهن دوران ڊي سي آغا شير زمان پڌاڻ احتجاج ڪندڙ ميڊيڪل اسٽور يونين جي صدر پرڪاش لال سميت ٻين کي آفيس گهرايو جتي ڊي ايڇ او ۽ ڊرگ انسپيڪٽر کي به گهرايو ويو جنهن بعد ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون ميڊيڪل اسٽور جي هڙتال ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو انهي حوالي سان پرڪاش لال رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڊي سي ڪنڌڪوٽ اسان سان انصاف ڪندي ٻيهر ڪنهن به ميڊيڪل اسٽور جي خلاف غير قانوني طريقي سان ڪارروائي نه ٿيڻ جو يقين ڏياريو آهي

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

لڳيون ۽ اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا تقريب کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته ڄامشورو ۾ آرٽس ڪائونسل جي قيام جي سخت ضرورت آهي جيئن علائقي جي فنڪارن اداڪارن شاعرن اديبن ۽ ٻين تخليقي ماڻهن کي پنهنجي فن جي اظهار لاءِ بهتر پليٽ فارم فراهم ٿي سگهي جڏهن ته هن رنگارنگي پروگرام ۾ بهترين محفل موسيقي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي نالي وارن فنڪارن معشوق ڪوڪر، دانش منظور، عليشا نور، ريشمان علي ساجد سنڌي، غلام حسين سولنگي، وسيم سمون اياز سمون۽ ٻين بهترين ڪلام پيش ڪري پيش حاضرين جون دليون کٽي ورتيون ۽ هن پروگرام ۾ قادر بخش ملو پنهنجي مزاح سان ويٺل دوستن کي خوب کلايو هن شاندار پروگرام ۾ ڄامشورو ايٽ ڪوٽڙي پريس ڪلب جو صدر محترم جهانگير سهڙو سينئر صحافي شوڪت ميمڻ اسد مگريں فهد جانوري ۽ بهترين شاعر اديب بخشل راهپوٽو، ڊاڪٽر برڪت لغاري، پير بخش سمون امداد مگسي عبدال ڪوهستاني سميت تقريب ۾ سياسي، سماجي ۽ صحافتي شخصيتن سميت فنڪارن اداڪارن شاعرن ۽ اديبن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مزاحيه اداڪار قادر بخش ملو پنهنجي منفرد مزاحيه فن ۽ دلچسپ لطيفن ذريعي حاضر ماڻهن جي چهرن تي مرڪون وکيري ڇڏيون ۽ محفل کي ٽهڪن سان گونجائي ڇڏيو

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

دوران ڪارروائي ڪري جوابدار آصف ملاح کي گرفتار ڪيوپوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار جي قبضي مان گٽڪي جا 10 ڪتا، نشي آور سوپارين جا 20 پيڪٽ ۽ هڪ ڪار هٿ ڪئي وئي آهي جوابدار خلاف ٻبرلو ٿاڻي تي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي،ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي هن ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم لاءِ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو آهي

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

ڪري ان جو باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪيو وڃي، جڏهن ته استادن کي هيلٿ ڪارڊ پڻ فراهم ڪيا وڃن .ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن سميت پ ٽ الف تعلقي سنجهوري جي صدر عبدالرحمان خاصخيلي چيو ته پرائمري استاد تعليم جي بنيادي سرشتي ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا، پر ان جي باوجود کين سروس اسٽرڪچر، پروموشن، صحت جي سهولتن ۽ ٻين مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو ته استادن جا جائز مسئلا ڊگهي عرصي کان حل نه ٿيڻ سبب استادن ۾ بيچيني پکڙيل آهي .استادن مطالبو ڪيو ته سنڌن سروس اسٽرڪچر جو مسئلو ترت حل ڪري ترقي جا مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن ۽ سڀني اهل استادن کي هيلٿ ڪارڊ جاري ڪري صحت جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن هنن وڌيڪ چيو ته استادن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سان نه رڳو سنڌن مسئلا حل ٿيندا، پر هو وڌيڪ دل سان پنهنجون تدريسي ذميواريون پڻ نڀائي سگهندا

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

ان سلسلي ۾ ڪنگا پوليس رڪيا سانگي روڊ واري علائقي مان منشيات فروش 2 جوابدارن دلشاد جاگيراڻي ۽ ماجد چانڊيو کي 2 ڪلو کان وڌيڪ چرس سميت، علي گوهر آباد پوليس گهاڙ واهه واري علائقي مان منشيات فروش ۽ ڏوهن ۾ سرگرم جوابدار عبدالقدير جتوئي کي بنا لائسنس پسٽل ۽ گولين سميت گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن معان آهڙا ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

سهولت ڪن ٿا جڏهن ته جتي استادن جي ويهڻ جو پاڻي رکيل آهي ان کي تالو ڏيئي ويٺا آهن معان ڪو شاگرد اسان جو پاڻي پي وڃي ۽ اسان مجبور ٿي ٻاهر هوٽلن تان دڪانن تان ۽ اسڪول جي ٻاهران گهرن مان پاڻي گهري وڃي پيون ٿا . هنن چيو ته اها ٻي عزتي اسان جي نه پر اسڪول انتظاميا جي آهي جيڪي سون جي تعداد ۾ موجود شاگردن کي پاڻي مهيا ڪري نه سگهيا آهن شاگردن چيو ته سخت گرمي ۾ اسڪول ۾ اڃ جي ڪري تڙپندا آهيون جي پاڻي پيئڻ لاءِ ملي به ٿو ته اهو باٿروم جي ٽانڪين مان ملي ٿو جتان پيئڻ جي لاءِ دل نه چوندي آهي ٻين لفظن ۾ چئجي ته اسڪول اندر ڪابه سهولت ميسر ناهي جي آهي ته صرف استادن کي جيڪي پيئڻ جي پاڻي تي به قابض آهن ته باٿروم جي ٻنهي پورشن تي به جيڪي استعمال ڪري ٿالا ڏنا ويندا آهن هنن اسڪول جي اعليٰ اختيارين ، ڊي، سي، ڄامشورو کان اسڪول اندر ٿيندڙ مبينا سهولتن جي کوٽ خلاف نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ٻئي طرف ذميوار استاد جي پهچڻ ۽ ڳالهين کان پوءِ احتجاج ختم ڪيو ويو

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

ڪيل پڌرائي ۾ پوليس اهلڪار طرفان ريڙهي تي ڪيرا وڪرو ڪرڻ واري معاملي جي ترديد ڪندي چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ هڪ وڊيو جنهن ۾ پوليس اهلڪار کي ڪيرن سان ڀريل ريڙهي سان گڏ ڏيکاريو پيو وڃي ۽ ان تي وائس اوور ذريعي چيو پيو وڃي ته وردي پهريل پوليس اهلڪار ڪيرا وڪرو ڪري رهيو آهي تنهن بابت وضاحت جي ٿي ته وڊيو ۾ ڏيکاريل ريڙهي جو مالڪ هڪ رڪشا ڊرائيور کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويو هو پوليس موجب رسول بخش نالي رڪشا ڊرائيور جي فرياد تي پوليس اهلڪار ريڙهي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪيو هو واضح رهي ته وائرل ٿيل وڊيو ۽ ان تي لڳايل وائس اوور ڪوڙو ۽ بي بنياد آهي پوليس موجب زخمي رڪشا ڊرائيور کي علاج لاءِ ميڊيڪل ليٽر پڻ جاري ڪيو ويو آهي

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

ٿيبي کي قتل ڪيو هو،واقعي کانپوءِ مقتول جي پيءُ ڪنڌورسٽي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو هو پوليس جاچ مڪمل ڪرڻ بعد ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو جتي ٻڌڻي دوران ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت ٻنهي جوابدارن کي عمر قيد ۽ 20، 20 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي عدالتي ذريعن موجب سزا ٻڌائڻ کانپوءِ ٻنهي جوابدارن کي سخت سيڪيورٽي هيٺ سينٽرل جيل خيرپور منتقل ڪيو ويو

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

وارثن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ارشاد ملاڻو غلام شبير ملاڻو ڪريم بخش ملاڻو علي ڏنو ملاڻو ۽ ٻين چيو ته ٽي ڏينهن اڳ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو هو جنهن ۾ گولي لڳڻ ڪري نينگر زبير ملاڻو مارجي ويو هو ۽ سندس امڙ زخمي ٿي پئي هئي پوليس واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي ڪري اسان جو معصوم نينگر جو خون لوڙهڻ چاهي ٿي جيڪا وڏي ناانصافي آهي پوليس جي نااهلي ڪري اسان جو نينگر مارجي ويو آهي جيڪڏهن گهرڻ پرسان ئي ڌوهاري سان مقابلو ڪيوجنهن ۾ نينگر مارجي ويو جيڪڏهن پوليس گهرن کان ٻاهر وڃي مقابلو ڪري ها ته واقعو پيش نه اچي ها هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور کان گهر ڪئي ته معملي جي شفاف نموني جاچ ڪري ڪيس داخل ڪري ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي .

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

جي اڳواڻي ۾ ملاڪاتيار پوليس مختلف ڪارروايون ڪندي پنج جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان چرس، مين پڙيون ڪچو شراب ۽ ٻه موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون آهن پوليس موجب پنج ڪيسن ۾ گهربل مبينا ڦورو عنايت بڙدي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 3 ڪلو چرس هٿ ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته شريف چوهاڻ کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 2 هزار مين پڙيون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي، پوليس موجب فاضل ڪاتيار کي به گرفتار ڪيو ويو جنهن وٽان 1500 مين پڙيون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي اهڙيءَ ريت مبينا چرس سپلائر طاهري سومرو کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ ڪلو چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته ممتاز شيخ کي ڪچي شراب جي وڪري جي الزام هيٺ گرفتار ڪري سندس قبضي مان 20 ليٽر ڪچو شراب هٿ ڪيو ويو آهي جڏهن ته سندس مبينا ساٿي نظير ملاح فرار ٿي ويو

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

Sukkur IBA University

SUKKUR IBA UNIVERSITY

www.iba-suk.edu.pk

NOTICE INVITING TENDER (THROUGH EPADS)

Tender Proc/EPADS/0122

Sukkur IBA University invites bids on Composite Schedule of Rates (CSR)/item rate basis electronically through EPADS (E-Pak Acquisition & Disposal System) on **a single stage two envelope procedure** from the eligible and experienced firms registered with Pakistan Engineering council (PEC), Income tax & Sales tax and Sindh Revenue Board (whichever is applicable) departments for the following works. Manual bids will not be considered.

Name of Works	Estimated Cost Rs. in Million	Time for completion
Extension of Offices and Lab at First Floor Over Existing Building @ Sukkur IBA University Ghotki Campus	30.340	06 Months

	Tender Schedule - Date and Time			
	From	To	Submission	Opening
01	October 14, 2026	November 04, 2026	04-11-2026 3:00 PM Through EPADS	04-11-2026 3:30 PM Through EPADS

1. Eligibility Criteria:

- Bidding is open to all firms and people meeting the following mandatory requirements:
- Valid licensed by the Pakistan Engineering Council (PEC) in the category C-5 or above with specialized code, CE-10(I), & EE11(vi). (General Electrical works)
- Valid License from Electric Inspector for Electrical Works issued by Govt. of Sindh – (Sukkur Region). If the license is expired, copy of renewal challan to be attached.
- Bidder must have valid registration with Income Tax and applicable Sales Tax along with Active Taxpayer Status.
- Bidders must have an average annual turnover as per (FBR tax returns) for the last five years that should be more than or equal to the estimated cost of the work.
- An affidavit (on non-judicial stamp paper) declaring that there is no litigation history, no blacklisting, and no involvement in any corrupt, fraudulent, or collusive practices. The affidavit shall also include an undertaking that all information and documents provided are true and correct. If, at any stage, the information is found to be bogus, fake, forged, or counterfeit, action shall be taken in accordance with the applicable rules.
- Affidavit on (non-judicial stamp paper) for Bidder must not have forfeited CDR/or bid security with the procurement agency Sukkur IBA University.

Terms & Conditions. Under the following conditions, the bid will be rejected: -

a. Conditional bids/tenders.
b. Bids not accompanied by a bid security of the required amount and form.
c. Blacklisted firms.

Bid validity Period: 90 days.

Bidding documents can be obtained and submitted through EPADS as per the above schedule. Bidders are requested to give their Best and Final Price, as "No Negotiations" is permitted. Bidding Documents containing detailed terms and conditions can be downloaded from the following websites & submitted electronically through EPADS. https://portalsindh.eprocure.gov.pk, www.iba-suk.edu.pk

Bid Security 610,000.00 in the shape of a pay order deposit at call, demand draft or bank guarantee should be in favor of Sukkur IBA University.

The procuring agency reserves the right to accept or reject any or all bids prior to the acceptance of a bid as per SPP Rules 2010 (Amended to date).

The Procuring Agency reserves the right to reject any or all bids subject to relevant provisions of SPP Rules, 2010 (amended up to date) and may cancel the bidding process at any time prior to the acceptance of a bid or proposal under Rule-25" of said Rules.

In case of any query/confusion, please email at: pd@iba-suk.edu.pk and asif.jawed@iba-suk.edu.pk

PROJECT DIRECTOR

PID(H) 106/2026

SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur.
Ph: 071-5644441-5644025 Fax: 071-5804419

MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE MERIT-QUALITY-EXCELLENCE

دولتپور صفن ويجهو پلي برادريءَ جي ٻن ڌرين ۾ تڪرار تان فائرنگ ۾ ٻه مارجي ويا

ڪچي واري علائقي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 25 ورهين جو نثار پلي ۽ گلزار ماڇي مارجي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي ٻنهي جا لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

واقعو پلي برادريءَ جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي سڱاوتي تڪرار تان پيش آيو آهي: چوپول

دولت پور صفن (رپورٽ جي ايم جوڻيجو) دولتپور صفن پرسان علي آباد ڦاٽي جي حد ۾ ديهه سڪيور جي ڪچي واري علائقي ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻه ڄڻا قتل ٿي ويا، جڏهن ته ٻنهي مقتولن مان
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

دولت پور صفن: پلي برادري ۾ سڱاوتي تڪرار تان مارجي ويل ٻن ڄڻن جا لاش

پنوعاقل جي نجي اسڪول ۾
پنکو ڪرڻ سبب شاگرد زخمي،
اسپتال منتقل

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ڏان اسڪول ۾ ڪلاس دوران ڇت وارو پکو شاگرد معاذ ڪري پيو جو ڇهين ڪلاس جو شاگرد زخمي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ملڪيت جي تڪرار تان پيءُ پٽ خلاف احتجاج ڪندي

ٽنڊو آدم ۾ ملڪيت جي تڪرار تان پٽ جو پيءُ تي تشدد، متاثر جو احتجاج

طور ڪالوني جي رهواسي عمران ڪوڪر پنهنجي پٽ جي ظلم خلاف احتجاج ڪيو

ملڪيت جي تڪرار تان پٽ تشدد جو نشانو بڻايو آهي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: عمران

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم ۾ ملڪيت جي تڪرار تان پٽن جو پيءُ تي تشدد، پيءُ تحفظ لاءِ پريس ڪلب پهچي ويو رپورٽ ٽنڊو آدم جي طور ڪالوني جي رهواسي عمران ڪوڪر پنهنجي پٽن تيمور ڪوڪر ۽ عبيد ڪوڪر تي ملڪيت جي تڪرار تان مبينا تشدد ڪرڻ جو الزام هڻندي لاڳاپيل اختيارين کان تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي ٽنڊو آدم پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي عمران ڪوڪر لوڪ لاڙي ويلو هن الزام هنيو ته سندس پٽن سان ڪافي عرصي کان ملڪيت جي معاملي تان تڪرار هلندڙ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ڦر مزاحمت دوران ساٿين جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو ٻيو زخمي

ڳوٺ خليل ماڪوڙائي ۾ 2 ڦورو ڳتي جي فيڪٽري ۾ داخل ٿي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

مزاحمت ڦورو اشرف ولد غلام رسول مارجي ويو ۽ سندس ساٿي مشتاق ولد حاڪم زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي مارجي ويل جو لاش ۽ زخمي کي ڪڍائي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم جي بي سيڪشن ڦاٽي جي حد جهول روڊ تي ٻن نامعلوم هٿياربند ڦورن ٻه جي پريسنگ فيڪٽري جي مالڪ ملڪ عدنان ۽ شهزاد کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مزاحمت
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ استادن جي حقن جي
حاصلات لاءِ پ ٽ الف جي
علامتي بک هڙتال

ٽنڊو آدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي استادن جي حقن جي حاصلات لاءِ پ ٽ الف تعلقه ٽنڊو آدم پاران سنڌي مين الميٽري اسڪول ٽنڊو آدم جي مک گيٽ تي علامتي بک
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ تنگواڻي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

پوليس گهرن تي چڙهائي ڪري 20 ڪان وڏيڪ ميڙهون، ڳنڍون اناج کڻي وئي: ڳوٺاڻا

تنگواڻي پوليس اسان سان ظلم ۽ ناانصافي ڪري رهي آهي، ايس ايس پي نوٽيس وٺي

ڪنڊڪوٽ (ذ ر) ڪنڊڪوٽ جي ڳوٺ عبدالعزيز سهرياڻي جي رهواسي ڳوٺاڻن تنگواڻي پوليس جي زيادتين خلاف ايس ايس پي آفيس ڪنڊڪوٽ جي مين گيٽ آڏو احتجاج ڪندي نظر محمد جعفري، پرويز احمد جعفري، خادم، محمود، بلاول، امير بخش ۽ ٻين چيو ته تنگواڻي پوليس ونگار وهندي اسان جي گهرن تي بلاجواز چڙهائي ڪري گهر جو سامان 20 ڪان وڏيڪ ميڙهون، ڳنڍون لکين روپين جو اناج ۽ گهرو سامان کڻي وئي آهي پوليس اسان
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ويجهو ڳوٺ جمن ڪوسو ۾ شادي شده ناري سان ٻن ڄڻن جي مبينه اجتماعي لڄالٽ

چوويهه سالہ مسمات "ب" جي فرياد تي ٽنڊوڄام ٿاڻي تي ٻن ڄڻن معشوق ڪوسو ۽ محمدڪوسو خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ٻني ۾ مال لاءِ گاهه ڪرڻ وئي هئس،جتي معشوق ڪوسو ۽ محمد ڪوسو ڪيلي جي باغ ۾ وٺي وڃي اجتماعي لڄالٽ جو نشانو بڻايو:مسمات

جوابدارن مارڪيٽ ڪرڻ سان گڏ ڌمڪيون ڏنيون ته جيڪڏهن ڪنهن سان به واقعي بابت ڳالهه ڪئي ته تنهنجي مڙس لاءِ سٺو نه ٿيندو

گهر پهچي پنهنجي مڙس علي محمد ڪوسي کي واقعي بابت ٻڌايون جنهن پيرسن هجڻ سبب مون کي خاموش رهڻ جو چيو

پوليس ڪيس داخل ڪرڻ بعد جاچ شروع ڪري ڇڏي،اڃا تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آئي

ٽنڊوڄام (ت ر)ٽنڊوڄام ويجهو ڳوٺ جمن ڪوسو ۾ شادي شده ناري سان ٻن ڄڻن جي مبينه اجتماعي لڄالٽ واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه آئي ٽنڊوڄام ويجهو ديهه ڪنر جي ڳوٺ جمن ڪوسو ۾ شادي شده عورت سان مبينا اجتماعي لڄالٽ جي واردات پيش آئي آهي متاثر
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڄامشورو جا رهائشي قبضي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

پنوعاقل ۾ بدامني عروج تي پهچي،
هڪ ئي رات ٻن دڪانن کي ڪاٽ،
الهه تلهه چور ٻهاري ويا

پنوعاقل (ن ع)پنوعاقل سٽي ٿاڻي جي حد سڌوجا پرسان مارڪيٽ ۾ نامعلوم چورن جون ٻه دڪان نشانو بڻائي ڇڏيون چورن درشن لعل جي دڙڪي دڪان جا تالا ڪٽي 30 جوڙا ڪپڙن جا ٽي وي، يوسٽ بيٽري، يو پي ايس، سولر ۽ انورٽر سميت قيمتي سامان چوري ڪري ويا جڏهن ته ساڃن ڪمار جي ٻئي واري دڪان جا تالا ٽوڙي 2 ڪٽا ڪارا مرچ ۽ 3 ڪٽا سوڙا جا
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ رائس ملز پاران مطالبا تسليم نه ڪرڻ خلاف احتجاجي ريلي

مهانگائي واري دور ۾ رائس ملز مزدورن جا جائز مطالبا تسليم نه ٿا ڪن:حڪيم دستي

مزدور طبقو پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ ۽ ٻن ويلن جي ماني جو بندوبست ڪرڻ لاءِ سخت پريشان آهي

ٽنڊو محمد خان(ذ ر)ٽنڊو محمد خان ۾ رائس ملز ايسوسيئيشن پاران آل پليدار يونين جا مطالبا تسليم نه ڪرڻ خلاف آل پليدار يونين جي اڳواڻن ۽ مزدورن پاران اسٽيشن روڊ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو وڌندڙ مهانگائي خلاف نعريبازي ڪندي مطالبو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ افغانستان مان ڪي پي ڪي ذريعي روزاني جي بنيادن تي هزارين ڪنٽينرن ۾ هٿيار اچن ٿا: ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو

پوليس ڪيترن ئي غيرقانوني ترسيل افغانين کي گرفتار ڪيو جن کي مقامي ماڻهن جي پٺڀرائي حاصل هئي:شيراز نظير عباسي

سمورن ڪنٽينرن کي چيڪ ڪرڻ ممڪن ناهي،پر ان جي باوجود لاڙڪاڻو رينج پوليس جون ڪوششون جاري آهي

لاڙڪاڻي سان بلوچستان ۽ پنجاب صوبي جون سرحدون لڳن ٿيون جنهن ڪري انهن هنڌن تي ڏوهاري وارداتون ٿي رهيون آهن

قبائلي جهيڙن جي روڪٿام لاءِ ڪوششون جاري آهن،جيئن علائقي جي ڄڳن شخصيتن کي وچ ۾ آڻي جهيڙيندڙ ڌرين وچ ۾ ٺاهه ڪرائي سگهجي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي رينج لاڙڪاڻو شيراز نظير عباسي چيو آهي ته انڪشاف ڪندي چيو آهي ته افغانستان مان ڪي پي ڪي ذريعي سنڌ ۾ روزاني جي بنيادن تي هزارين ڪنٽينرن ۾ هٿيار
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽ غلام محمد: اسڪول عمارت سڻ رولڙي جو شڪار نظر اينڊي، ٻئي طرف شاگرد کلي آسمان هيٺ تعليم پرائي رهيا آهن

لاڙڪاڻي ۾ مبينہ گم ٿيل نوجوان جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڀاءُ وزير علي کي غالب نگر مان پوليس موبائيل تي سوار سادا ڪپڙا پهريل اهلڪار کڻي ويا آهن:اياز کهاڙو

معاملي جو نوٽيس وٺي ڀاءُ کي آزاد ڪرائي چانيل پريشاني ختم ڪئي وڃي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي ايوب ڪالوني جي رهواسين طرفان هڪ ڏينهن اڳ مبينا گم ڪيل نوجوان جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پورهيت اياز علي کهاڙو پنهنجي پيرسن والد علي نواز سڻوٽ خورشيد کهاڙو ۽ ٻين سائٽن سان گڏجي الزام لڳائيندي چيو ته گذريل آچاري واري ڏينهن اسٽيٽ ايجنسي جو ڪاروبار ڪندڙ منهنجو ڀاءُ وزير علي کهاڙو پنهنجي دوست شاهد چانڊيو سان گڏجي ڪنهن
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

بدين پوليس جون منشيات
فروشن خلاف ڪارروايون، 10
جوابدار گرفتار، منشيات هٿ

بدين (ذ ر) بدين پوليس جون منشيات فروشن، گٽڪي وڪرو ڪندڙن ۽ روپوش جوابدارن خلاف ڪارروايون، ڪيترائي جوابدار گرفتار وڏي مقدار ۾ منشيات ۽ ديسي شراب هٿ ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي روپوش ۽ اشتهاري جوابدارن جي گرفتاري ٽوڙي منشيات فروشن خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري آهن تفصيل موجب ايس
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ بدامني،هڪ ئي ڏينهن ۾ ٽي وارداتون

مسجد جي گيٽ اڳيان پيش امام جي موٽرسائيڪل چوري

نوجوانن کان آءِ فون سميت 3 فونون، هزارين روپيا نقدي ۽ ٻيو سامان هٿيارن جي زور تي ڦر

ڪوٽڙي (ن ع)ڪوٽڙي سائيٽ ۾ بدامني ۽ بد امني عروج تي پهچي وئي آهي هڪ ڏينهن ۾ ٽي وارداتون هڪ واردات ۾ مسجد جي گيٽ اڳيان پيش امام جي موٽرسائيڪل چوري فجر جي نماز وقت ٻيو اسٽاپ تي جامع حسيني مسجد جي پيش امام مولانا امجد قادري جي مسجد گيٽ اڳيان بيٺل موٽرسائيڪل چوري ٽالا ٽوڙي چوري ڪري ويا متاثر پيش امام ٻڌايو ته
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ سائين سنت چانڊو
رام صاحب جي پهرين ورسي
تقريب، لفظن جي پيٽا پيش

پنوعاقل(ن ع) سائين سنت چانڊو رام صاحب جو درس اهو رهيو ته انسان جمڻ کان پوءِ پنهنجي زندگي فضول ڪمن کان پرهيز ڪرڻ ۽ دولت مند ٿيڻ کان پوءِ خرچ بهتر ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ ڪرڻ گهرجي امن پيار محبت، شانتي ۽ ڀائيچاري کي هٿي ڏيڻ گهرجي پنهنجي مذهب مطابق پنهنجي مذهب کي اجاگر ڪرڻ تائين پنهنجو ڪم ڪجي کي ماڻهو اهڙا هوندا
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: ورسي تقريب جو ڏيک

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جي لتاڙ خلاف لانگ مارچ ختم

اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي جو حيدرآباد کان ڪراچي لاءِ نڪتل لانگ مارچ ٺٽي پهتو

رياض شاهه شيرازي، عاجز ڌامراهه ۽ سيد محمود عالم شاهه تي ٻڌل حڪومتي وفد جي شاگردن سان ڳالهيون

ڳالهين ۾ اڳڀرائي بعد شاگردن لانگ مارچ ختم ڪرڻ ۽ سياڻي وزيراعليٰ هائوس آڏو ڌرڻو نه هڻڻ جو اعلان

ٺٽو (ذ ر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جي لتاڙ خلاف اسٽوڊنٽس ايڪشن ڪميٽي پاران حيدرآباد کان ڪراچي لاءِ نڪتل احتجاجي لانگ مارچ رات ٺٽي پهچڻ بعد اڄ حڪومتي وفد جون شاگردن
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

استاد اتحاد زنده باد
پ ٽ الف زنده باد
علامتي بک هڙتال
پاران: پ ٽ الف سٽي سکر ۽ تعلقه نيو سکر

سکر: پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

From Poverty to Prosperity
Dukhtaran-e-Pakistan Excellence Awards 2026

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جو بين الاقوامي ڪانفرنس جي اختتامي سيشن ۾ شرڪت ڪندڙن سان ورتل گروپ فوٽو

ڪپرو لڳ نوجوان ناري زهر پي خودڪشي ڪري ڇڏي

ديهه ڪير هڏي واسي ڪويتا زال وسيچند اوڏ انتهائي قدم کنيو

عورت کي وارث ڪڍائي اسپتال پهتا جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

ڪپرو (ن ع) ڪپرو لڳ ديهه ڪير هڏي نوجوان عورت ڪويتا زال وسيچند اوڏ گهر وارن کان ناراض ٿي زرعي دوا پي ڇڏي جنهن کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

ٺٽي ۾ ڳوٺاڻن جو ڳوٺ تي چڙهائي خلاف احتجاجي مظاهرو

صدر ايوب جي دور کان رهندڙ آهيون، هاڻي بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: ڳوٺاڻا

بااثر شخص پوليس مدد سان ڳوٺ تي چڙهائي ڪري ڪچهه، گهر مسمار ڪري ڇڏيا آهن

ٺٽو (ذ ر) گجو ويجهو ڳوٺ جمن ڪاتيار تي مبينا چڙهائي، گهر ڊاهڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج قديمي ڳوٺ بچائڻ جي اپيل گهارو لڳ ديهه ڪاريسر جي ڳوٺ جمن ڪاتيار جي رهواسين مبينا طور بااثر شخص پاران پوليس جي مدد سان ڳوٺ تي چڙهائي ڪري گهر ڊاهڻ واري عمل خلاف احتجاج ڪندي ٻڌايو آهي ته هو صدر ايوب جي دور کان وٺي هن ڳوٺ ۾ رهائش پذير آهن پر ڪين هاڻي مبينا طور بي دخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ڳوٺاڻن الزام هنيو آهي ته بااثر شخص ڳوٺ جي زمين جا مبينا طور ڪوڙا ڪاغذ تيار
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيبر پختونخواهه ۾ اخبارن جي رهيل واجبات جي پهرين قسط جاري

پشاور هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي لڳ ڀڳ 40 ڪروڙ روپين جي ادائيگي ڪئي وئي

رهيل واجبات جي ادائيگيءَ سان ورڪنگ صحافين جي حالتن ۾ بهتري اچڻ جي اميد

ڪراچي(بيورو رپورٽ) آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (APNS)پاران خيبر پختونخواهه جي اطلاعات کاتي طرفان اخبارن جي رهيل واجبات جي پهرين قسط جاري ڪرڻ تي اطمينان ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي اي پي اين ايس جي صدر سينيٽر سرمد علي ۽ سيڪريٽري جنرل محمد اطهر قاضي اخبارن جي رهيل واجبات جي پهرين قسط جي ادائيگيءَ جو آڌرڀاءُ ڪندي چيو آهي ته پشاور هاءِ ڪورٽ، اي پي اين ايس جي رٽ پٽيشن تي 5 آڪٽوبر 2026 ع تي خيبر پختونخواهه جي اطلاعات کاتي کي اخبارن
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: سيد هارون شاهه (APNS)جي نمائندگي ڪندي، پرنٽ ميڊيا جي رهيل واجبات جي مد ۾ اطلاعات کاتي حڪومتِ خيبر پختونخواهه کان چيڪ وصول ڪري رهيو آهي

پ ٽ الف باقراڻي ۾ ٻئي ڏينهن به مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

تعلقي جي مختلف اسڪولن جي استادن احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي

انيشئل اپائنمنٽ کان ريگيولر ڪيو وڃي، آءِ بي اي جي رهيل ڊيٽا بيس جاري ڪيو وڃي: اڳواڻ

باقراڻي(رپورٽ:خدا بخش ابڙو)پ ٽ الف باقراڻي ٻئي ڏينهن به مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب باقراڻي اڳيان احتجاجي مظاهرو ۽ علامتي بک هڙتال.پ ٽ الف تعلقي باقراڻي پاران مرڪزي سڏ تي مطالبن جي مڃتا لاءِ ٻئي ڏينهن به باقراڻي تعلقي جي مختلف اسڪولن جي استادن احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب باقراڻي اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي ، پ ٽ الف تعلقي باقراڻي جي صدر امداد علي منگي، ضلعي اڳواڻ منظور منگي، ممتاز علي پيرو ،نادر علي هليو مقبول احمد جتوئي، عبدالله ابڙو، سهيل
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ملاح برادري جو بااثرن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ ڊرب پهنواري ڊبر واسي مردن ۽ عورتن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

برادري جي بااثرن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، پوليس فرياد نٿي ٻڌي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي ڀرپاسي واري ڳوٺ ڊرب پهنواري ڊبر جي رهواسين ملاح برادري جي مردن ۽ عورتن علائقي جي بااثر ماڻهن جي مبينا ظلمن ناانصافين ۽ پوليس جي مبينا ناروا سلوڪ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سنڌن نوجوان اختيار ملاح کي فوري طور بازياب ڪرائي، واقعي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ مبينا طور ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي احتجاج دوران مائي زرينا ۽ دليل احمد ملاح صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته لڳ
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سکر: ملاح برادري جا ماڻهو پوليس ۽ بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

ٺٽون ديرو ٿاڻي جي وائرليس آپريٽر ۽ پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

وائرليس آپريٽر رابيل سيڙو کي ساڍا 700 چورس فوٽ جڳهه 7 هزار روپيا ماهوار مسواڙ تي ڏني،محرم مگنيجو

رابيل سيڙو سان مسواڙ جا پئسا ڏيڻ بند ڪرڻ بعد ڪوڙين ايگريمينٽن ناهي قبضو ڪري ڇڏيو آهي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ٺٽون ديرو شهر جي احمد شاهه ڪالوني جي رهواسي شوروم هلائيندڙ پورهيت پنهنجي پٽ ۽ ٻين وارثن سان گڏجي ٺٽون ديرو ٿاڻي جي وائرليس آپريٽر ۽ ٺٽون ديرو پوليس جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي پورهيت محرم علي مگنيجو پنهنجي پٽ بهادن پائيجن بادشاهه ۽ دوست محمد مگنيجو سان گڏجي ٻڌائيندي چيو ته مان سال 2016 ع ۾ ٺٽون ديرو ٿاڻي جي وائرليس آپريٽر رابيل سيڙو کي پنهنجي ساڍا 700 چورس فوٽ جڳهه 7 هزار روپيا
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

باقراڻي تعلقي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سارين جي سٽ ڪٽ ۽ لابارو شروع

مناسب اگهه نه ملڻ سبب آبادگار ۽ هاري سخت پريشانيءَ کي منهن ڏيڻ لڳا

پوکائي کان وٺي فصل جي لاباري تائين ٻج، ڀاڻ، زرعي دوائن، ڊيزل ۽ مزدوريءَ تي وڏا خرچ اچن ٿا:هاري

باقراڻي(ن ع)باقراڻي تعلقي جي مختلف شهرن ڳوٺن خير محمد آريجا، پنجو ديرو، مڏباهو، پڻاڻ، فريد آباد، ڳيريلو، ٻٽا ڪلهوڙا، بقاپور بکوديرو حسن واهڻ بنگل خان ابڙو باقراڻي اسٽيشن مشوري،دولت ڪوڪر مهراب پور سونو جتوئي فريد آباد سميت تعلقي جي ٻين مختلف علائقن ۾ سارين جي لاباري ٽوڙي سٽ ڪٽ جو ڪم جاري آهي جتان فصل مارڪيٽن ڏانهن منتقل ڪيو پيو وڃي جڏهن ته فصل تيار ٿيڻ ۽ مارڪيٽ ۾ وقت سر پهچڻ باوجود مناسب اگهه نه ملڻ ڪري آبادگار ٽوڙي هاري پنهنجي زرعي خرچن جي پورائي بابت
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ موريو ساند جي رهواسين پاران بااثرن خلاف احتجاجي مظاهرو

رمضان ساند،احمد عرف ڏاڏو،اسحاق . عباس علي ۽ سلمان ساند بناجواز تنگ ڪري رهيا آهن: چاموڻ ساند

اسان جي نوجوان عرفان ساند مٿان مشائخ هوٿي ٿاڻي تي ڪوڙا ڪيس پڻ داخل ڪرايا ويا آهن

ٽنڊوالهيار (ذ ر)ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ موريو ساند جي رهواسين پاران بااثرن جي ڏاڍائين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن چاموڻ زال محمد عثمان ساند . برهان ساند،منظور ساند ۽ ٻين ٻڌائيندي چيو ته اسان جي برادري جا ماڻهون رمضان عرف رمو ساند . احمد عرف ڏاڏو . اسحاق . عباس علي ۽ سلمان ساند بناجواز تنگ ڪري رهيا آهن جن اسان جي نوجوان عرفان ساند مٿان مشائخ هوٿي ٿاڻي تي ڪوڙا ڪيس پڻ داخل ڪرايا آهن هنن چيو ته مذڪوره ماڻهون ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ علامتي بک هڙتال، احتجاج

استادن پريس ڪلب اڳيان هٿن ۾ بينر کڻي بک هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو

استادن جو سروس اسٽرڪچر بحال ڪري ڪلسٽر پاليسي ختم ڪئي وڃي:قادر بخش

هالا (ت ر)هالا ۾ پ ٽ الف استادن جو مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال احتجاج هالا ۾ پ ٽ الف جي استادن پاران پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج دوران استادن هٿن ۾ بينر کڻي نعريبازي ڪئي ۽ پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ آواز اٿاريو احتجاج جي اڳواڻي پ ٽ الف مٽياري جي صدر قادر بخش ٻگهيو ذبير انصاري، اعجاز ميمڻ شوڪت ٻگهيو
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ: تنگواڻي پوليس جي مبينا زيادتين خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪندي

سنڌ کي نون صوبن ۾ ورهائڻ، ڪئنالن ۽ ڊيمن جي اڏاوت خلاف عوامي تحريڪ گولاڙچي جو ڪنوينشن

زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضا ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي ڌاڙا ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهن: لال جروار

هاري ۽ آبادگار معاشي بحران جو شڪار، فصلن جا مناسب اگهه مقرر ڪرڻ ۽ زرعي شين جون قيمتون گهٽايون وڃن

غلام علي نوحاڻي عوامي تحريڪ تعلقي گولاڙچي جو صدر، جميل ملاح جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو

بدين (ذ ر) سنڌ کي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي نالي ۾ ورهائڻ، زمينن ۽ معدني وسيلن تي قبضن، جلاليور سميت سمورن ڪئنالن ۽ ڊيمن جي اڏاوت، 28هين آئيني ترميم، مهانگائي ۽ زرعي فصلن جا اگهه
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاهه ڪريم لڳ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، رٽائر استاد فوت، هڪ زخمي

تيز رفتار موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب ڪورواهه واسي محمد عثمان ڪنڀار فوت ٿي ويو

حادثي ۾ نور محمد سومرو سخت زخمي ٿي پيو، لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بلڙي شاهه ڪريم/ڪورواهه (نمائندن وڪان) بلڙي شاهه ڪريم روڊ تي ٻن تيز رفتار موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪرحادثي ۾ ڪورواهه واسي رٽائرڊ پرائمري استاد محمد عثمان ڪنڀار فوت ٿي ويو حادثي ۾ جنهاڻ سومرو جو رهواسي نوجوان نور محمد سومرو سخت زخمي ٿي پيو فوت ٿيل شخص جو لاش ۽
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: ڦر دوران مارجي ويل ڦورو محمد اشرف سومرو ۽ زخمي جوابدار مشتاق پڇي

ميرپورماٿيلو لڳ هٿياربند
ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل ۽
سامان ڦري ويا، احتجاج

ميرپورماٿيلو(ن ع) ميرپورماٿيلو ويجهو ڳوٺ گنهور خان پتافي جي رهواسي ڳوٺاڻي کان موٽرسائيڪل40 هزار روپيا روڪ ۽ موبائيل فون ڦر اطلاع باوجود پوليس نه پهچي ڳوٺاڻن جو پوليس خلاف ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ان موقعي تي اڳواڻن ممتاز پتافي،محمد عثمان پتافي، محمد صديق، عابد پتافي ۽ ٻين چيو ته صبح
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: خودڪشي ڪندڙ 10 ورهين جي نينگر جو لاش پيل آهي

گمبٽ ۾ نينگر پاڻ کي ڦاهو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ٻئي درجي جي شاگرد 10 ورهين جي ايان علي پٽ نعيم ميمڻ انتهائي قدم کنيو

نينگر کي وارث ڪڍائي اسپتال پهتا ته ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

گمبٽ (ت ر) گمبٽ شهر ۾ ٻئي درجي جو شاگرد 10 سالا نينگر ايان علي پٽ نعيم ميمڻ پنهنجي ئي گهر ۾ ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته وارثن پاران نينگر کي فوري طور تي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جتان ضروري ڪاروائي بعد نينگر جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته ڊي ايس پي گمبٽ ايس ايچ او گمبٽ واقعي واري هنڌ پهچي وارثن کان تفصيل ورتا پوليس موجب واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي گمبٽ پوليس جو چوڻ آهي جاچ جاري آهي.

ٽنڊوالهيار ويجهو ٽنڊوسومرو گرلس پرائمري اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪري پيا،12 ٻارڙا زخمي

ٽنڊوسومري جي گرلس پرائمري اسڪول ۾ ڪلاس جاري هو ان دوران ڇت جا ڇاپڙ ڪري پيا

12 اسڪولي ٻارڙا زخمي ٿي پيا،ڳوٺاڻن زخمي ٻارڙن کي ٽنڊوسومرو جي سرڪاري اسپتال سميت ٻين اسپتالن ۾ نيو

اسڪول ۾ شاگرد تعليم حاصل ڪري رهيا هئا اچانڪ ڌماڪي جو آواز آيو اسڪول ڀڄتاسين ته 12 جي لڳ ڀڳ ٻارڙا زخمي هئا؛ ڳوٺاڻا

تعليم کاتي جي نااهلي آهي اسڪول جي عمارت زبون هجڻ بابت شڪايتن ڪيون پر عمارت جي تعمير ناهي ٿي

ٽنڊوالهيار (ذ ر)ٽنڊوالهيار ويجهو ڳوٺ ٽنڊوسومرو ۾ پرائمري اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان شاگردن مٿان ڪري پيا . 12 ٻارڙا زخمي . اسپتال منتقل ٽنڊوالهيار ويجهو ڳوٺ ٽنڊوسومري جي گرلس پرائمري
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ-ٿل روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر، چار ڄڻا زخمي

مانجهي پل ويجهو المدينه هوٽل وٽ تيز رفتار موٽرسائيڪلون آمهون سامهون ٽڪرائجي ويون

رحيم بخش ڏاهاڻي ۽ مظهر قمبراڻي سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڪنڊڪوٽ (ذ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ ڪنڊڪوٽ ٿل روڊ مانجهي پل لڳ المدينه هوٽل وٽ تيز رفتار ٻن موٽرسائيڪل ۾ آمهون سامهون زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻن موٽرسائيڪل سوار رحيم بخش ڏاهاڻي مظهر قمبراڻي سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي فوري طور تي اسپتال تنگواڻي منتقل ڪيو ويو جتي هڪ ڄڻي جي حالت گنڀير ڄوڳي ٻڌائي پئي وڃي جنهن کي سکر منتقل ڪيو ويو آهي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

ٽنڊوآدم پاران غيرقانوني رهندڙ
21 افغانين کي گرفتار ڪري
ڪراچي منتقل ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊو آدم ۾ بي سيڪشن پوليس گلزار ڪالوني ۾ ڪاروائي ڪري غيرقانوني رهندڙن 4 عورتن 13 ٻارڙن سميت 21 افغانين کي گرفتار ڪري ورتوان سلسلي ۾ ايس ايچ او
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ ڊي ايڇ او ۽ ڊرگ انسپيڪٽر جي مبينا زيادتين خلاف ميڊيڪل اسٽور بندڪري هڙتال

غير واسطيدار ماڻهن سان گڏ ميڊيڪل اسٽورن تي بنا جواز چڙهايون ڪري دڪاندارن کي پريشان ڪيو پيو وڃي: ايسوسيئيشن

پئسا نه ڏيڻ تان ڪارروايون ڪرڻ جا الزام، ڊي سي ڪشمور جي آفيس آڏو احتجاج ۽ سخت نعريبازي

ڊي سي سان ڪامياب ڳالهين بعد هڙتال ختم، غيرقانوني ڪارروائي نه ٿيڻ جي خاطري ڪرائي وئي: پرڪاش لال

ڪنڊڪوٽ (ذ ر) ڊي ايڇ او ڪنڊڪوٽ اعجاز شاهه ۽ ڊرگ انسپيڪٽر جنيد عباسي جي مبينا زيادتين خلاف ميڊيڪل ايسوسيئيشن پاران ميڊيڪل اسٽورن کي تالا هڻي ڊي سي آفيس جي مين گيٽ آڏو
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: قاسم آباد جا رهواسي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

ڪپرو ۾ پ ٽ الف مرڪزي
سڏ تي ۽ استادن پاران
علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

ڪپرو(ن ع) پ ٽ الف سنڌ پاران اعلانيل مطالبن جي مڃتا لا علامتي بک هڙتال پريس ڪلب ڪپرو آڏو قائم ڪئي وئي پ ٽ الف ضلعي سانگهڙ جي صدر پير بخش راڄڙ عباس شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي احتجاج ڪندڙ استادن پاران جائز مطالبا تسليم ڪري پورا ڪرڻ جو مطالبو مطالبا پورا نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائڻ جو چتاءُ ڏنو آهي

ايمان آرٽس ڪائونسل پاران "طارق آڪاش شو" جي نالي سان تقريب

ايمان آرٽس ڪائونسل پاران استادن جي خدمتن کي ساراهيندي ڪين ايوارڊ پيش ڪيا ويا

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)ايمان آرٽس ڪائونسل پاران "طارق آڪاش شو" جي نالي سان شاندار تقريب، استادن کي ايوارڊ ڏنا ويا گذريل رات ايمان آرٽس ڪائونسل ڄامشورو سنڌ پاران پير حسام الدين شاهه راشدي آڊيٽوريم هال،سنڌالاجي يونيورسٽي آف ڄامشورو ۾ "طارق آڪاش شو" جي نالي سان هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب دوران ٽيچرز ڊي جي مناسبت سان ايمان آرٽس ڪائونسل پاران استادن جي خدمتن کي ساراهيندي ڪين ايوارڊ پيش ڪيا ويا. تقريب جي ميزبان طرفان آيل مهمانن کي سنڌي ثقافت جي علامت طور
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: ايمان آرٽس ڪائونسل پاران منعقد "طارق آڪاش شو" جي تقريب جو ڏيک

خيرپور سي آءِ اي پوليس پاران
جوابدار کي منشيات سميت گرفتار
ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ذ ر) خيرپور سي آءِ اي پوليس منشيات سپلائي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان وڏي مقدار ۾ گٽڪي نشي آور سوپاريون ۽ هڪ ڪار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پوليس موجب سي آءِ اي ٽيم هيرلو آرمي موڙ وٽ ناڪابندي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڙو ۾ پ ٽ الف جي استادن
پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ
احتجاجي مظاهرو

ڪنڊڙو (ن ع) پ ٽ الف جي استادن پاران جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪنڊڙو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ورتي . احتجاج ۾ شريڪ استادن حڪومت سنڌ ۽ تعليم کاتي کان مطالبو ڪيو ته پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر جلد منظور
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پوليس ڏوهارين خلاف
ڪارروائيون، 3 جوابدارن گرفتار،
منشيات، هٿيار ۽ گوليون هٿ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس ڏوهارين خلاف ڪارروائيون ڪندي 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري منشيات، هٿيار ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر: پوليس ڪارروائي ۾ بازياب ڪرايل ٻار وارثن حوالي ڪيا پيا وڃن

خورشيد ڪالوني هائي اسڪول جي شاگردن پاران سهولتن جي اڻهوند خلاف احتجاج

شاگردن اسڪول جو بائيڪاٽ ڪري ٽائر کي باهيون ڏيئي روڊ بلاڪ ڪيو

استاد اسڪول اندر پاڻ پاڻي جي نظام کي بهتر بنائي پاڻ لاءِ سهولت ڪن ٿا،شاگرد

اسان مجبور ٿي ٻاهر هوٽلن تان، دڪانن تان ۽ اسڪول جي ٻاهران گهڻن مان پاڻي گهرڻ وڃي پيون ٿا

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)ڪوٽڙي سائيٽ خورشيد ڪالوني هائي اسڪول جي شاگردن پاران اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند خلاف اسڪول سامهون ٻيهر اسٽاپ وٽ اسڪول ڪائيم جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو جنهن بعد شاگردن روڊ تي ٽائر کي باهيون ڏيئي روڊ بلاڪ ڪيو جنهن سبب ٻنهي طرفن کان ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهجي ويون. شاگرد اسڪول جي سهولتن جي پورائي لاءِ زوردار نعريبازي پڻ ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي شاگردن ميڊيا آڏو ٻڌائيندي الزام هنيو ته استاد اسڪول اندر پاڻ پاڻي جي نظام کي بهتر بنائي پاڻ لاءِ
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پوليس اهلڪار جي ريڙهو هلائڻ وارو ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

وائرل ٿيل ويڊيو ۾ پوليس اهلڪار جي ڪيرن جو ريڙهو هلائيندي ڏسي سگهجي ٿو

رڪشا ڊرائيور جي فرياد تي پوليس اهلڪار ريڙهي کي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪري ڇڏيو:پوليس

پوليس اهلڪار طرفان ريڙهي واري معاملي جي ترديد،شهرين طرفان پوليس جي پگهارن ۾ واڌ جي گهر

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ)لاڙڪاڻي ۾ پوليس اهلڪار جي ڪيرن جو ريڙهو هلائڻ وارو ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل، شهرين طرفان پوليس جي پگهارن ۾ واڌ جي گهرلاڙڪاڻو پوليس جي پوليس اهلڪار طرفان ريڙهي تي ڪيرا وڪرو ڪرڻ جي ترديد ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي شهر جي سچل ڪالوني واري علائقي ۾ سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل ويڊيو ۾ مبينا طور پوليس اهلڪار جي ڪيرن جو ريڙهو هلائيندي ڏسي سگهجي ٿو اهڙي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ بعد شهرين طرفان سوشل ميڊيا تي ڪمينٽس ڏئي پوليس اهلڪارن جي پگهارن ۾ واڌ ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي آهي ٻئي طرف لاڙڪاڻو پوليس پنهنجي جاري
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: خورشيد ڪالوني هائي اسڪول جي شاگردن پاران سهولتن جي اڻهوند خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور جي عدالت پاران قتل جو
ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن کي
جنم ٽيپ سميت ڏنڊ جي سزا

خيرپور(ذ ر) فرسٽ ايڊيشنل اينڊ ڪرمنل ماڊل ٽرائل ڪورٽ خيرپور جي جج لياقت علي ڪوسو جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ٻن ڀائرن کي عمر قيد ۽ 20، 20 لک روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي عدالتي ذريعن موجب جوابدارن ۾ علي داد ٿيٻو ۽ همت علي ٿيٻو شامل آهن جوابدارن 2020 ع ۾ ٽنڊومستي جي ڳوٺ ٿيٻا ۾ سڱاوتي جي تڪرار تان فائرنگ ڪري نثار
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

پيرڳوٺ لڳ ڌوهاري جي فائرنگ ۾ مارجي ويل نينگر جو ڪيس داخل نه ٿيڻ، احتجاج

ڪچي واري علائقي ۾ ٽي ڏينهن اڳ پوليس ۽ ڌوهارين جي فائرنگ ۾ ٻن ورهين جو زبير ملاڻو مارجي ويو

پوليس جي نااهلي ڪري اسان جو نينگر مارجي ويو آهي ڪيس به داخل نٿو ڪيو وڃي: وارث

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر، ايس ايس پي ۽ معاملي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪري انصاف فراهم ڪن

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪانوري) گمبٽ لڳ پيرجو ڳوٺ جي ڪچي واري علائقي ۾ ٽي ڏينهن اڳ پوليس ۽ ڌوهارين جي مبينا مقابلي دوران گولي لڳڻ ڪري مارجي ويل ٻه ورهين معصوم نينگر زبير ملاڻو جي
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: بي سيڪشن پوليس پاران گرفتار 21 افغاني کي ڪراچي منتقل ڪيو پيو وڃي

ملاڪاتيار پوليس جون مختلف
ڪارروايون، 5 جوابدار گرفتار
ڪرڻ جي دعويٰ

ملاڪاتيار (ن ع)ملاڪاتيار پوليس جون مختلف ڪارروايون 5 جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ چرس مين پڙيون ڪچو شراب ۽ ٻه موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ، ايس ايڇ او ملاڪاتيار شوڪت علي ٻگهيو
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.